
چونڊ
شاهڪار
ڪهاڻيون
سنڌيڪار
جهانگير عباسي

# چونڊ شاهڪار ڪهاڻيون

سنڌيڪار

## جهانگير عباسي

سڪرنڊ/حيدرآباد. سنڌ
2018ع

**ڊجيٽل ايڊيشن:**
2019ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

مارئي اڪيڊمي جو ڪتاب نمبر 50

ڪتاب جو نالو : چونڊ شاھڪار ڪھاڻيون
سنڌيڪار : جھانگير عباسي
ڇاپو پھريون : 2018ع
ڇپائيندڙ : مارئي اڪيڊمي، سڪرنڊ/ نواب شاھ
ڪمپوزنگ : راڻو خان ميگھواڙ
: سُورج پرنٽرس، حيدرآباد، سنڌ
قيمت : 260/- (ٻہ سؤ سٺ رپيا)

**لکپڙھ لاءِ پتو**

**مارئي اڪيڊمي**

بنگلو نمبر 198، ماروي ٽائون،
قاسم آباد، حيدرآباد، سنڌ.
موبائل نمبر: 03003094140
03343305344

CHOOND SHAHKAR KAHANION
Translate by: Jehanger Abbasi
Published by: Marui Academy, Sakrand/ Hyderabad, Sindh
1st Edition: 2018
Composing: Rano Khan Meghwar
Souraj Printers, Hyderabad, Sindh
Price Rs. 260/-

# ارپنا

آءُ پنهنجي پيار جو هي پورهيو پنهنجن پٽن



عون محمد عباسي



اذلان محمد عباسي



نافع محمد عباسي

جن جي نانءُ ڪيان ٿو
جيڪي منهنجي سموري ڪائنات آهن.

**ـ جهانگير عباسي**

# سنڌ سلامت پاران

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”چونڊ شاھڪار ڪھاڻيون“** اوھان اڳيان پيش ڪجي ٿو. مختلف ٻولين جي شاھڪار ڪھاڻين جي ترجمي تي مشتمل ھن ڪتاب جو سنڌيڪار محترم **جھانگير عباسي** صاحب آھي.

ترجمي جو ھيءُ ڪتاب ڪُل تيرنھن ڪھاڻين تي ٻَڌل آھي. اھي تيرنھن ئي ڪھاڻيون مختلف ٻولين مان ترجمو ڪيل آھن. جن ۾ ترڪي، عربي، مراٺي، اردو، پنجابي ۽ ھندي شامل آھن. ھنن ڪھاڻين جا سمورا ليکڪ پنھنجي پنھنجي ٻوليءَ جا نالي وارا، مشھور ۽ دلپذير ليکڪ آھن. ترڪي جو نجيب فاضل، مصر جو نجيب محفوظ، مراٺي ڪھاڻيڪار مدھوش منگيش ڪرنڪ ۽ شريمتي سانيا، اردو ڪھاڻيڪار ڪرشن چندر، خواجہ احمد عباس، گلزار، امراؤ طارق، آغا گُل، منشا ياد، پنجابيءَ جو ڪرتار سنگھ دگل ۽ ھندي ڪھاڻيڪار ويڪوم محمد بشير ۽ منشي پريم چند ھن ڪھاڻي ڪتاب ۾ شامل آھن. اھي سمورا ليکڪ پنھنجي فن جا ماھر آھن ۽ انھن جون ادب جي ڪيتر ۾ پنھنجون پنھنجون ڳڻپ لائق خدمتون آھن. سندن مختصر تعارف ڪھاڻين سان گڏ ڪتاب ۾ موجود آھي.

ھي ڪتاب **مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ/نوابشاھ** پاران 2018ع ۾ ڇاپيو ويو. ٿورائتا آھيون محترم جھانگير عباسي صاحب جا جنھن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوھان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿاھ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رھنمائي جو منتظر.



**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


| | |
|---|---|
| مترجم پاران: ڪهاڻين جي ڪٿا! | 07 |
| مهاڳ: گُلن جي ٻاريءَ جهڙو ڪتاب | 10 |

| ٻولي | عنوان | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| هندي | ٺاڪر جو کُوهه | منشي پريم چند | 16 |
| اردو | ٻه وِڪا ڏگهي سڙڪ | ڪرشن چندر | 21 |
| اردو | ابابيل | خواجه احمد عباس | 28 |
| اردو | راوي پار | گلزار | 34 |
| هندي (مليامينم) | جنم ڏينهن | ويڪوم محمد بشير | 39 |
| هندي پنجابي | چانڊوڪي رات جو ستم | ڪرتارسنگهه دگُل | 49 |
| هندي مراٺي | يادن ۾ سمايل چانڊوڪي | مدهُو منگيش | 55 |
| هندي مراٺي | خدا حافظ | شريمتي سانيا | 61 |
| ترڪي | بيمار جواري جو موت | نجيب فاضل | 77 |
| مصري | جواب "نه" ۾ آهي | نجيب محفوظ | 82 |
| اردو پاڪستاني | تماشو | منشا ياد | 88 |
| اردو پاڪستاني | ويهن سالن کان پوءِ | امراؤ طارق | 97 |
| اردو پاڪستاني | پرٿوي ـ غوري | آغا گُل | 104 |

مترجم پاران:

# ڪهاڻين جي ڪٿا!

ڪهاڻي لکڻ/ پڙهڻ ۽ ٻُڌڻ منهنجي وجود ۾ ائين سمايل آهي، جيئن جسم جي رڳ رڳ ۾ رت. ننڍي هوندي ڳوٺ جي پنهنجي وڏي ويڙهي واري گهر ۾ ٻرندڙ چُلهه جي چؤگرد رات جو جڏهن خاندان جا سمورا فرد ٻرندڙ مچ تي اچي مِڙي مچي ٽيندا هئا ته پوءِ خاص ڪري اسان سڀني ننڍن ٻارن جون اکيون مرحيات ڏاڏي ارباب خاتون ۾ کُتل هونديون هيون. جيڪا پوءِ حُقي جي نڙ مان گڙ گڙ ڪندي، چلم ڪي هيڏي هوڏي سوريندي، جڏهن ڳالهه ڪٽندي هئي، تڏهن سڀ ڄڻ پنڊ پهڻ ٿي ويندا هئاسين ـــ سواءِ هن جي وچ ۾ ڪنگهڻ جي، يا وري سانوٽي مند ۾ ٻاهر اوطاق ۾ ٻيٺل انبن جي گهاٽن وڻن هيٺ ڇپر تي ڳوٺ جي وڏڙن جي نه ڪٽندڙ ڪچهريءَ ۾ ڏاندن. گهوڙن ۽ گڏهن جي گوءِ وارن قصن سان گڏ ديوَ مالائي ڪردارن واريون ڪٿائون ٻڌي پوءِ اچي هنڌ ۾ ليٽندو هئس ته باقي رات اڪثر ڊپ، خوف ۾ گذرندي هئي. تڏهن کان وٺي اُهي سڀ ديو مالائي ۽ افسانوي ڪردار هر وقت وجود سان ائين سلهاڙيل رهندا آيا آهن، ڄڻ سيئي منهنجي وجود جو حصو هجن.

اُهو 1988ع جو سال هيو. جڏهن مان مئٽرڪ جو امتحان ڏئي فلمي ۽ ادبي رسالن جي شوق ۾ هر وقت گم رهندو هيس، ته لکڻ جو جنون به ان عمر ۾ ئي ذهن تي سوار ٿيو. ائين پهريون پيرو نه ڄاڻ نه سڃاڻ هوندي وچي هڪ ادبي جماعت جي مشاعري ۾ شريڪ ٿيس، جتي شاعرن مون ڪي شاعري جو شوقين ڏسي هٿن تي ڪنيو ۽ مان پوءِ جهانگير (افق) عباسيءَ جي نئين سڃاڻپ سان شاعر بڻجي لاڙڪاڻي جي هر مشاعري ۾ شامل ٿيڻ لڳم. اڪثر ڪري انهن ۾ ”طرحي“ مشاعرن جو رواج هيو. پوءِ جلد ئي مون کي پڪ ٿي وئي ته شاعري مون لاءِ اُها ڪجيءَ جي چوٽ واري ماڪي آهي، جيڪا سچ ۾ لاهڻ منهنجي وس ۾ نه آهي، ائين وڏيڪ ”اُفق“ تي پڇڙ تارو بڻجڻ جي شوق ۾ پاڻ کي ضايع ڪرڻ کان اڳ شاعر ”اُفق“ کي گمنامي جي کوهه ۾ دفن ڪري ڪهاڻيڪار جو روپ ورتم ۽ پهرين ڪهاڻي ”سي سپ پانيم سُک“ جي عنوان سان لکيم. جيڪا 1989ع ۾ ”جاڳو“ اخبار جي ادبي صفحي ۾ شايع ٿي، جنهن بعد منهنجي ڪهاڻي لکڻ جو سفر اڄ تائين جاري ۽ ساري آهي. اها ڳالهه الڳ آهي ته مان ڪهاڻي لکڻ جي معاملي ۾ پنهنجي وس ۾ نه رهندو آهيان، ڪڏهن ته هڪ مهيني يا سال اندر ڏهه ڏهه ڪهاڻيون به لکيون اٿم، ته وري ڪڏهن لکڻ چاهيندي به ٻه ٻه سال لڳاتار ڪابه ڪهاڻي نه لکي اٿم.

ڪهاڻي لکڻ ۾ جڏهن ڊرائيپ ٿيندي آهي ته. وري اهڙين ڪيترين ئي پڙهيل شاندار ۽ شاهڪار ڪهاڻين جا ڪردار ذهن جي ڪينواس تي ڪر موڙي جاڳي پوندا آهن، جيڪي سڀ جو سڀ ترجمو ڪرڻ تي دل چوندي آهي. ائين انهن ڪهاڻين مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪري ترجمو ڪندي ڪهاڻي نه لکڻ واري ڪِرت کي پورو ڪندو آهيان، جنهن ڪري به منهنجي ترجمي جو شوق عارضي ناهي هوندو. مون

پهرين ڪهاڻي 1991ع ۾ ’لبنان‘ جي جڳ مشهور ليکڪ ’خليل جبران‘ جي ”شيطان“ ترجمو ڪئي هئي، جيڪا ان وقت روزاني ”عوامي آواز“ اخبار جي ادبي صفحي ۾ شايع ٿي هئي. ائين ڪهاڻيءَ جي تخليق سان گڏ ترجمي جو ڪم به هلندو پيو اچي. مون کي سنڌي جي جن مترجمن هر وقت اُتساهه ڏنو آهي، تن ۾ پنهنجي وقت جا تمام وڏا ڪهاڻيڪار ۽ ترجمي نگار فضل احمد بچاڻي، محمد دائود بلوچ، ولي رام ولڀ ۽ چام وقار حسين قادري شامل آهن. مون جڏهن به ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي ڪهاڻي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪئي آهي ته هميشه بچاڻي صاحب جي هن ڳالهه کي اڳيان رکيو آهي ته ”آءٌ ترجما ڇو ٿو ڪريان؟ ان ڪري ته جي ڪا سٺي تخليق نه ٿو پيش ڪري سگهان ته ڪنهن سٺي تخليق جو ترجمو ئي پيش ڪندو رهان، جيڪا جيڪر آءٌ پاڻ پيش ڪرڻ گهرندو هجان.“

منهنجي هن ترجمو ڪيل ڪهاڻين جي ڪتاب ۾ مجموعي طور تي ڪل تيرنهن ڪهاڻيون شامل آهن، جن جا لکندڙ پنهنجي پنهنجي وقت جا ڪهاڻيڪار سمورا ئي ادب ۽ آرٽ جي دنيا جا به تمام وڏا ۽ سگهارا نالا ٿي گذريا آهن. جن ۾ مصر جو نجيب محفوظ، ترڪي جو نجيب فاضل، هنديءَ جو منشي پريم چند، پنجابيءَ جو ڪرتار سنگهه ڏُگل، مرائيءَ جو ويڪوم محمد بشير، اردوءَ جو خواجه احمد عباس ۽ ڪرشن چندر، پاڪستاني ادب مان محمد منشا ياد ۽ امراؤ طارق شامل آهن. جيڪي هاڻي هن دنيا ۾ موجود ناهن رهيا. ائين حال حيات ڪهاڻيڪارن مان نيپال جو مدهو منگيش ڪرنڪ، مرائيءَ جي شريمتي سانيا ۽ هندي/ اردوءَ جي گلزار جي ڪهاڻي به شامل آهي. هن ڪتاب جي ٻي خوبي هيءَ به آهي ته ڪهاڻيڪارن سان گڏ سندن تعارف به ڏنو ويو آهي، جنهن لاءِ مون کي تمام گهڻي جاکوڙ ڪرڻي پئي. ممڪن آهي ته ڪجهه شيون رهجي ويون هجن. هي سموريون ڪهاڻيون اڳ ۾ سنڌ جي مختلف ادبي رسالن ۾ شايع ٿي چڪيون آهن، سواءِ ويڪوم محمد بشير جي ڪهاڻي ”جنم ڏينهن“ جي، جيڪا هن ٻي حسي واري معاشري ۾ حساس تخليقڪار فرد جي داخلي/ خارجي احساسن ۽ عملي پوڄنائن تي ٻڌل هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي.

مان ڪهاڻيڪار اڳ ۾ پوءِ مترجم آهيان. منهنجي سنڌي ۾ ترجمو ڪيل ڪهاڻين جو تعداد ايترو آهي جو هڪ ٻه ٻيا ڪتاب به ترتيب ڏئي سگهجن ٿا. ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين جي چونڊ منهنجي پنهنجي آهي، جن کي ڪيترائي ڀيرا پڙهڻ کان پوءِ به تي ڀيرا ترجمو ڪندي سچ ته مون انهن ڪهاڻين جو ڀيڙو ادبي چسڪو ورتو آهي. هونئن به ترجمو تخليق کان به ڏکيو ۽ وڏي ذميواري وارو ٿڪائيندڙ ڪم هوندو آهي، جنهن ۾ هر هڪ شيءِ جو خيال رکڻو پوندو آهي. ان ڪري جو ٻي ٻوليءَ جي ماحول ۽ ڪردارن کي جڏهن پنهنجي ٻوليءَ جو ويس ڍڪائجي ٿو ته اهو به لازمي ٿئي ٿو ته اُها بلڪل پنهنجي فطري ماحول، ٻولي ۽ پس منظر ۾ به ائين نظر اچي، جيئن پنهنجي اصلوڪي شڪل ۾ موجود آهي. مون ان حوالي سان هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي ته هيءُ ڪم سنڌيءَ جي پڙهندڙن لاءِ لاڀائتو ثابت ٿئي. وڌيڪ فيصلو پڙهندڙ ئي ڪري سگهندا، جن جي راءِ جو مان دل سان ڀليڪار ڪندس.

ھيءُ ترجمو ڪھاڻي ڪتاب ترجمي جي حوالي سان منھنجو ٽيون ڪتاب آھي. ھن کان اڳ پھريون ڪتاب اردو جي مشھور اديب، شاعر ۽ صحافي آغا شورش ڪاشميريءَ جو "اس بازار میں" جو سنڌي ترجمو "حسن جي بازار: ھڪ مطالعو" سال 2011ع ۾ روشني پبليڪيشن حيدرآباد، شايع ڪيو. جنھن جو موضوع طوائف ۽ جسم فروشي ھو. ننڍي ڪنڊ ۾ طوائف جي حوالي سان اھو پھريون ڪتاب پڻ آھي، جنھن جي سن 70 واري ڏھاڪي ۾ شايع ٿيڻ بعد حڪومت پاڪستان ڪتاب کي ضبط ڪندي ليکڪ کي جيل اُماڻيو ھيو. ٻيو ڪتاب اردو جي منفرد ڪھاڻيڪار ۽ ناول نگار ميجر اسد محمد خان جو ڪھاڻي ڪتاب "ورشک" سنڌيءَ ۾ ٻه ساڳي نالي "درشڪ" سان ئي سال 2013ع ۾ قلمڪار قبيلا لاھور پاران شايع ٿيو. مان محترم نواز زئور جو دل سان ٿورائتو آھيان، جنھن منھنجي ھن ٽئين ترجمو ڪيل ڪھاڻي ڪتاب ۾ شامل سمورين ڪھاڻين کي وڏي ڏيان سان پڙھي مھاڳ لکي ڏنو.

**جھانگير عباسي**
الھ آباد، لاڙڪاڻو
03337137917

مهاڳ:

# ڳُلن جي ٻاريءَ جهڙو ڪتاب

ڄم. تخليق، جنم. جنم جو ڏينهن. ماڻهوءَ کان وٺي هن سرشٽيءَ جي پيدائش تائين تخليق جون سموريون حسناڪيون ان ۾ سميٽجي ٿيون اچن. جنم، جيڪو اوم جو اظهار آهي، جيڪو ڪن فيڪون جو پڙاڏو آهي، جيڪو خدا جي ذات جو اقرار آهي، جيڪو هڪڙي مسلسل وهڪ آهي. اهڙي وهڪ، جيڪا ڪٿي ٻه وسرام نه ٿي ڪري، ڪٿي ٻه نه ٿي رڪجي. جيڪا ازل کان ابد تائين جاڳ جي حالت ۾ آهي. انهي ئي وهڪ ۾ خدائي جاڳي ٿي.

انسان انهيءَ لاءِ انتها خدائي جو اهو ننڍڙو نقطو آهي، جيڪو ان ڪي معنيٰ جا نوان ويس وڳا پهرائي ٿو، نوان رنگ روپ ۽ واس ورن اربي ٿو ۽ هر ورن ۾ هڪڙي نئين لهر اڀاري نت نئين معنيٰ پيدا ڪري ٿو.

انسان ۾ جيڪي خدائي صفتون آهن، انهن ۾ هڪ اهم صفت تخليق پڻو آهي، تخليقيت آهي. اهو تخليقي پڻو عورت جي ڪُک مان ڦٽي ٿو، مرد جي آڱرين مان نمودار ٿئي ٿو ۽ اُهو نت نيون صورتون اختيار ڪري ٿو. مرد ۽ عورت گڏجي تخليق جي نئين ڪائنات سرجين ٿا. ڪٿي اها تخليق ڪُک مان ڦٽي ٿي، ڪٿي آڱرين مان اڀري ٿي، ڪٿي ڳلي مان سُر سُر ٿي پرڙا ڦڙڪائي ٿي، ڪٿي رنگ ته ڪٿي مورت ٿي جلويدار ٿئي ٿي، ته ڪٿي لفظ جي چانڊوڪي ٿي پکڙجي ٿي. ائين سڄي ڪائنات ان ۾ سمائجي ٿي وڃي.

هن وقت منهنجي سامهون اهڙي ئي چانڊوڪي پکڙي پيئي آهي. برادرم جهانگير عباسيءَ پاران مختلف ٻولين جي چونڊ ڪهاڻين جي ترجمي جو مسودو منهنجي اکين اڳيان آهي. گذريل ڪافي ڏينهن کان اهو مسودو رند پنڌ، هر جاءِ هر هنڌ مون سان ساڻ رهيو آهي. مون ان کي ڏيان سان پڙهيو آهي، ورائي ورائي ان جي ورق گرداني ڪئي آهي، ور ور ان کي ڏٺو آهي. نالي کان وٺي مواد تائين ان جي حسن مون کي موهيو آهي، متاثر ڪيو آهي، پنهنجي گرفت ۾ ورتو آهي. هن ڪتاب جو نالو آهي ”چونڊ شاهڪار ڪهاڻيون“. جنهن ۾ دنيا جي شاهڪار تخليقي ڪهاڻين جون سموريون حُسناڪيون سمايل آهن.

## ڪهاڻي:

ڪهاڻي ٻه انسان سان گڏ ئي جنم ورتو آهي. ان انسان وانگر ريڙهيون پاتيون آهن، پيرڙا ڪنيا آهن، لڏي لمي آهي، آهستي آهستي پيرن تي بيٺي آهي، هلي آهي ۽ ڊوڙون وڏيون اٿس. اها انسان سان گڏ جائي آهي ۽ انهيءَ سان گڏ ئي وڏي ويجهي آهي. سندن اهو ساٿ، سنگم ۽ سفر ايترو گڏ رهيو آهي، جو انسان خود هڪ ڪهاڻي ٿي پيو آهي ۽ هر ڪهاڻي هڪ نه هڪ انسان جي ڪهاڻي ٿي پئي آهي. اهي

ٻئي هڪٻئي ۾ سمائجي ويا آهن، هڪ ٿي ويا آهن. سندن ساٿ ڇڇي نہ ٿو ڇڇي. اهي هڪٻئي کان الڳ ٿي الڳ نہ ٿا ٿين. اهي لازم ملزوم ٿي ويا آهن، هڪ ٿي ويا آهن. هڪ کان سواءِ ٻئي جو وجود ڪونهي. ٻئي هڪٻئي جي پورڙتا آهن. انسان ۽ ڪهاڻي جو ساٿ اڻ ڇِڄُ آهي، اڻ ٽُٽُ آهي. اهو هميشہ رهڻو آهي. انسان وانگر ٻوليءَ ۽ ڪهاڻيءَ جو ساٿ پڻ هميشہ کان آهي ۽ هميشہ لاءِ رهندو. اهڙي ڪابہ ٻولي ڪانهي، جنهن ۾ ڪهاڻي نہ هجي. هر ٻوليءَ جي هڪ ڪهاڻي آهي ۽ هر ٻوليءَ ۾ ڪئي ڪهاڻيون آهن. ٻوليءَ ڪهاڻي کي جاندار بڻايو آهي ۽ ڪهاڻي ٻوليءَ کي اڳتي وڌي وڌي آهي.

اهڙي نموني سنڌي ٻوليءَ جي بہ هڪ طويل ۽ ڏگهي ڪهاڻي آهي ۽ منجهس ڪئين ڪهاڻيون آهن. اها پنهنجون ڪهاڻيون تخليق ڪري ٿي، پنهنجن ڪهاڻين کي جنم ڏئي ٿي. ڪهاڻيون ان جي ڇاتيءَ مان ائين ٿيون نڪرن، جيئن ماءُ جي اُرهن مان ٿڃ وهي نڪرندي آهي. سنڌي ٻولي، ڪهاڻيءَ لا زرخيز ۽ حُسناڪ ٻولي آهي. ان ۾ تخليق جا واهڙ سنڌو درياهہ وانگر موجون هڻن ٿا. نہ رڳو ايترو تہ سنڌي ٻولي پنهنجي اندر مان ڪهاڻين کي سِرجي ٿي، پر منجهس اها وسعت پڻ آهي تہ اها ٻين ٻولين جي ڪهاڻين کي پڻ پاڻ سمائي ٿي. دنيا ۾ اهي ٻوليون شاهوڪار ۽ وسيع آهن، جيڪي ٻين ٻولين جي ادب کي پنهنجي پاند ۾ جڳهہ ڏين ٿيون. سنڌي ٻولي پڻ اهڙي شاهوڪاري، وسعت ۽ رنگا رنگي حسناڪي سان ڀرپور آهي. سندس ادب جي روشن آڪاش تي ٻين ٻولين مان آندل ڪئين ڪتاب ستارن وانگر پکڙيا پيا آهن.

## ترجمو:

ٻولين جي بلوغت، ادب جي وسعت، علم جي پکيڙ ۽ انساني شعور جي واڌ ويجهہ ۽ بُلنديءَ ۾ ترجمي جو تمام وڏو هٿ رهيو آهي. اهو ترجمو ئي آهي، جنهن يوناني ڏاهپ سان دنيا کي روشناس ڪرايو. اهو ترجمو ئي هو جنهن عربي ادب جي شاهڪارن کي دنيا جي اکين آڏو روشن ڪيو. اهي ترجمو ئي هو جنهن چيني ڏاهپ کي دنيا تائين رسائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو. اهو ترجمو ئي آهي جنهن سنڌوءَ ڪناري سرجندڙ فلسفي ۽ ويدڪ ادب جي روشنيءَ سان دنيا منور ڪئي، اهو ترجمو ئي آهي جنهن يورپ جي جديد فلسفي کي دنيا ۾ پکيڙي شعور ۽ علم جون نيون شمعون روشن ڪيون. اهو ترجمو ئي آهي، جيڪو اڄوڪي دنيا ۾ هڪ خطي جي علم، ادب، سائنسي دريافتن ۽ شعور جي ڏياتين کي ٻئي خطي تائين رسائي رهيو آهي.

ترجمي انساني شعور جي واڌ ويجهہ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ دنيا لاءِ علمي، شعوري، تهذيبي، ثقافتي، سائنسي ۽ ادبي ميدانن ۾ يڪسان ترقي جا موقعا پيدا ڪيا آهن. جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو تيئن تيئن اهي موقعا وڌندا ويندا ۽ ترجمي جو ڪردار اعليٰ کان اعليٰ ۽ سگهاري کان سگهارو ٿيندو ويندو.

اڄوڪي زماني ۾ ترجمو تخليق جيتري ئي اهميت رکي ٿو. هاڻي اهو ڪنهن لکت جو هڪ ٻولي مان ٻي ٻوليءَ ۾ الٽو ناهي، اهو نقل ناهي، اهو تخليق جيترو ئي اهم بلڪ تخليق جي برابر آهي. اهو هڪ تخليق ٿيل شئي جي نئين تخليق آهي. اهو چڪ تي چڙهيل مٽيءَ کي نئين سر ڳوهي ٻيهر چڪ تي چاڙهي نئين صراحي، جام يا گلدانڻي ناهڻ جو عمل آهي. ترجمي لاءِ هاڻي نئين اُٽت، ٻيهر تخليق، نئين سِر سرجڻ (Trans Creation) جهڙا اصطلاح ڪتب آندا تا وڃن. اهو دؤر ويو جڏهن ترجمي کي تخليقي ڪم ۾ نہ ڳڻيو ويندو هو. هن دؤر ۾ ترجمو تخليقي ڪم ۾ شمار آهي. هاڻي ترجمي نگاري ادب جي هڪڙي صنف بڻجي پئي آهي.

## هيءُ ڪتاب:

”چونڊ شاهڪار ڪهاڻيون“ جي نالي سان ايندڙ ترجمي جو هيءُ ڪتاب ڪُل تيرنهن ڪهاڻين تي ٻڌل آهي. اهي تيرنهن ئي ڪهاڻيون مختلف ٻولين مان ترجمو ڪيل آهن. جن ۾ ترڪي، عربي، مراٺي، اردو، پنجابي ۽ هندي شامل آهن. هنن ڪهاڻين جا سمورا ليکڪ پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ جا نالي وارا، مشهور ۽ دلپذير ليکڪ آهن. ترڪي جو نجيب فاضل، مصر جو نجيب محفوظ، مراٺي ڪهاڻيڪار مدهوش منگيش ڪرنڪ ۽ شريمتي سانيا، اردو ڪهاڻيڪار ڪرشن چندر، خواجہ احمد عباس، گلزار، امراؤ طارق، آغا گُل، منشا ياد، پنجابيءَ جو ڪرتار سنگهہ دگل ۽ هندي ڪهاڻيڪار ويڪوم محمد بشير ۽ منشي پريم چند هن ڪهاڻي ڪتاب ۾ شامل آهن. اهي سمورا ليکڪ پنهنجي فن جا ماهر آهن ۽ انهن جون ادب جي کيتر ۾ پنهنجون پنهنجون ڳڻپ لائق خدمتون آهن. سندن مختصر تعارف ڪهاڻين سان گڏ ڪتاب ۾ موجود آهي.

يقيناً اهي سڀ ڪهاڻيڪار وڏا ڪهاڻيڪار آهن ۽ پنهنجي فن ۾ يڪتا آهن. مون هن کان اڳ ۾ بہ سندن ڪهاڻيون پڙهيون آهن ۽ هن مجموعي ۾ موجود سڀئي ڪهاڻيون پڻ پنهنجي نظر مان ڪڍيون اٿم. مون انهن کي ڏاڍي ڏيان سان پڙهيو آهي. فطري طور تي مون کي ڪي ڪهاڻيون گهٽ، تہ ڪي وڌ وڻيون هونديون. هر ماڻهو جي ذهني سطح، پسند ۽ ذوق پنهنجو هوندو آهي. ان ڪري شين کي هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي انداز ۾ ڏسي ٿو. حسن ۽ سونهن جا اها اضافي خصوصيت آهي تہ اها ٻن مختلف مزاجن ۽ سطحن جي ماڻهن تي بہ مختلف اثر وجهي ٿي. ادب، ثقافت جو حصو آهي ۽ ثقافت سونهن آهي. ٻيءَ هر سونهن وانگر ادب جو پڻ ٻن مختلف طبيعتن تي مختلف اثر ٿيندو آهي. تنهن ڪري آئون پنهنجي پسند ٻين تي مڙهڻ نہ ٿو گهران، نہ ئي وري ٻين جو ڌيان انهن ڪهاڻين ڏانهن ڇڪائڻ گهران ٿو جيڪي مون کي گهٽيون وڻيون آهن. ڇاڪاڻ جو مجموعي ۾ موجود هر ڪهاڻي شاهڪار ڪهاڻي آهي. سڀئي ڪهاڻيون پڙهڻ لائق آهن ۽ ضرور پڙهڻ گهرجن. هر ڪهاڻي ۾ ڪو پيغام، ڪو سمجهہ لائق نقطو ڪا ڳنڀيرتا، ڪو حسن آهي، جيڪو ماڻهو مٿان پنهنجو ڀرپور تاثر ڇڏي وڃي ٿو. ڪهاڻي جي پڄاڻيءَ تي پهچي، ماڻهو ڪهاڻي جي پوري جڪڙ ۾ اچي ٿو وڃي ۽ ڪئي ساعتون جادوءَ ۾

جڪڙجي ويهي ٿو رهي. اها جهانگير عباسيءَ جي ڪاميابي آهي، جو هن هر ڪهاڻي کي ڏاڍي شاندار انداز سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. هو نه فقط ڪهاڻي جي معنيٰ ۽ مقصد کي سنڌيءَ ۾ پلٽڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، پر ٻيءَ ٻوليءَ جي لکڻي جي روح کي به سنڌيءَ جي جامي ۾ لاهڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. هڪڙي ترجمي نگار جي سڀ کان وڏي ڪاميابي اها هجي ٿي ته هوءَ ٻيءَ ٻولي جي روح کي پنهنجي ٻولي جي ڪايا ۾ سموئڻ ۾ سڦلتا ماڻي. بيشڪ ته جهانگير جي ترجمي ۾ اها خوبي پوري چٽائي سان جهلڪي ٿي.

هن ترجمي جي اها به خوبي آهي ته ان جي ٻولي ڏاڍي سرل، روان، وڻندڙ ۽ عام فهم آهي. توڙي جو ان ۾ شامل ڪجهه ڪهاڻين ۾ ڪي ڳوڙها نقطا بيان ڪيا ويا آهن، پر اهو سڀ فنائتي سٽاءَ ۾ هجڻ جي باوجود ايئن اپٽاريل آهي جو ماڻهو جي سمجهه تي گران نه ٿو گذري. ترجمي جي ٻولي ڏاڍي پياري ۽ دلڪش آهي. ماڻهو پڙهڻ ويهي ٿو ته ان مان هٿ ڪيڻ تي دل ئي نه ٿي چئي. پر ڪنهن به لکڻي لاءِ رڳو ٻولي جي خوبصورتي ڪافي نه هوندي آهي. ان لاءِ ٻولي جي قاعدن قانونن جي خيال رکڻ پڻ لازمي هوندو آهي. عربي چوڻيءَ آهي ته:

"النحو فی الکلام کالملح فی الطام"

(ٻوليءَ لاءِ قاعدا ائين ضروري آهن، جيئن کاڌي لاءِ لوڻ لازمي هوندو آهي.)

هڪ ٻئي سان ويجهو لاڳاپو رکندڙ ٻولين مان ترجمي جي ڪمزوري اها هوندي آهي ته ٻولي جا قاعدا قانون اڪثر ڪري خبر ٻڌجي پوندا آهن. اردوءَ مان سنڌيءَ ۾ ڪيل ترجمن ۾ اها ڳالهه اها ڪمزوري ڳپل ڏٺي وئي آهي. مونث مذڪر ۽ جمع واحد جا صيغا ڪمزور ترجمن ۾ غلطين جي نزلي جا سڃا بار سِر تي کڻندا آهن. شڪر آهي ته هيءَ ترجمو اهڙين ڪمزورين کان آجو آهي. ان ڪري ٻولي جي قاعدن قانونن جي پوئيواري، لفظن جو درست استعمال ۽ جملي جي اثرائتي بيهڪ ٻولي جي خوبصورتي سان گڏ هن ترجمي جي اهم خوبي آهي. ماڻهو پڙهندو ويندو ته ترجمي جون حسناڪيون ۽ خوبيون نسواني حُسن وانگر هوريان هوريان مٿس آشڪار ٿينديون وينديون. ڪنهن ڪنهن عورت جو حُسن آهستي آهستي کُلندو آهي ۽ جڏهن پوري ريت پڌرو ٿيندو آهي، تڏهن ماڻهو کي پنهنجي جادو ۾ جهڪي وٺندو آهي.

## سنڌيڪار:

هن ڪتاب جو ترجمي نگار جهانگير عباسي اڳ ۾ ٻن ڪتابن جو ترجمو ڪري چڪو آهي. جڏهن ته هن ڪتاب سميت سندس ٻه ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾ آهن. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ آغا شورش ڪاشميري جي ڪتاب "*اُس بزار میں*" جو سنڌيءَ ترجمو "حُسن جي بازار" پڻ شامل آهي. شورش ڪاشميري ڪمال جو ليکڪ آهي. سندس هڪ اڌ ڪتابن کي ڇڏي ڪري، مون سندس سمورا

ڪتاب پڙهيا آهن. سندس پڙهڻ کان رهجي ويل ڪتابن ۾ ***"اُس بزار ميں"*** پڻ هو جيڪو بعد ۾ مون جهانگير جي ڪيل ترجمي جي معرفت پڙهيو. جهانگير ان جو ڏاڍو سٺو ترجمو ڪيو آهي. ڪتاب پڙهي مون ڪيس سندس ترجمي جي خوبين توڙي خامين کان آگاهه ڪيو. هيءَ شورش جو ڏاڍي ڏکئي موضوع تي لکيل ڪتاب آهي. طوائفن جي دنيا تي لکڻ قدامت پسند سماجن ۾ سدائين ڏکيرو رهيو آهي. اهڙي ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڏاڍي همٿ جو ڪم آهي.

جهانگير عباسي جو ترجمو ڪيل هيءَ ڪهاڻي ڪتاب "چونڊ شاهڪار ڪهاڻيون" پڻ ڏاڍو اهم ڪتاب ثابت ٿيندو. گڏوگڏ هن ڪتاب سان هڪڙي مترجم طور سندس سڃاڻپ وڌيڪ پڪي پختي ۽ مضبوط ٿيندي، سٺو ڪم هميشه ياد رهندو آهي ۽ ڪرڻ واري جا گڻ پيا ڳائبا آهن. سو آئون ڀانيان ٿو ته جهانگير جي هن ڪم کي پڻ هميشه ياد رکيو ويندو.

جيتوڻيڪ جهانگير عباسي جي ڪم جي رفتار ڏاڍي ڍري آهي. پر اهم ڳالهه هيءَ آهي ته هوريان ئي سهي، ڍرو ئي سهي، پر هو لاڳيتو اڳتي وڌندو هلي.رڙهڻ ئي اها راحت آهي، جيڪا سيني ٿڪاوٽن تي حاوي پئجي ويندي آهي ۽ ماڻهو کي ڪڏهن به واندو ويهڻ نه ٿي ڏئي. اتر سنڌ جي زِل ڪاڙهن، ڪانوَ جي اک ڪيڻ جهڙن آرهڙ جي ڏينهن ۽ بجلي جي بنهه اٿهوند جي منڊ ۾ تخليقي ڪم ڪرڻ ڪا مذاق مشڪري ڪانهي ۽ جيڪي به اهڙي سخت ماحول ۾ تخليقي ڪم ڪن ٿا، اهي سيئي دوست جس لهڻن. بلاشڪ سوڀي گيانچنداڻي کان وٺي جهانگير عباسي تائين هڪ ڊگهي ڪڙي آهي، جنهن لاڙڪاڻي جي مردم خيز مٽي مان جنم وٺي، انهي ئي مٽي کي هبڪارون پئي ڪيو آهي. سو سٺي ڳالهه اها آهي ته جهانگير قلم جي ڪِرت جاري رکيو هلي. ڪم هلندو هلي، اڄ ٿورو آهي، سڀاڻي گهڻو ٿي پوندو. عظمت راتو رات نه ٿي ملي. عظمت لڳاتار ڪم ڪرڻ ۾ آهي. اهي ئي ماڻهو وڏا نتيجا ڏيندا آهن، جيڪي لڳاتار ڪم ڪندا آهن.

## پڇاڙڪا لفظ:

هيءَ ڪتاب سنڌيءَ محاوري "وَٽان وَٽان ڪاني" جي مصداق هِتان هُتان گڏ ڪري آندل ڪهاڻين تي مشتمل آهي. پر اهي هِتان هُتان هٿ ڪيل ڪهاڻيون جڏهن هن ڪتاب ۾ هڪ هنڌ اچي گڏ ٿيون آهن ته پوءِ سُڪل ڪانين جي ڍير بدران هڪڙو باغيچو ٿي پيون آهن. هيءَ ڪتاب گلن جو هڪڙو باغيچو آهي، گلن جي هڪڙي ٻاري آهي، جنهن ۾ رنگ برنگي ۽ طرحين طرحين گل سهسين سڳنڌون پکيڙي رهيا آهن.

سنڌيءَ ڪهاڻي ڪلا ۽ ترجمي جي کيتر ۾ هيءَ ڪتاب هڪڙو تمام اهم واڌارو آهي. دنيا جي هنن ڪجهه بهترين ڪهاڻين کي سنڌي ويس اوڍائڻ ۽ سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ تي سچ ته جهانگير عباسي تمام گهڻو جس لهڻي. اسان کي اميد آهي ته هو آئيندي به سنڌيءَ کي شاندار، شاهڪار

۽ من موهيندڙ ڪتاب ڏيندو رهندو. آرهڙ منڊ جي تتل ٻپهريءَ جي لڱ ساڙيندڙ لُوءَ ۾ ڪنهن اُڃايل مسافر لاءِ ٿڌي پاڻي جي پيالي ۽ نم جي ڇانوَ جهڙا ڪتاب. ”چونڊ شاهڪار ڪهاڻين“ جهڙا ڪتاب ڪائنات ۽ زندگي جون حسناڪيون سموئيندڙ ڪتاب.

**سنڌ سلامت ـ ساٿ سلامت**

**نواز خان زئور**
15 ـ مارچ 2018ع
ٺٽو سنڌ

# منشي پريم چند

(1880ع ـ 1936ع)



اردو، هندي جي ممتاز ۽ منفرد ڪهاڻيڪار، ناول نگار، منشي پريم چند ادب جي دنيا جو اهو سگهارو تخليقڪار آهي، جنهن پنهنجي لکڻين ۾ بنهي زبانن جو نئون رڱ استعمال ڪيو آهي، پر فڪشن جي ادبي روايتن جي تشڪيل سان گڏ ترقي پسند سوچ ۽ فڪر کي به وڌايو آهي. هن جديد افسانه نگار جو جنم 31 جولاءِ 1880ع تي ڳوٺ ملبي ضلعي بنارس ۾ منشي عجائب لال جي گهر ۾ ٿيو جيڪو پوسٽ ڪاتي ۾ ملازم هئڻ سان گڏ وچولي طبقي جو خوشحال ۽ اثر رسوخ وارو انسان پڻ هو. منشي پريم چند شروعاتي پرائمري تعليمي سلسلو ڪورکپور، اله آباد مان پرائي. اله آباد يونيورسٽي مان بي. اي پاس ڪئي. مختلف ڪاتن ۾ ننڍيون ڪچيون پڪيون نوڪريون ڪرڻ بعد هن 1900ع ۾ گورنمينٽ ڊسٽرڪٽ مڊل اسڪول بهراج ۾ پڙهڻ پڙهائڻ سان باقاعده عملي زندگي جي شروعات ڪئي ۽ ترقي ڪندي انسپيڪٽر آف اسڪولز جي عهدي تائين پهتو 1921ع ۾ عدم تعاون جي تحريڪ جي اثر هيٺ نوڪري تان استعيفيٰ ڏئي سماجي ڪمن ۾ بهرو ورتائين. سياسي ۽ سماجي خدمتن سان گڏ انجمن ترقي پسند منصفين ۾ شامل رهيو ۽ "سرسوتي پريس" جي نالي سان ذاتي پرنٽنگ پريس به کوليائين پر نقصان ڪارڻ بند ڪري 1927ع ۾ رسالي "مادهوري" جو ايڊيٽر بڻيو پوءِ 1930ع ۾ ذاتي رسالو "هنس" جاري ڪيائين. انهيءَ دوران اجنتا سائن ٽون اداري ساڻس رابطو ڪري ساڻس ڪم ڪرڻ جي آڇ ڏني جنهن کي قبوليندي ماهوار اٺ هزار روپين تي منظرنامي نگار طور تي ڪم ڪرڻ لڳو. انهي اداري سندس هندي ناول "سيوا سدن" تي "رنگيلا راجپوت" جي نالي سان فلم ٺاهي وئي جنهن جي ڪاميابي سان منشي پريم چند جي جي هڪ ٻي ڪهاڻي "The Moll" جي عنوان سان لکي جنهن ۾ پهريون ڀيرو مزدورن جي زندگي کي فلمي اسڪرين تي آندو ويو. هن پوءِ موهن ڀاواني سان ڪم ڪندي بيروزگار نوجوانن جي موضوع تي هڪ ٻي فلمي ڪهاڻي "Awa Kning" لکي پر فلم ٺهڻ کان اڳ ئي بنارس واپس هليو آيو پوءِ سندس هندي ناول "رنگ ڀومي" تي انهي نالي سان فلم ٺهڻ شروع ٿي پر ان فلم جي ٺهڻ کان اڳ هُو دنيا مان ديهانت ڪري ويو.

ادب جي دنيا ۾ منشي پريم چند لکڻ جي شروعات نثر سان ڪئي. سندس پهريون افسانو "عشق دنيا" ۽ "حب وطن" آهي ۽ پهريون ناول "اسرار معاهد" آهي. اردو هندي ادب ۾ پريم چند جا مجموعي 28 ڪهاڻي ڪتاب، 21 اردو ناول، 8 هندي، 6 مضمونن جو مجموعا، 2 سوانح نگاري جا ڪتاب شامل آهن.

سندس شاهڪار ڪهاڻين ۾ سوزِ وطن، خواب و خيال، زادراه، واردات، چوگان، حج اڪبر ۽ ٻيون ڪوڙ مشهور آهن. جڏهن تہ بازار حسن، ڳئودان ۽ رنگ ڀومي هن جا مشهو ناول آهن.

منشي پريم چند جي ڪهاڻين جو بنيادي مرڪز ڳوٺاڻي زندگي، مزدور، هارين سان ٿيندڙ زميندارن جا ظلم ۽ سماج جا پڙهيل ڪردار رهيا آهن جن جي حق ۾ لکندي سندس لکڻين کي انگريز سرڪار ضبط ڪندي ڪيترن ئي ڪتابن تي پابندي مڙهي. سموري حياتي حق ۽ سماجي برابري جو آواز اٿاريندڙ ترقي پسند فڪر جي پرچارڪ ڪندڙ منشي پريم چند چوي ٿو ”مان خالي واقعي جا بيان لاءِ ڪهاڻيون ناهيان لکندو ۽ نہ ئي منهنجا قصا مشاهدي ۽ تجربي تي ٻڌل هوندا آهن پر جڏهن لکندو آهيان تہ اهڙي طور جو ان منجھ فلسفي ۽ جذباتي ڪيفيت حقيقي طور تي ظاهر ٿئي، جيستائين انهن جو بنياد ناهي ملندو، تيستائين قلم هٿ ۾ ناهيان کڻندو!“ هن جي هڪ شاهڪار ڪهاڻي ”ٺاڪر جو کوهہ“ جو ترجمو پيش آهي.

[هندي ڪهاڻي                                        منشي پريم چند]

# ٺاڪر جو کوهہ

جوکي جيئن ئي پاڻيءَ سان ڀريل لوٽو پنهنجي ويجهو آندو تہ کيس پاڻي ۾ سخت ڌپ محسوس ٿي، تڏهن هن پنهنجي زندگي جي ساٿياڻي ڪنگي ڏي نهاريندي چڙ مان چيو ”ڌپ وارو ڪنو پاڻي ٿي پيارين!... مان پڇان ٿو تہ هيءُ ڪهڙو پاڻي آهي؟!!“

ڪنگي اهو ٻڌي حيران ٿي وئي. ڳوٺ کان کوهہ پري هئڻ ڪري هوءَ کوهہ تي هر هر وڃڻ بدران شام ڌاري سمورو پاڻي ڀري آڻي رکندي هئي ۽ ڪالهہ شام هوءَ کوهہ تان جڏهن پاڻي ڀري آئي هئي تہ اهو تازو ۽ مٺو هو.

”هيءُ اوچتو اڄ پاڻيءَ ۾ ڌپ ڪيئن ٿي وئي؟!!“ ڪنگي سوچيندي مڙس کان لوٽو وٺي جيئن ئي نڪ جي ويجهو آندو تہ ڌپ ڪري ڪن پل لاءِ سندس بہ ساهہ منجهي پيو ۽ پوءِ پاڻ ئي پنهنجي سوچيل سوال جو جواب ڏيندي چپن ۾ پٽڪڻ لڳي هئي.

”پڪ سان ڪو جانور کوهہ ۾ ڪري مري پيو هوندو... پر هن مهل ٻيو پاڻي ڪٿان ايندو؟!!“ لالا جو کوهہ ڳوٺ جي ٻاهرين ڇيڙي تي هيو ۽ ٺاڪر جي کوهہ مان پاڻي ڀرڻ تہ پري پر اتي ويهڻ بہ ناممڪن هو.

ڪنگي جو مڙس ڪيترن ئي ڏينهن کان بيمار هئڻ ڪري کٽ تي پيل هئو جنهن کي ڊاڪٽر هر طرح جي رک رکڻ لاءِ سختي سان تاڪيد ڪئي هئي، هن ڪجهہ وقت تہ پنهنجي اُڃ تي قابو رکيو پر اساٽ تي انسان جو ڪهڙو وس!!... سو جڏهن همت جواب ڏيڻ لڳس تہ رڙ ڪري وري زال کي چيائين.

”هاڻي تہ اُج ڪارڻ ساهہ نڙيءَ ۾ اچي اٽڪيو آهيو... پلا اهو ڏپ وارو پاڻي ئي آڻي ڏي تہ نڪ بند ڪري بہ تي ڍڪ پي وٺان.“

ڪنگي کي خبر هئي تہ خراب پاڻي پيئڻ سان ماڻهوءَ جي بيماري وڌي ويندي آهي پر هوءَ انهي ڳالهہ کان اڻ ڄاڻ هئي تہ کوپاڻي اُٻارڻ سان پاڻيءَ جي خرابي ختم ٿي وڃي ٿي. مڙس جي وڌيڪ بيمار ٿيڻ جو خيال ڪندي ڪنگيءَ کيس ڏپ وارو پاڻي ڏيڻ کان صاف انڪار ڪندي چيو. ”هيءُ پاڻي ڪيئن پيئندين؟!! خبر ناهي کوهہ ۾ الائي ڪهڙو جانور مئو هجي... تون ٿورڙو صبر ڪر... مان تو لاءِ ڪٿان نہ ڪٿان ٻيو پاڻي پري تي اچان.“

”ٻيو پاڻي!!“ حيرت مان تڪيندي جوکو زال کي وري چوڻ لڳو هو ”ڪٿان پري ايندينءَ تون هينئر ٻيو پاڻي؟!“

”ڳوٺ ۾ لالا ۽ ٺاڪر جو هڪ هڪ کوهہ آهي... اهي اسان کي مصيبت ۾ پاڻي جو لوٽو بہ پرڻ نہ ڏيندا ڇا؟!!“

”اهي تنهنجا هڏ گڏ پيچي رکندا، اهي وڏي ذات وارا آهن ۽ اسين غريب ڪم ذات آهيون... جي مري وڃون تہ منهن ڏسڻ نهيو در جي ويجهو بہ نہ لنگهندا آهن سو توکي پنهنجي کوهن تان پاڻي ڇڪو پرڻ ڪيئن ڏيندا؟!“

جوکي جيڪو ڪجهہ چيو پئي، اهو سڀ جو سڀ سورنهن آنا سچ هو جنهن کي ڪنگي پاڻ بہ ڄاتو پئي ان ڪري هوءَ ماٺ ڪري بيٺي رهي پر جُوکي کي هڪ ڍڪ بہ ڏپ واري پاڻيءَ مان نہ ڏنائين.

رات جا نوَ ٿي رهيا هئا. ٺاڪر جي وڏي گهر جي وڏي مضبوط در آڏو پٽ تي سڄي ڏينهن جا ٿڪل مزدور، ڪمي ۽ ڪسابي اگهور ننڊ ۾ هئا. جن جي ويجهو ٿي چار هتا ڪتا مڙس جاڳندي پنهنجي پنهنجي بهادريءَ جا قصا ٻڌائي رهيا هئا. جيتوڻيڪ هاڻي ميدان ۾ بهادري ڏيکارڻ وارن جوانن جو زمانو لنگهي چڪو هو. پر هنن جي نظر ۾ ٺاڪر پاران حد جي صوبيدار کي رشوت جي چڪر ۾ ڦاسائي پاڻ بچائڻ وارو قصو بہ وڏي بهادريءَ واري ڳالهہ هئي. هنن جا اهي احوال جاري هئا تہ خالي مٽڪو پاڻي لاءِ کنيو ڪنگي بہ ٺاڪر جي کوهہ مان پاڻي پرڻ لاءِ اچي اتي پهتي، ڏيئي جي ميرانجهڙيءَ روشني ۾ وڏي حويلي جي در آڏو ئي ڪنگي کي ٺاڪر جو کوهہ صاف نظر ٿي آيو. ان کوهہ منجهان سڄي ڳوٺ جي ماڻهن کي پاڻي پرڻ لاءِ ڪابہ جهل پل نہ هئي پر ڪنگي ۽ هن جهڙا بہ چار خاندان گهٽ ذات هئڻ ڪري ٺاڪر جي انهيءَ مهرباني کان محروم هئا.

وڻ جي اوٽ ۾ ويٺل ڪنگي ذات پات وارين سماجي ريتن رسمن تي سوچيندي دل ئي دل ۾ ڪڙهڻ لڳي هئي.

”اهي سڀ چڱا مڙس آهن ۽ اسين گهٽ ذات آهيون، ٺڳيون اهي ڪن... شراب پيئن، زنائون اهي ڪن پوءِ بہ اهي ٿيا معتبر... هنهہ! ٺاڪر غريب ريڍار جون بہ رڍون چورائي ڪائي ويو... پنڊت جي گهر ٻارنهن ئي مهينا جوا هلي ٿي، لالا جي گيهہ ۾ دينا داستي تيل ملائي سيني کي کارائي ٿو پوءِ بہ هي پاڻ

ڪي معزز ٿا سڏين، مان هنن جي آڏو گذران ٿي ته هنن جي نظر ۾ لچائپ ٿي اچي وڃي جي وس هجين ته جيڪر منهنجي جسم جي ٻوٽي ٻوٽي پٽي وجن.... پوءِ به چون ٿا ته اسين اوچي ذات آهيون.. هونهه! لک لعنت هجين... اهي ته ظلمي آهن پاپي آهن.“

اوچتو کوهه طرف ڪنهن جي پيرن جي آوازن ڪي ايندو ڏسي ڪنگي جون سوچون ڇڙوڇڙ ٿي ويون، انهي خوف کان هرڻيءَ جيان هراسجي پئي، ڪنهن ڏسي ورتو ته قيامت مچي پوندي، ۽ پوءِ هن جي دل جي ڌڪ ڌڪ به وڌڻ لڳي، هوءَ هڪدم گهاٽي نم جي وڻ وارين ٽارين ۾ اوٽ ٿي ويٺي، جيڪي ماٺهو جي قد تائين هيٺ نميل هيون.

کوهه تي آيل اهي به عورتون هيون جيڪي پنهنجي پنهنجي پاڳ جو پٽڪو پٽنديون اچي نڪتيون هيون.

”گهر ۾ ڪو دلو مٽ ثابت ڪانهي ڀيڻ! سمهڻ کان اڳ هاڻي حڪم ٿو هلائي ته تازو پاڻي پري آ... منهنجو مڙس ڄڻ ته ڪو لاٽ صاحب آهي.“

”هائو ڀيڻ! سچ ٿي چوين! اسان عورتن کي هڪ گهڙي آرام سان ويهندو ڏسي، هنن مردن کي ته ڄڻ باهه ٿي لڳي وڃي.“ پهرينءَ کي پوئين عورت جي جواب سان وڏي ٽيڪ ملي هئي.

”اسين هنن جون عزتون آهيون ٻانهيون ته ناهيون جو اسان سان هو سلوڪ ٿا رکن.“

”برابر ڀيڻ! اسان کي ملي ئي ڇا ٿو هنن وٽان؟ نه ڍنگ جو لٽو ڪپڙو ۽ نه ئي سُک جو ٽڪر.... به چار روپيا به هنن کان رڙي رڙي ٿيون وٺون... ٻانهيون به اسان کان چڱي حال ۾ هونديون!“

”جيترو ڪم اسان پنهنجي مڙسن جي گهر ۾ ٿيون ڪيون اوترو ڪم جي ڪنهن ٻئي جاءِ تي ڪريون ته به پهر آرام به ملي ويندو.... هنن آڏو ته لوڙهي لوڙهي اسان جا هڏ گڏ پڃي پون ٿا پوءِ به هي خوش ناهن!“

”بس ڇا ڪجي ادي قسمت ئي ڦتل اٿئون... ڇڏ ڪٽي انهن ڳالهين کي.“

جڏهن ٻئي عورتون پنهنجي نصيبن تي روئندي پاڻي ڀري وڃڻ لڳيون ته حويلي جي در آڏو وينل پهريدارن جي چوڪڙي به پوري ٿي ۽ هو پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿيا. ٺاڪر به آخري ڀيرو وڏو لوهو دروازو کولي واءُ سواءُ لهندي کوهه تان لوٽو هنيو ۽ پوءِ حويليءَ جو وڏو در بند ڪري اندر هليو ويو. ميدان خالي ڏسي ڪنگي جي وڃايل ويساهه ۾ اطمينان پرجي آيو. هوءَ پنهنجي چؤطرف ائين نظر ڦيرائي ڏسڻ لڳي، جيئن جنگ جي ميدان تي موجوده سپاهي دشمن جي فوج کان بچاءَ ڪندي نهاريندو آهي ۽ پوءِ اطمينان جو احساس ٿيندي ئي ڪنگي گهاٽي وڻ کان ٻاهر نڪري کوهه تي آئي، هن جا قدم ڪاٺ هٽندڙ چور جيان آهستي ۽ خبرداريءَ سان کڄي رهيا هئا، ڪيس پڪ هئي ته هوءَ جيڪڏهن جهلجي پئي ته ٺاڪر ۽ ڳوٺ وارا ڪيس ڪڏهن به معاف نه ڪندا، ڪنگي رسي کي مضبوطيءَ سان جهلي کوهه اندر جيئن اڇليو ته بالٽي به ٽي گونگا غوطا کائي کوهه جي تري هيٺ لهي وئي، پوءِ هن جا هٿ حرڪت ۾ اچي ويا پاڻي سان ڀريل بالٽي آهستي آهستي مٿي ايرڻ لڳي، جنهن کي ڏسي پوءِ

ڪنگي کي محسوس ٿيو ڄڻ هن پاڻي جي بالٽيءَ بجاءِ ڪوهه مان هيرن جي بالٽي ڀري ڪڍي هجي، پوءِ جوکي جي اڄ جو خيال ايندي هن جي هٿن جي چرپر تيز ٿي وئي. بالٽي جيئن ئي ڪوهه جي منهن تائين آئي ته هڪدم ٺاڪر جي حويلي جو وڏو دروازو زور سان کلي پيو. ٺاڪر جي خوفناڪ ڇهري تي نظر پوندي ئي ڪنگيءَ جي جسم مان ساهه ئي ڇڏائجي ويو. ڪيس ڏسندي ئي گهڙيءَ گوڙ اندر مچي اٿيو.

”ڪير آ؟! ڪير آهين تون؟!“ ٺاڪر جون رڙيون ڪنگي پويان بندوق جي گولي جيان هلنديون آيون. ڪنگي پنهنجي وجود ۾ سمايل سموري طاقت سان تيز ڊوڙندي ۽ اونداهي ۾ ڪرندي جڏهن پنهنجي گهر ۾ گهڙي ته نظرون مڙس تي اٽڪي بيهي رهيس، جي جوکو نڪ تي هٿ ڏئي لوٽي مان ڏپارو ميرو پاڻي پي رهيو هو.

# ڪرشن چندر

(1912ع ـ 1977ع)



وزير آباد ضلع گجرانوالا پنجاب (پاڪستان) جي ڇتري خاندان جي هڪ لکيل پڙهيل ڊاڪٽر وگري شڪر چوپڙا جي گهر ۾ ڊسمبر 1912ع ۾ جنم وٺندڙ ڪرشن چندر پنهنجي ننڍپڻ جي عمر کان ئي علم و ادب سان لڳاءُ رکندڙ هيو. هن شروعاتي تعليم ڪشمير، لاهور، ممبئي مان پرائڻ بعد سن 1934ع ۾ ايف. سي. ڪاليج لاهور مان انگريزي ادب ۾ ايم. اي ۽ سن 1937ع ۾ لا ڪاليج پنجاب يونيورسٽي مان ايل. ايل. بي جي ڊگري حاصل ڪري پنهنجي عملي زندگي جي شروعات انگريزي رسالن "دي نادرن رويو" ۽ "دي ماڊرن گرل" جي ايڊيٽري سان ڪئي پوءِ اردو زبان ۾ "نيا ادب" ۽ "زاويا" رسالا ڪڍيا. سن 1962ع ۾ هن ڪي ڊبليو. زيڊ احمد جي "شاليمار پڪچرز" فلم ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ جي آڇ ٺڪرائي، جتي پنهنجي ڪري مزاج ڪري هو سال کان وڌيڪ ٽڪي نہ سگهيو. پوءِ اُتان ڇڏي آل انڊيا ريڊيو ۾ پروگرام اسسٽنٽ مقرر ٿيو پر هتي بہ ڪجهہ عرصو رهي استعيفيٰ ڏيئي ممبئي واپس هليو آيو تہ ڪيس ممبئيءَ ٽاڪيز ۾ ڪم مليو ويو جتي هن نيشنل ٿيٽر جي مدد سان سن 1945ع ۾ ذاتي فلم "سرائي ڪي باهر" ٺاهي پوءِ ماڊرن ٿيٽر جي نالي سان ادارو جوڙي "دل جي آواز" ۽ "راکھ" فلمون ٺاهيون پر سنت ئي سندس ادارو ڏيوالپڻي جو شڪار بڻجي ويهجي ويو. جنهن بعد هو ٻين فلمي ڪمپنين لاءِ اسڪرپٽ ۽ ڪهاڻيون لکڻ لڳو.

ڪرشن چندر پنهنجي اسڪول جي زماني کان ئي ادب سان لڳاءُ رکندڙ ترقي پسند سوچ ۽ فڪر وارو هڪ روشن خيال اديب هيو. هن پهريون افسانو "جهلم پر نائو" جي عنوان سان لکيو جنهن کان پوءِ اهو سفر جاري رهيو. سندس لکيل ڪهاڻين جو تعداد پنج هزار کان مٿي آهي "ڪالو ڀنگي"، "دادر پل ڪي بچي"، "آدھي گھنٽي جو خدا"، "طوفان ڪي ڪليا" ۽ ٻيا اهڙا ڪيترائي انيڪ شاهڪار افسانا مشهور اٿس. هن موئن جي دڙي جو خزانو ستاويهہ ناول، چار ٻاراٽا ناول، چار ڊرامن ۽ بہ مزاحيہ مضمونن جا مجموعا، هڪ رپورٽ تار، بہ خاڪن ۽ ٽي ادبي مضمونن جي مجموعن کان علاوه سوين فلمن جون ڪهاڻيون، اسڪرپٽ، اسڪرين پلي، ريڊيو، ٿيٽر ڊراما لکي ادب ۾ پنهنجو نانءُ لازوال بڻايو آهي.

ننڍي کنڊ جي وڏي ادبي تنظيم ۽ تحريڪ انجمن ترقي پسند مصنفين سان واڳيل ۽ ان جو مرڪزي سيڪريٽري رهندڙ ڪرشن چندر جي لکڻين ۾ سماج جي غربت وڪوڙيل ۽ ڏتڪاريل طبقي جي نمائندگي سان گڏ آفاقي قدرن جي سچائي ۽ حقيقت نگاري بنيادي مرڪز رهي آهي. پنهنجي چاليهہ سالن جي ادبي سفر واري پورهئي ۾ هزارن ايوارڊن، اعزازن کان علاوه سن 1966ع ۾ سوويت نهرو

ايوارڊ ۾ سن 1969ع ۾ ڪيس هندوستان سرڪار جو اعليٰ سول ايوارڊ پدم بهوشن ۽ نهرو ڪلچرل ايوارڊن سان پڻ نوازيو ويو. 8 مارچ 1977ع تي ديهانت ڪندڙ هي عظيم افسانہ نگار ادب ۾ هن نظريي جو قائل آهي تہ "اجتماعي طور تي خوبصورتي کي پالڻ ۽ غريبي کي وڃائي سُک ماڻڻ ڪي ئي مان انسانيت جو اصل مقصد ٿو سمجهان ۽ ان تي لکڻ پڻ پسند ٿو ڪيان." هت هن جي عالمي شاهڪار ڪهاڻي "ٻہ وِڪا ڏکهي سڙڪ" جو ترجمو پيش ڪجي ٿو.

[اردو ڪهاڻي                                                  ڪرشن چندر]

# ٻہ وِڪا ڏکهي سڙڪ!

لا ڪاليج کان ويندي ڪورٽ ڪچهري واري هنڌ تائين اها ئي هڪ بس ڏکهي سڙڪ هئي، جنهن تان هر نئين اپرندڙ سج بعد منهنجو ڪڏهن ڪڏهن سائيڪل تہ وري ڪڏهن پيرين پنڌ گذرڻ زندگي جي باقي ٻين معمول وارن ڪم ڪارن مان هڪ هيو... ان سڙڪ جي ڪچي ڏگ وارن ٻنهي پاسن کان سڙڪ جيان ئي ڏکهي قطار ٻڌيل ٻير جا سڪل ۽ اداس نظر ايندڙ وڻ ٻہ هوندا هئا جن جي وجود ۾ نہ ڪو فطري حسن سمايل هيو نہ ئي وري پاڪر پر جيتري چانوَ هئي. اهي سالن کان وٺي پنهنجي سخت ۽ کُهري وجود سان جيئن جو تيئن هر وقت پنڌ پهڻ ٿيا نظر ايندا هئا.

گذريل نون سالن جي عرصي کان هن سڙڪ مٿان ٻين هر روز هزارين ماڻهن سان گڏ مان بہ اچي وڃي رهيو هُيس هن سڙڪ کي پٿرن جي ڍير سان سٽي، ڪُٽي ائين پريو ويو هو جيئن ڪنهن ويهاڻي جي چوءَ ۾ ڦهريون پيرو ڪپهہ کي گُڏي، ڪُٽي سٽي پريو ويندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن سڙڪ ۾ ڪنهن بہ هنڌ ڪو جهاڪو... ڪڏو يا جهول ناهي آيو ۽ هاڻ مٿس جڏهن کان وٺي سٽيي، تيل وارو رنگ چڙڪي، هاريو ويو اٿس تہ اونهاري جي تيز گرمين وارن ڏينهن ۾ هڪ اهڙي عجيب بدبوءِ ڦهلندي هئي جنهن سان جيءَ ڪڙو ٿي پوندو هو پر مجبوري هي هئي جو ٻي ڪا سولائي نہ ڏسندي هن سڙڪ تان پوءِ بہ گذرڻو پوندو هيو.

مون پنهنجي زندگيءَ ۾ هيل تائين اهڙيون ٻيون ڪوڙ ساريون سڙڪون ڏٺيون آهن جيڪي ويڪريون، موچاريون ٺاهيون ويون هن جن جي ٻنهي پر هلندڙ قطار سان طرح طرح جا وڻ ٻوٽا رکيا ويا هن... انهن جي ڀيٽ ۾ الائي ڇو مون کي هيءَ سڙڪ بيحد وڻندي هئي ۽ هن باري ۾ ايتري جاڻ هئي جيتري ڪنهن يار کي، پنهنجي جگري يار جي باري ۾ هوندي آهي. هن سڙڪ جي ٻيهڪ ۽ بناوت ڪجهہ اهڙي ريت هئي جڻ هوءَ پاڻ ئي چوندي هجي "مون جهڙي ڪا ٻي نہ آهي... نہ ئي وري ٿيندي!"

هن سڙڪ جي ڪاري ڏانبر واري اڏول ڇاتي مٿان هر روز ڪارن موٽر سائيڪلن، ٽانگن، سائيڪلن ۽ پيرين پنڌ وارن کان سواءِ نه ڄاڻ الائجي ڪيترا گڏهه، ٻڪريون ۽ ٻيا جانور به پنهنجي قدمن جي لتاڙ ڪندا هئا پوءِ به مٿس تر جيترو فرق ڪونه آيو هو شايد انهيءَ ڪري جو هن سڙڪ جي تعمير جو ٺيڪو هڪ انگريز ٺيڪيدار هٿان پورو ٿيو هو.. سڙڪ تي روز ڪيترائي واقعا، حادثا ۽ ٻيا حالات رونما ٿيندا هئا پر انهن جو به رتيءَ برابر فرق نه پيو هيس.

”بابو صاحب.... او صاحب! ڏئي وڃ روپيو الله جي نانءَ تي... منهنجا ٻار بک تي آهن!“ اهي هٿ ڏگهو ڪري ٻاڏائيندڙ ڪردار ڪي لولا لنگڙا... انڌا.... ٻوڙا... ڪاڻا ته وري ڪي مظلوم... رحم جوڳا منهن ڪنيو مٽيءَ ۾ مٽيءَ بڻيا نظر ايندا هئا جن کي جڏهن موٽ ۾ ڪجهه به پلئه نه پوندو هو ته سندن ٻڻ ٻڻ ۾ سموري جهان جي نفرت پرجي ايندي هئي.

هڪ پوڙهو امير شخص پنهنجي موٽر ڪار ۾ سوار مڇن تي هٿ ڦيريندي پينو عورت کي تڪيندو وڃي ٿو جنهن جي اکين مان ليئا پائيندڙ بيوسي به ڪيس خير لاءِ نٿي اتساهي... انهيءَ پٺيان به نينگر سائيڪلن تي سوار آهن جن جي اکين ۾ سامهون ايندڙ موچاري عورت جي ساڙيءَ مان سج جي تجلي تي اڇا موتي چيچڙ لڳا آهن پر هو ماحول کان بي نياز ٻٽيل پنهنجي نوڪر سان ڳالهائڻ ۾ رڌل آهي....

ڪجهه دير لئه سڙڪ ويران بڻجي وڃي ٿي سواءِ ان ٽانگي واري جي، جيڪو پنهنجي مٺل گهوڙي کي ساهي ڏيڻ لئه هڪ ڪنڊ ۾ بيٺل آهي پر اوچتو هڪ سپاهي زور سان سيٽي وڄائيندي اچي مٿان پويس ٿو.

”هٽ ڇو بيٺو آهين... اڙي او ٽانگي وارا هل! نڪر هٽان ورنه ڪيانءِ ٿو چالان!“

”حضور! مان ته....“

”حضور جا پٽ! تون ڪونه مڙندين هٽ صدري ۾ وجهندي هل هاڻي ٽاڻي تي.“

ٽانگي وارو پوءِ هٿ ۾ ٻيٺي ڪيل هڪ شئي، سپاهي جي کيسي ۾ سرڪائيندي وري ليلائي ٿو.

”تون ابو آهين... معافي ڏي.. وري نه ائين ڪندس.“

”(....)“ ها! هي ته ڪجهه به نه آهي.“ پوءِ ڪجهه سوچيندي وري پڙڪي ٿو. ”چڱو هاڻ تر... تر هتان... وري نه ڏسانءِ ٻيهر.“

ٽانگي وارو هو مٺل گهوڙي کي هڪليندي اڃا ٿورو ئي اڳتي وڌي ٿو ته هڪ انگريز آفيسر اچيس ٿو.

”ڪنٽومينٽ“

”صاحب! اٺ آنا!“

”اٺ آنا ڇو؟!“ ڇهه آنا... اوڪي؟!“

”نه صاحب نه... اهي گهٽ آهن.“

”ڇا؟ ڇا ٿو بڪين؟!“ ۽ پوءِ انگريز آفيسر جي هٿ ۾ ڪنيل بيد واري ڇڙي ٽانگي واري جي نيستي وجود مٿان ان وقت ٺائين، تيز تيز پوندي رهي جيسين به اڌ نه ٿي هئي... گهڙي پل ۾ ٽانگي واري جي رڙين تي ماڻهن جو هشام مڙي ويو جن ۾ ٻه ٽي سپاهي به ڊوڙي پهتو. ماڻهن جي هشام کي چيريندي اڳتي وڌي.

معاملي جي نزاڪت سمجهندي هن به ٽانگي واري مٿان ڏمرندي ڪيس هيسايو. ”حرامي جا پٽ! هاڻ جو هاڻ صاحب بهادر جي پيرن تي ڪري معافي وٺ.“

ٽانگي وارو پنهنجو ميرو پٽڪو لاهي، ان جي هڪ ڪنڊ سان اکين مان وهندڙ نيرا اگهندي سڏڪندي ڏڪندي انگريز جي قدمن هيٺ جهڪڻ لڳي ٿو. ائين هشام ڇڙوڇڙ ٿي وڃي ٿو ته سڙڪ به وري سنسان ٿيڻ وڃي ٿي.

شام جا پاڇا وڌڻ لڳن ٿا... هڪ هڪ ڪري بجلي جا روشن ٿيندڙ بلب وڌندڙ اونداهه کي پنهنجي روشن وجود ۾ سموهڻ ٿا لڳن. انهيءَ سمي مان ڏسان ٿو ڪچهري ڪان سڌ پنڌ تي ميرن ڪپڙن ۾ ميرانجهڙيل ٻٽيل ٿڪيل.... بي ترتيب مزدور پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندي ٿي وريا.

”ڏي خبر ادا! هاڻ ته پاڻ پرو ٿي ويو آهين؟“

”هائو ڀائو...“ نراس لهجي ۾ وراڻي.

”پوءِ پگهار ته چڱڙي ملئي ٿي نه؟!“

”بس! مڙئي گذارو آهي.“

”سٺو ٿيو.. ڀائو شڪر ڪر... گهر جو گاڏو ته هلي پيو ٿئي. اڳ ته حال اهو هئي جو تنهنجي گهر واري هڪ قاتل ساڙهي ۾ پئي وقت گذاريندي هئي....“ ڪي پل ماٺ... پوءِ وري ماٺ ٽٽي ٿي.

”ٻڌو آهي ته جنگ لڳڻ واري آهي؟!“

”ڪڏهن ٿي لڳي، لهجي ۾ خوف ۽ مايوسي.“

”تنهن جي ڪا پڪي سُڌ ته ناهي... پر جي سچ ۾ جنگ لڳي پئي ماريا ته وري به اسين غريب ئي ويندا سين.“

”ڪنهن جي ڪهڙي خبر غريب مري ڪي امير.“

ڪجهه دير سانت رهي ٿي ۽ هو ٻئي ڳرن قدمن سان وڌندا رهن ٿا... ڪجهه سوچي خوشحال مزدور، بي حالي واري مزدور کان پڇڻ لڳي ٿو.

”خبر... تو وارو نينگر هاڻي ڪيئن آهي؟“

”پهريون جيان ئي آهي... تپ ۾ ٽانڊن جيان ٻرندو ٿو رهي.“

”ڇئبو ته ڏکو بخار ٿو هليس... معنيٰ ته مليريا....“

”ها ادا! اٿس ته الائي ڇا... ڇوري کي بخار ڇڏڻ جو نانءُ ئي نه ٿو وٺي. ٻيو هن جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي پريشان لهجي ۾ وري ڪيس ٻڌائڻ ٿو لڳيس.

”بس! ڇا ڪيان، ڪا واهه نٿي سوجهي. هيڏانهن هتڙ ۾ پائي به ناهي ته هوڏانهن هاڻ حڪيم به تڪي ڦوٽي ڪان جباب ڏئي ڇڏيو اٿم.“

”يار! جي منهنجي مڃين ته فوج ۾ ڀرتي ٿي وڃ.“

”هائو ڀائو! ڇوين ته سچ پيو مان به اهو ئي سوچي رهيو هان...“ پوءِ خوشحالي ۾ گذاريندڙ مزدور موڪلائيندي چويس ٿو: ”چڱو هاڻ. موڪلائي ناهي.... الله بيلي!“

ڦاٿل ڏوتين سان پيرين اگهاڙي ٿڪل قدم کڻي هلندڙ سڙڪ تي هاڻ هي الائي ته ڪهڙا ماڻهو هئا جيڪي نه ته مجاهد دين ٿي لڳا... نه ئي وري آزادي جا سپاهي... بڪ.... بيماري ۽ غربت جي چڪيءَ ۾ اهي ڪجهه ڀريل پيٽ وارا ته وري ڪي نيستا وجود رکندڙ پنهنجي ڏن ۾ مگن ٿي واچوڙي وانگر واءُ ٿي ويا هئا.

هاڻ هڪ وهي ڪاهي چڙهيل وجود واري عورت سان گڏ جواني جي رُت ۾ ٽمندڙ نئين ساماٽيل ڇوڪري پنهنجي پنهنجي مٿن تي تازن ڇيڻن سان ڀريل ٽوڪرا ڪنيو ٿي آيون اڌڙوٽ عمر واري عورت خچر جيان سهڪندي ٿي هلي ته جوانڙي جواني جي جذبن سان ٽمٽار جنهن ڪي ڇُوهُو هلندو ڏسي پوڙهيءَ چڙٻ ڏيندي چيو هيس.

”ڇوري ٿورو بيهه ته سهي... ائين هوا ٻٽيو ٿي وڃي.“ پوڙهيءَ جي ڇهري تي وقت ۽ حالتن جا نشان جهير جهير جي شڪل ۾ چٽا بيٺا هئا. اڙي نياڻي! توکي منهنجو تِر جيترو به خيال ناهي.“

”ائي امان! گهر هلي سانجهڻ ڪرڻي آهي سڀ خبر اٿئي پوءِ به ڇوين پئي ته آهستي هلان.“ ڏي جو اهڙو جواب ٻڌي ادهيڙ عمر واري ڳٽتي ۾ ونجي صرف ايترو وراڻو ڏنس.

”چڱو امڙ! جيڪا تنهنجي مرضي....“

پنهنجي هيٺي وجود جي سموري ست ڪي سنڀالي هوءَ ڏيءَ پنيان ائين ئي سهڪندي، سهڪندي هلندي جيئن ڪنهن گڏهه گاڏي ۾ وڏل مينهن جي ڦر پنيان ماءُ هيڪندي هلندي رهندي آهي. اها پوڙهي نه ڄاڻ الائي ڪيترن صدين کان وٺي پنهنجي ٻار هيٺي وجود سان ڇيڻن جي ڳري بار واري اها ٽوڪري کڻي هلي رهي آهي جنهن جي جهير ڏنل ڇهري تي وقت پنهنجا ڪيترائي نشان ڇڏيا ها.

هاڻ مان ڏسان ٿو حسين. چنچل ادائن وارا موڇارا وجود جوانيءَ جي نشي ۾ مست. دلربا ادائن سان سڙڪ تي هلي رهيا آهن جن وچ ۾ ڪو معاملو حل ٿيڻ جوڳو ئي نه هو.

”ڇو نه اڄ شملا ڀهاڙي جي تفريح ڪجي.“

”نه... هرگز به نه... ڇڏيو شملا وملا... اڄ پاڻ لارنس گارڊن ٿا هلون.“ ٻئي احتجاج سان گڏ پنهنجي پسند به مڙهي هئي.

”اڇو ته سڀ انارڪلي ٿا ڏسي اڇون.“

”منهنجو خيال هي آهي ته ريگل هلجي.“

ٻ پوءِ چارئي ڄڻيون ڪبرين جيان شور مچائڻ لڳن تيون تہ اوچتو ئي هڪ تيز حشمت ڀريو لهجو گونجي پوي ٿو.

”ماٺ ڪيو سڀ... مان چوان ٿي ڪاڏي بہ هاڻ هلڻ جي ضرورت ناهي رهي... هاڻ جو هاڻ هڙئي واپس هلو.“

اڄوڪي ڏينهن تي سڙڪ سجاڻ ڪان ئي ٻاهر ڏسان ٿو جنهن جي ٻنهي پر رنگ برنگي جهنڊيون... بينر هٽي ڪيس نئين ڪنوار جيان سينگاريو ويو هو. ها! اڄ ڪو وڏو ۽ معتبر ماڻهو اچڻ وارو هو جنهن جي آڌرڀاءَ لاءِ اسڪولي ٻارڙن کي هٿن ۾ جهنڊيون ڏئي قطار جي صورت ۾ ويهاريو ويو هو ۽ هاڻ ڏيڍ ڪلاڪ ائين ويٺي ڪومل معصوم وجود سج جي تپش ۾ تامي جيان تپي ويا ها. سندن چپن کي خشڪي وڪوڙي وئي هئي. پوءِ بہ چڙ... بيزاري ۽ بي قراري تي قابو پائيندي پنهنجي باادب هئڻ جو مثال پيش ڪري رهيا ها جن مان ڪي هوشيار اک ڀڃي وٽن جي تارين پنيان ٿي لڪي ويٺا. سندن استاد هرهڪ کي جاچيندي هوشياري ڪندي پنهنجي عزت بچائڻ ۾ ائين رڌل هيا جيئن چالاڪي سان ٻلي ڪوئن پنيان هوندي آهي.

”اڙي شمن! پنهنجي ٽوپي سڌي ڪر.“

”غلاموءَ جا پٽ! هوشيار ٿي....“

”ڇورا پيرن ۾ اچي اڳڻ پيو اٿئي....“

استادن جي دهمانن ۽ دڙڪن تي بي چين ٻٽيل ٻار هراسجي ۽ ٽڪجي پيا ها... جن مان نيٺ هڪڙي دانهن ڪندي نيٺ چئي ڏنو.

”سائين! پاڻي؟!“

”اڙي ڪٿان آڻيان پاڻي؟!!... هت ڪو پنهنجو گهر ڏنو اٿئي ڇا؟! بس! باقي ٿوري دير آهي تيستائين پنهنجي ڏوگهي تي قابو رک.“

ٻہ چار... ڏهہ... ويهہ منٽ گذري وڃن ٿا معصوم خشڪ چپن تي زبان ڦيريندي اڄ وگهي وري ٻاڪاري ٿو.

”او سائين! منهنجو دم ٿو نڪري... پاڻي گهرجي... پاڻي.“

پر هن جي فرياد اڻ ٻڌي ڪندي هڪ استاد باقي سمورن شاگردن کي هوشياري وٺائڻ ٿو لڳي.

”سڀ جا سڀ غور سان ٻڌو... جهنڊيون هن طرح سان (هٿ لوڏيندي) لوڏيون آهن، سمجهو ٿا نہ ڪا بہ غلطي نہ ڪجو.

”... ورنہ....“ شاگردن تي نظر پوندي ئي استاد ڪاوڙ وچان ٻاهہ ٿي وڃي ٿو.

”اڙي نالائقو! جهنڊيون ڪيڏانهن ڪيو اٿئو.“

”هي ڇورا خالي هٿين هن ڪيو هنن کي ٻاهر ڪٿي مارائي نہ وجهن پاڻ کي....“ ٻئي خبرداري ڪندي ڀهرئين کي صلاح ڏني هئي.

اوچتو ئي چين ٽيل وجودن ۾ حرڪت پيدا ٿي پوي ٿي ۽ سڀ جا سڀ شاگرد بي دليو هٿ هوا ۾ لهرائي جهنڊيون ڦڙڪائڻ لڳا ها ڏسندي ئي معزز ماڻهو اڪ چنڀ ۾ لنگهي ويو ته هرهڪ جي ساهه ۾ ساهه موٽي آيو قطار ٻٽيل هجوم ڪک پن ٿي ويو جن جي هٿن واريون جهنڊيون هاڻ پيرن ۾ لتاڙجي رهيون هيون... هوڪي وارا به هاڻ طرح طرح جون شيون ڪنيو ميدان ۾ لهي پيا ها.

هاڻ مان ڏسان ٿو ته صبح جي ڦهلندڙ سوجهري ۾ جمعدار پنهنجي مخصوص انداز ۾ ٻهارو ڦيريندي سڙڪ جي سيني کي صاف ڪري رهيو آهي جنهن جي نڪ تائين رومال ائين ويڙهيل آهي جيئن ڳاهه ۾ ٻڌل ڏاندن جي وات تي ٻنجو ڏئي سندن وات ٻڌو ويندو آهي... جنهن پنيان ڪالي آهستي آهستي پاڻ چٽڪي وڏندو ٿي ويو... هن جي سامهون ايندڙ هڪ ڏاند گاڏي جي جوٽيل پاڄاري ۾ به ڏاند وڏي بيزارگي مان اڳتي وڌي وڃن ٿا ته هُو پنهنجي منهن سر وکيري جهونگارڻ ٿو لڳي... پر سڙڪ جي هڪ پاسي ڪاله شام کان پيل مئل گڏهه جي طرف ڪنهن جو به ڌيان ناهي جنهن جا ڏند پڪوڙيل ۽ وات اڌ تائين ڪليل رهجي ويل آهي جنهن کي غور سان تڪجي ته ائين محسوس ٿئي ٿو گڏهه ڄڻ چوندو هجي.

”الله جي واسطي مون تي رحم ڪائو....“ پر هت ڪو به ڪنهن مٿان رحم ڪائڻ لاءِ تيار ناهي... صرف اِها سنسان سڙڪ ئي آهي جو روز جا اهڙا هزارين ٿيندڙ لقاءَ ماٺ ڪيو ڏسي رهي آهي.

۽ مان... ها! مان به پاڻ تي جڪ ڪائيندي اڪثر هي سوچيندو آهيان ته ”جيڪر! هن سڙڪ کي ڊائنامائيٽ سان هميشه هميشه لاءِ اڏائي ڇڏيان.“ ۽ پوءِ سڙڪ جا اڏندڙ ٽڪرا ٽڪرا ڏسي جيڪا خوشي دل کي ملندي ان احساس جي لذت کي به مان ئي محسوس ڪري سگهان... ها! انهيءَ سڙڪ تي هلندي، لچندي... سوچيندي... دل چوندي آهي ته ڪپڙا تن تان لاهي الف اگهاڙو ٿي ٻٽجي، مستي ۾ سرشار ٿي نچندو رهان... مون کي انسانن کان نفرت آهي. مون کي چاهيو پيلي پاگل خاني ۾ رهايو. پر مان هاڻ هن سڙڪ تي آزاد گهمڻ هرگز به نٿو چاهيان.

# خواجه احمد عباس

(1914ع - 1978ع)



ننڍي کنڊ جي عظيم تخليق ڪارن منجهان آرٽ ۽ ادب جي شعبن ۾ غير معمولي حيثيت رکندڙ خواجه احمد عباس به هڪ آهي، جنهن جو جنم 7 جون 1914ع تي هندوستان جي تاريخي شهر پاني پت جي رياست هريانه ۾ ٿيو. والد جو نالو غلام السبطين انصاري ۽ والده مسروره خاتون هئي جيڪا مولانا حالي جي پوٽي هئي. شروعاتي تعليم حالي مسلم هاءِ اسڪول قلندر پاني پت مان ۽ انٽرميڊيٽ علي مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه مان، بي. اي 1933ع ۾ ۽ ايم. اي 1935ع ۾ علي ڳڙهه مان حاصل ڪئي. عملي زندگي جي شروعات سن 1933ع ڌاري صحافت ۾ "نيشنل ڪال" ۽ "هندوستان ٽائيمز" اخبارن سان ڪئي. شاگرديءَ واري زماني ۾ ئي هن هفتيوار اخبار "علي ڳڙهه اوپينين" ۾ لکڻ شروع ڪيو هو. بمبئيءَ ۾ اچي هُو "بمبئيءَ ڪرانيڪل" ۾ لکڻ لڳو جتان فلمي دنيا ۾ "بمبئي ٽاڪيز" اداري ۾ پارٽ ٽائيم نوڪري سان گهڙيو ۽ ڏسندي ئي انڊين موش پڪچرز پروڊيوسر ڊاڪيومينٽري، پروڊيوسر ايسوسيئيشن، فلم ڊائريڪٽر ايسوسيئيشن ۽ آخر ۾ فلم رائيٽر ايسوسيئيشن جو حصو بڻجي پنهنجي صلاحيتن ڪي مڃرايو.

خواجه احمد عباس جيئن ته آرٽ ۽ ادب جي شعبي جو ماڻهو هيو سو هن آرٽ جي دنيا ۾ 50 کان مٿي فلمي ڪهاڻيون، مڪالما، اسڪرين پلي ۽ ڪجهه يادگار فلمون پڻ هدايت ڏنيون، جن ۾ ڌرتي ڪي لعل، انهوني، شهر اور سپنا، آواره، پرديسي، آج اور ڪل، ڊاڪٽر ڪوئنس ڪي امر ڪهاني، ميرا نام جوڪر، بوبي، سات هندوستاني، دو بوند پاني، محل وغيره شامل آهن. جن ڪيس عالمي سطح تي نه صرف شهرت بخشي پر فلم انسٽيٽيوٽ آف پونا جو وزيٽنگ پروفيسر، به سال انڊين فلم ڊائريڪٽر ايسوسيئيشن جو صدر به منتخب ڪيو ويو. هن جاپان، آمريڪا، فرانس ۽ عرب ملڪن جا پڻ دورا ڪيا.

ادبي دنيا ۾ لکڻ جي شروعات خواجه احمد عباس فنِ افسانه نگاري سان ڪئي. هن جي پهرئين ڪهاڻي سن 1937ع ۾ "ابابيل" لکي ۽ پوءِ ناول، ڊرامن، رپورٽ تاژ ۽ صحافت جي شعبن ۾ مسلسل لکي پنهنجي ادبي صلاحيتن کي به مڃرايو. سندس سڃاڻپ جو ڀرپور حوالو افسانه نگار جو آهي. هن پنهنجن ڪهاڻين ۾ زندگي جي خوشين کان محروم ۽ سماج ۾ پٺتي پيل ڌڪاريل ڪردارن سان گڏ سماجي ناانصافي جي تصوير حقيقي انداز ۾ چٽي آهي. سندس ادبي سرمايو ڏهه اردو ۽ ٽي هندي افسانوي مجموعن، ٻن ڊرامن، ٽن ناولن، ٻن رپورٽ تاژ هڪ فلم نگري هڪ سياست، ٻن آپ بيتن ۽

ويهن مختلف موضوعن وارن انگريزي ڪتابن تي مشتمل آهي. جن مان زعفران ڪي پهول, انقلاب, چار دل چار راهين ۽ مين ڪون هون وغيره گهڻا مشهور ٿيل آهن.

پنهنجي طويل ادبي ۽ فني ڪيريئر ۾ خواجه احمد عباس کي مختلف طور تي ڪيترن ئي اعزازن, ميڊل ۽ شيلڊن سان نوازيو ويو جن مان ڪجهه هي آهن:

1. 1968ع ۾ ادب جو پدم شري ايوارڊ
2. اردو اڪيڊمي ڀوپال طرفان ادب جو ميرا ايوارڊ
3. قومي يڪجهتي تي بهار جو اردو جرنلسٽ ايوارڊ
4. هريانه سرڪار پاران ادب جو ايوارڊ ۽ شال
5. فلم .شهر او سپنا" تي پريزيڊنٽ گولڊ ميڊل
6. اطياله ڪار لو دي دارا پاران بهترين هدايت ڪاري تي فلم فيسٽيول ايوارڊ
7. فلم "شهر او سپنا" تي گمون اپس فلم فيسٽيول ايوارڊ
8. سنتا باربرا آمريڪا فلم فيسٽيول آمريڪا پاران ايوارڊ
9. سون جي مهر "نڪلائٽ" اسڪريت تي اطالبه جو فلم فيسٽيول ايوارڊ
10. 1983ع ۾ مودي غالب ايوارڊ

زندگي جي سچاين جي ترجماني ڪندڙ خواجه احمد عباس پنهنجي لکڻين بابت چوي ٿو ته "ڪجهه چوڻ واري دلچسپ ڳالهه ڀيرائتي انداز سان بيان ڪرڻ, ماڻهن کي سچائڻ ۽ پنهنجن نظرين کي سچائڻ زندگي جي سچائي آهي." هن جي اهڙين حقيقي سچائين جو اعليٰ مثال شاهڪار ڪهاڻي "ابابيل" جو ترجمو پيش ڪجي ٿو.

[اردو ڪهاڻي خواجه احمد عباسي]

# ابابيل

هُن جو نالو رحيم خان هو پر هُن جهڙو ظالم ۽ پٿر دل انسان شايد ئي ڪو ٻيو هجي. سندس نانءُ ڪڻڻ کان سجو ڳوٺ لنوائيندو ۽ ڊڄندو هيو. هُو نه ماڻهن تي رحم ڪائيندو هو نه ئي وري جانورن تي ڪيس ڪا ڪهل ايندي هئي. هڪڙي ڏيهاڙي رامو لوهار جي پُٽ هُن جي ڏاندن جي پُڇ ۾ ڪک ٻڌي ڇڏيا. بس! پوءِ ته ڪيس ماري ماري صفا اڌ مئو ڪري رکيائين. ٻيءَ ڀيري وري ائين ٿيو جو زميندار جي گهوڙي

سندس ٻنيءَ منجهه ڪاهي هن جي فصل جي ڀيل ڪئي ته اُن کي ٻه هُن لٽ سان ايترو ڳُٽيو جو گهوڙي رت ۾ وهنجي پئي. تڏهن ئي ته هن لئه هرڪو ئي چوندو هو.

”ظالم کي ڪو خدا جو ڏرو ٻه خوف ناهي....“

معصوم ٻارڙن ۽ ٻي زبان ڍورن کي ٻه معاف نٿو ڪري“

هي سڀ هن جي غير موجودگيءَ ۾ چيو ويندو هو ان ڪري جو سامهون ٿي ڳالهائڻ جي همت ڪنهن منجهه ٻه ڪانه هئي. هڪ ڀيري ٻندوءَ کي ڪُتيءَ ڪنيو جنهن منهن تي چئي ڏنو هٿائينس.

”ياءَ رحيم! ٻارڙن کي ڇو ماريندو آهين؟!“

بس! پوءِ ته هن جي اهڙي حالت ڪيائين جو هر ڪنهن توبهه ڪندي ساڻس ڳالهائڻ ته پري پر خير جو سلام ڪرڻ ٻه ڇڏي ڏنو هو. هڪ جو هي خيال هيو ته ”رحيمو جو دماغ خراب آهي، جنهن ڪري هن کي جلد کان جلد پاگل خاني داخل ڪرايو وڃي.“ ڪنهن ٻئي وري جوش ۾ پڙڪو ڏيندي چئي ڏنو هو ”جي هاڻي هن ڪنهن سان ٻه اگرائي ڪئي ته پوءِ ٿاڻي تي رپورٽ ڪبي.“ پر اهو ممڪن نه هو جو هن خلاف شاهدي ڏئي ڪو ئي ٻه مفت ۾ پاڻ سان دشمني ڪري.“

آهستي آهستي هڪ هڪ ٿي ڳوٺ جو هرهڪ ماڻهوءَ هن کان پري ٿيندو ويو پر رحيمو تي انهيءَ جو ڪوبه اثر نه ٿيو ايتري قدر جو هُو هڪ ڳوٺ ۾ رهندي ٻه ڳوٺ وارن لاءِ ڄڻ ڌاريو بڻجي پيو پوءِ ٻه پنهنجي معمول مطابق زندگي گذاريندو رهيو. پرهه ڦٽيءَ ويل هر ڪلهي تي رکي جڏهن ٻنيءَ طرف نڪرندو هو ته دڳ ۾ نه ڪنهن سان ڳالهائيندو هو نه ڪنهن طرف اک کڻي تڪيندو هو. ٻنيءَ ۾ پهچي پنهنجي ڏاندن جوڙي سان سڄو ڏينهن ڪم ڪندي ائين ڳالهائيندو رهندو هو جهڙوڪ کي ڪنهن سان ڪچهري ڪندو هجي. هن ڏاندن جا نانءَ ٻه رکيا هئا. هڪ کي نٿو ته وري ٻئي کي ڇدُو سڏيندو هو.

”اڙي نٿوا تون سنئو ٿي ڇو نٿو هلين.... ٻڌاءِ هيءَ ٻني جو هَرُ تنهنجو پيءُ پورو ڪندو... ڇدوا تنهنجي ٻه شامت آئي آهي ڇا؟!!.....“

جڏهن ڪيس ڪاوڙ اچي ويندي هئي ته پوءِ سچ ۾ نٿوءِ ڇدو مٿان هُن جي ڪاوڙ ڏمر بڻجي ڪرندي هئي. ڪين هٿ ۾ جهليل رسي سان ڪتي ڪتي ڦٽ وجهي ڇڏيندو هو. باقي رهي سهي ڪاوڙ شام جو گهر ايندي ئي ٻارن ۽ زال تي ڪڍي پوري ڪندو هو. ساڳ يا دال ۾ لوڻ مرچ گهٽ هجڻ جو بهانو ڪري زال کي اڌيڙي وجهندو هيو. ٻار ڪيڏندي گوڙ ڪندا ته ڪين ڏاندن واري رسي سان ماري ساٽو ڪري وجهندو هو. هر نئين سج سان گهر ۾ نئون ڊرامون رچائيندو هو. اوڙي پاڙي وارو هرڪو ئي اهو سڀ ڏسندي ٻه چپ رهندا هئا. جو اهو سڀ هاڻ روز جو معمول بڻيل هيو. جيڪڏهن ڪو اڳتي وڌي وچ ۾ پوندو هيو ته پوءِ ان جو خير نه هوندو هيو. روز روز جي مار ڪائي سندس گهر واريءَ جي اِها حالت ٿي هئي جو هوءَ چاليهن جي هوندي ٻه سٺ سالن جي نظر اچڻ لڳي. هڪ ڏينهن هن وڏي پٽ کي ايتري مار ڏني جو هو پيءَ کان ڪاوڙجي سندس پري جي هڪ مِٽ وٽ پير واري ڳوٺ ۾ وڃي رهيو. جنهن جي سِڪ ۾ سڙندي پڄرندي جوڙس هڪ ڏينهن ڊجي ڇيو هو.

”جي هلاس پور وڃڻ ٿئي ته پوءِ نورو کي واپس گهر وٺي اچو.. ڏاڍا ڏينهن ٿي ويا هن هاڻ هن بنا رهي نٿي سگهان.“

”ڇا ٿي چوين رن!... مان ۽ وري ان حراميءَ کي وٺي اچان. جيڪو پاڻ ويو آهي. ڪن ڪولي ٻڌ جي هُو هاڻ هن گهر ۾ موٽيو ته هُن جون ٽنگون ڀڃي رکندس.“

انهن ئي ڏينهن ۾ هن جو ننڍو پٽ به سندس روز جي مار ڪُٽ کان پاڻ آجو ڪرائي گهران ڀڄي وڃي پاءُ سان گڏ رهڻ لڳو. سندس زال تي به هاڻ هن جي مار جو رتيءَ برابر به اثر نه رهيو هو پوءِ به هن اهڙي سيڪت ڏني هئس جو هوءَ برداشت نه ڪري سگهي ۽ هن جي غير موجودگي منجهه هميشه هميشه لاءِ گهر ڇڏي پاءُ سان وڃي ماءُ جي گهر رهڻ لڳي... سچ لئي جڏهن رحيمو گهر موٽيو ۽ خالي گهر ڏسي پل لئه حيرت ۾ آيو ته پاڙي واريءَ ڊڄندي هي سڀ ٻڌايو هيس.

”ادا رحيم خان! تنهنجي زال ماءُ جي گهر وئي آهي... ويندي چيائين پئي ته ٻن ٽن ڏينهن اندر موٽي ايندس.“

پر رحيمو کي اها پڪ ٿي چڪي هئي ته هوءَ هاڻ ڪانه ورندي شايد تنهن سبب ڪري ئي هو اهو سڀ ماٺ ڪري ٻڌندو رهيو پوءِ ڏاندن جوڙي کي ڪلن سان ٻڌي گهر اندر هليو ويو. جيئن ئي ڪوٺي ۾ گهڙيو بڪاري ٻليءَ مياؤن مياؤن ڪندي اچي پيرن منجهه پيس ته هن ڪاوڙمان پڇ مان جهليندي در کان ٻاهر زور جي اڇل ڏئي ڇڏي هئي ۽ پوءِ چُلهه ۾ ڏٺائين ته صبح واري ٻريل باهه جي خاڪ ٺري چڪي هئي. گهر ۾ هاڻ ڪو اهڙو موجود ڪونه هيو جو هن جي لئه باهه ٻاري ماني پچائي رکي هان. هُو پوءِ ڪٽ تي ڊگهو ٿي چادر پائي سمهي پيو هو.

صبح جو جنهن مهل رحيمو جي اک کلي ته سج به ڪانا مٿي چڙهي بيٺو هو. هن کي به ڪا تڪڙ ڪانه هئي. هُو ٻڪريءَ جو کير پي، حقو ناهي کٽ تي نهي جڙي ويٺو ۽ مزي سان گُڙ... گُڙ ڪندي حقو پيئڻ لڳو. جڏهن سج جو پاچو لڙي جهوپڙي اندر لڙيو ته هن پهريون ڀيرو پنهنجي گهر جو جائزو وٺندي نهاريو ڪيس پٽين تي ڇارو جهجهو نظر آيو هو.

”چو نه اڄ گهر جي صفائي ڪجي.“

پوءِ بانس جو لڪڙو ڪٺي، ان ۾ لٽو ٻڌي هُو پٽين ۽ ڇت مٿان ڄميل ڇارو لاهڻ لڳو. اوچتو هن جي نظر ڪانن جي ڇت مٿان رکيل شهتير جي ڪنڊ وٽ بيهي رهي، جتي ابابيلن جو ناهيل آکيرو نظر آيو هيس ۽ جوڙي ابابيلن جي انهيءَ آکيري اندر ايندي ويندي پڻ ڏٺائين.

”هي آکيرو ڊاهي ٿو ڇڏيان.“ هن دل ئي دل ۾ سوچيو پر پوءِ ارادو مٿي گهڙا منجي سوري ان تي بيهي آکيري ۾ اندر نهاريائين ته گوشت جي ڳاڙهين ٻوٽين جهڙا به ننڍڙا ابابيل ٻچا نظر آيا هُيس جن جي چُون چُون جي آواز تي خوش ٿيندي هن سجو هٿ جيئن آکيري اندر وجهڻ جي ڪئي ته نر ابابيل هن کي ٺونگا هڻندي ٻچن جو بچاءُ ڪرڻ لڳو.

”اڙي.. اڙي ڪونچرا! اک ڪڍندين ڇا؟!!“ هي وڏا وڏا ٺهڪ ڏئي چوڻ لڳو. ائين ڀڄريون ڀيرو هن جي هٿان ڪو ٻچي ويو هيو ته اهو هي ابابيلن جو آکيرو هو.

ٻئي ڏينهن کان هن معمول مطابق ٻنيءَ تي وڃڻ شروع ڪيو. ڳوٺ جا ماڻهو اچا تائين هن کان پري هيا. ٻنيءَ ۾ سڄو ڏينهن هر هلائيندي.. پاڻي ڏيندي.. گاهه ڪرڻ تائين پنهنجي ڪِرت ۾ جنبيل رهندو هيو پر سج لهڻ مهل ٿيندي ئي پويان پير ڪندي اچي گهر پهچندو. ڏاندن کي ٻڌي ڪين گاهه ڏئي پوءِ حقو ناهي پلنگ تي ويهي حقي جي نڙ مان گُڙ... گُڙِ جا آواز ڪڍندي ابابيلن جي آکيري طرف تڪيندو رهندو.... ائين وقت گذرڻ لڳو گوشت جي ٻن ٻوٽين جهڙا ابابيلن جا ٻچا اڏامڻ جهڙا ٿي پيا، جن مٿان هن پنهنجي ٻن پٽن جا نالا نورو ۽ پوءِ بندو رکيا ۽ پوءِ اهي چارئي ابابيل پکي هن جا دوست بڻجي پيا. ته هن جي سڀاءَ ۾ به تبديلي پيدا ٿيڻ لڳي، جنهن کي محسوس ڪندي ڳوٺ وارن کي اچرج وڪوڙي ويو. هاڻ هن جي ڏاندن جوڙو نٿو ۽ ڇدو به خوش هيا جن کي هن مار ڪُٽ ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي ۽ انهن جي ڦٽن جا نشان به متجڻ لڳا هئا.

ٻنيءَ تان موٽندي هڪ شام ڏار دڳ ۾ ٻار راند روند ڪندي نظر آيس ۽ اوچتو هن کي ڏسي راند ڇڏي وٺي ڀڳا جن کان پنهنجا پادر به ڪڍڻ وسري ويا تڏهن هيءُ ٺهڪ ڏيندي ڪين چوندو رهيو.

”اڙي ڀيهو.. ٻڌو ته سهي ائين ڪاڏي ٿا ڀڳا وڃو پٽيان... موٽي اچو مان هاڻ ڪنهن کي به مار ناهيان ڏيندو.“

پر هڙئي ٻار ڪانئس گهڻو پري پڄي بيهي رهيا هئا. پوءِ هن هڪ نظر آسمان طرف ڪٽي نهاري جتي ڪارا ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا هئا. تڏڙي گهلندڙ هير ڄڻ مينهن پوڻ جو اعلان ڪري رهي هئي. رحيمو پنهنجي منهن مرڪندو ڏاندن جوڙو هڪليندو تيز وکون پريندو اچي گهر پهتو. هن اجا ڏاندن کي لانڍيءَ ۾ ٻڌو ئي مس ته زور سان وڏ ڦڙي وارو مينهن پوڻ شروع ٿي ويو. هن ڪوٺيءَ اندر اچي در بند ڪيو ۽ ڏيئو ٻاريو ته ڪوٺيءَ اندر زرد سوجهرو ڦهلجي ويو. معمول جيان پاروٽي ماني جا پورا پورا ڪري وڏي ابابيلن جي آکيري آڏو رکيائين پر اج چارئي ابابيل جڏهن ٻاهر ڪونه نڪتا ته هن کي حيرت وڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙي وئي. پوءِ هن وڏي جيئن آکيري اندر نهاريو ته چارئي ابابيل پنهنجو منهن پرن منجهه ڏئي ٻڌل نظر آيا هيس ان ڪري جو سندن آکيري مٿان ڇت وٽان هڪ سوراخ ٿيل هو جتان مينهن جو پاڻي پوڻ ڪري آکيرو پوري طرح سان پاڻي منجهه پڄي ويو هو.

”ڪجهه وقت مينهن ائين ئي وسندو رهيو ته هي آکيرو ڍهي پوندو ۽ ابابيل بي گهر بڻجي پوندا.“ اهو خيال ايندي ئي هڪ ٻيو خيال به هن ذهن ۾ آندو ”نه نه مان هنن کي بي گهر هرگز به ٿيڻ نه ڏيندس.“

پوءِ طوفاني مينهن ۾ ڪوٺيءَ جو در کولي ڏاڪڻ رکي ڇت تي چڙهي ويو. مٿيءَ سان ڇت ۾ پيل سوراخ کي بند ڪري جڏهن هيٺ لهي ڪوٺيءَ ۾ پهتو ته سندس سمورو وجود مينهن جي پاڻيءَ ۾ ايترو

پسي ويو جو پوسل ڪري ڪيس هر هر زور سان نِڇون اچڻ شروع ٿي ويون هيون. پر هن پرواهه نه ڪندي پنهنجا آلا ڪپڙا نپوڙي پلنگ تي چڙهي وينو ۽ چادر ويڙهي سمهي رهيو.

ٻه ڏينهن گذري ويا هئا پر رحيمو ڪي ڪنهن به گهران ٻاهر نڪرندي ڪونه ڏٺو ۽ نه ئي وري هو ٻنيءَ تي ڪنهن هن کي ڪم ڪندي ڏٺو هو... آهستي آهستي هاڻ ڳوٺ ۾ چوِڀول شروع ٿي ويو هو. هر ڪ کي نه چاهيندي به رحيمو جي ڳڻتي ٿيڻ لڳي هئي. نيٺ ٽئين ڏينهن ڪالو زميندار سان ڪجهه ڳوناٽا خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ هن جي در وٽ اچي بيٺا هئا ته سندن ڪنن سان هن جو جهيڻو آواز ٽڪرايو هو.

”اڙي بندو... اڙي نورو... ڪاڏي مري ويا آهيو... اڄ توهان کي ماني ڪير کارائيندو....“

ٻه ٽي ابابيل رحيمو آڏو اڏامندي ڏسي ۽ ڪيس ائين ڳالهائيندو ڏسي، ڪالو زميندار ڏک وچان ڳوٺ وارن ڏي منهن ڪندي چيو هو.

”افسوس! پٽن جي ياد ۾ ويچارو چريو ٿي پيو آهي... سياڻي شفا خاني وارن کي اطلاع ڪري هن کي پاگل خاني ڏياري موڪليندا سين.“

صبح جو جڏهن شفا خاني وارا آيا ته سمورو ڳوٺ رحيمو جي در آڏو اچي مڙيو هو ۽ پوءِ جڏهن در کولي هن جي ڪوٺيءَ اندر گهڙيا ته هُو مري چڪو هو ۽ هن جي پلنگ جي چئني پاون کان چارئي ابابيل پنهنجو ڪنڌ نوايو ماٺ ۾ وينل هئا.

# گلزار



پاڪستان جي شهر جهلم جي علائقي دينہ ۾ 18 آگسٽ 1936ع تي سجن ڪور ۽ ماکن سنگهہ جي سِکَ گهراڻي ۾ اک کوليندڙ گلزار جي باري ۾ هي ڪنهن بہ نہ ٿي ڄاتو تہ هُو ايندڙ وقت ۾ ادب ۽ آرٽ جي دنيا جو هڪ وڏو ۽ سگهارو نانءُ ٿي اڀرندو. جنهن جو سمورو خاندان باقي ڀين سکن سان گڏ سن 1947ع جي ورهاڱي کان پوءِ لڏپلاڻ ڪري جڏهن ڪيرلا رياست ۾ رهائش اختيار ڪئي تہ انهيءَ دؤر ۾ ئي گلزار جي اندر جي تخليقڪار بي چين ٿي اڀريو. جيڪو هڪ گيرج ۾ ڪار مڪينڪ طور تي پهريان ڪم ڪندو هو. پنهنجي شوق جي اظهار کان پوءِ ڪيس هي چيو ويو تہ "جيڪڏهن تون سچ ۾ ليکڪ بڻجڻ چاهين ٿو تہ پوءِ پنهنجو پاڻ تي ياڙ" ۽ پوءِ هن واقعي ئي ائين ڪيو. ڪيرلا ڇڏي ڦوهہ جوانيءَ ۾ جڏهن گلزار ممبئيءَ جي رنگين راتين واري شهر ۾ وارد ٿيو تہ کيس اُن وقت جي چوٽيءَ وارن فلم سازن بمل راءِ ۽ هري ڪيش مکرجي جي ماتحتي ۾ نہ صرف ڪم مليو پر هن جي لڪيل صلاحيتون بہ اجاگر ٿيڻ لڳيون. ائين هن سڀ کان پهريون گيتگار جي حيثيت جوڙي ۽ سن 1963ع ۾ عظيم موسيقار سچن ديو برمن جي لاءِ هڪ گيت فلم "بندني" لاءِ لکيو جيڪو شيلندر سنگهہ ڳايو ۽ ليجند اداڪاره نوتن تي فلمايو ويو. ائين هن پوءِ مدموهن کان وشال بهاوراج ۽ اي. آر رحمان تائين اهڙا سوين امر گيت لکيا، جيڪي هر دؤر جا لازوال بڻيا هن.

گلزار جهڙن موسيقارن لئہ ڏسندي ئي پوءِ فلمي ڪهاڻيڪار، اسڪرين پلي ليکڪ، ڊائيلاگ ليکڪ، هدايتڪار، فلمساز، ڊاڪيومينٽري فلم ساز ۽ ڊائريڪٽر، ادب ۾ مترجم، شاعر، ڪهاڻيڪار، نقاد، ليڪچرڪار، ڊراما ليکڪ ٿي هندوستان کان وٺي سموري دنيا تائين هڪ ڪلاسڪ واري حيثيت سان گڏ جينيئس شخصيت ۽ ڪردار جو مالڪ ٿي اُڀريو جنهن جي ذات جا حوالا هزارين آهن. پر بالي ووڊ ۾ آرٽ جي تسلسل کي برقرار رکندڙ ۽ ڪتاب، خوشبو ڪنارا، پربچي، ڪوشش، لباس، ميرا، آنڌي، ليڪن، ماچس ۽ هو ٽُو ٽُو جهڙيون بي مثال فلمون ناهيندڙ ۽ وري مرزا غالب تي يادگار ڊرامو "مرزا غالب" ناهيندڙ هڪ عظيم ڪلاڪار بہ سڏجي ٿو. ادبي دنيا ۾ وري دستخط، راوي پار ڪهاڻي ڪتاب ۽ چاند پکراج ڪا جهڙو شعري مجموعو ڏيندڙ گلزار موجوده دؤر ۾ مهانتا جي وڏي درجي تي پهتل آهي. سندس گهر واري راکي گلزار انڊين فلمن جي ليئجنڊ اداڪاره تہ وري ڌيءَ ميگهنا گلزار پيءُ جيان هدايت ڪاري ۾ نالو ڪمايو آهي.

[اردو ڪهاڻي                                        گلزار]

# راوي پار

پٽس گھر ۾ مري ويس... ماڻس پناھ گاھ ڪيمپ ۾ وچائجي ويس... پوءِ بہ خبر ناهي درش سنگھ الائجي ڇو اڃا تائين ڇريو ڪونہ ٿيو هو؟ اهڙين حالتن ۾ سندس زال شاهني هڪ ئي وقت وري ٻن جاڙن پٽن کي جنم ڏنو هيس. ٻن ابهم جاڙن پٽن کي ڏسي هن کي ڪجھ بہ سمجھ ۾ نٿي آيو تہ هو خوش ٿئي... يا وري رڙيون ڪري روئي... قسمت هن سان وري هڪ ئي وقت هن هٿ وٺ... ۽ هن هٿ ڏي وارو هڪ عجيب سودو ڪيو هو.

هر طرف اهو ئي ڇوٻول ٻڌڻ ۾ ٿي آيو تہ آزادي يا تہ ٿي وئي آهي يا وري ٿيڻ واري هئي... جي اها ٿي ويندي.. تہ پوءِ لائل پور ڪڏهن پهچندي هن بابت ڪنهن کي بہ ڪائي ڄاڻ ڪانہ هئي. هر طرف قتل گيري جي بازار گرم لڳي پئي هئي... سک ۽ هندو سڀ پاڻ بچائيندي، پنهنجي گھر ڀاتين سميت گُردواري ۾ اچي گڏ ٿي رهيا هئا.

درشن سنگھ جي زال رات ڏينهن سور کان رڙهي رهي هئي... آخر بہ تہ هن جي ويم جا تازا ڏينهن هئا ۽ پهرين اولاد ڄٽي هئائين. درشن سنگھ هر رات جو جهيڙن بابت نيون نيون خبرون پيءُ کي ٻڌائيندي پريشان ٿي ويندو هو. پٽس کيس دلاسا ڏيندي چوندو هو ”ڪجھ بہ نہ ٿيندو پٽ!... آءٌ چوان ٿو ڪجھ بہ نہ ٿيندو... ڇڱو تون مون کي ٻڌاءِ هيل تائين ڪنهن بہ هندو يا سک جي گھر کي ڪوئي نقصان پهتو آهي؟“ موٽ ۾ پيءُ کي رد ڪندي درشن سنگھ سوال اٿاريو هو.

”پر گردواري تي حملو تہ ٿيو آهي نہ بابا!... تون وري اسان سڀني کي وٺي اتي ٻين سان گڏجي مارڻ ٿو چاهين.“ درشن سنگھ کي بہ ابتي وراڻي ڏئي پٽس دل ساڙي رکي تہ هو ماٺ ٿي هو. آسپاس وارن سڀني ڳوٺن مان آهستي آهستي هر ڪوئي گردواري ۾ وڃي گڏ ٿي رهيو هو. هڪ ڏينهن نيٺ هن پيءُ کي چئي ڏنو هو ”هڪ ٿي گڏجي رهڻ سان. وڏو حوصلو ملندو آهي، پنهنجي گهٽي ۾ بہ هاڻي اسان کان سواءِ ٻيو ڪو ناهي بچيو... بس! اسين ئي اڪيلا رهجي ويا آهيون.“

پوءِ ڪجھ ڏينهن مس گذريا تہ درشن سنگھ هڪ رات جو پيءُ جي زور سان ڪرڻ جو آواز ٻڌو. جيڪو رات جي خاموشي کي ٽوڙي گونجيو هو. جنهن تي سيئي گھر ڀاتي جاڳي اٿيا هئا. ٻاهر ماحول ۾ نعرن جو آواز گونجي رهيو جن آوازن تي پٽس پنهنجي کٽ تان اٿي ڇت چڙهي ويو. هيٺ آڳر ۾ ڪرندي زور جي ڪوڙر هن جي مٿي ۾ کپي وئي هئي.

وڏن هيلن آزارن سان درشن سنگھ پنهنجي پيءُ جون رسمون پوريون ڪيون پوءِ گھر جو قيمتي ۽ نازڪ سامان ويهاڻي ڇوءَ ۾ وجهي باقي گھر ڀاتين کي وٺي اچي ٻين سان گردواري ۾ گڏ ٿيو. جتي اڳ ئي پهتل ماڻهن جو انبوھ موجود هيو جنهن کي ڏسي هن جي من کي ڪي قدر شانتي ملي ۽ سندس دماغ ۾

موجود اڪيلي هئڻ جو احساس گهٽجي ويو۽ زال کي وڏي واڪي سان چوڻ لڳو ”هاڻي اسين اڪيلا نه آهيون، پلي ڪوئي هجي يا نه هجي. پر واهگرو اسان سان گڏ آهي.“

گردواري ۾ نوجوان خدمت جو هڪ جٿو ڏينهن رات ڪم ڪارين ۾ هو. ماڻهن پنهنجي پنهنجي گهرن مان ان، دال، اٽو۽ گيهه وغيره پاڻ سان گڏ آندو هو. اهو سڀ انهن نوجوانن جي حوالي ڪري ڇڏيو هئائون جيڪي رات ڏينهن سڀني لئه ڪاڌو تيار ڪرائي رهيا هئا. پر آخر ڪيستائين؟ اهو سوال هرهڪ جي اکين ۾ پريشان جا ترورا ٻڻجي رقص ڪري رهيو جن سڀني جي آخري اميد سرڪاري هئي. سڀني کي اها پڪ هئي سرڪاري مصيبت جي هنن گهڙين ۾ ضرور واهر ڪندي ڪهڙي سرڪار کنهن سوال ڪيو هو.

”انگريز ته هليا ويا هتي پاڪستان ٺهيو آهي. پر اجا تائين پاڪستاني سرڪاري ناهي ٺهي.“

”ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته هر پاسي فوج گشت ڪري پنهنجي نگهباني هيٺ قافلن کي سرحد تي پهچائي رهي آهي.“ ڪنهن ٻئي وراڻيو هو.

”رفيوجي جي قافلن کي؟“

”رفيو جي ڇا آهن!؟“

”پناهگير...!!؟“

”پناهگير...!!؟“ سوال ورجائيندي.

”پر اڳي ته اهو لفظ ٻڌو ئي ناهي.“

ڪجهه ڏينهن بعد نيٺ پناهگيرن جو هڪ قافلو تنگ ٿي گردواري کان هي اعلان ڪندي نڪري ويو هو. ”هتي ائين آخر ڪيستائين ويهنداسين اسين ته ٽيشڻ طرف وڃي رهيا آهيون. خبر پئي آهي ته ريلون هلڻ لڳيون آهن.“

”هائو! برابر سچ ٿو چوين... هاڻي پاڻ کي ئي همت ڪرڻي آهي.“ واهگرو اسان کي پنهنجي ڪلهن تي کڻي ته ڪونه پهچائيندو؟

جيئن جيئن گردواري مان پناهه ورتل آهستي آهستي نڪرڻ شروع ٿيا. گردواري ۾ هڪ خال پيدا ٿيندو ٿي ويو۽ جڏهن ڪي نوان قافلا اچي پناهه وٺڻ لئه ٿي پهتا ته اهو خال ڀرجڻ پربو رهيو جن جي ٻڌايل خبرن سان ماڻهن جي وساميل اميدن جا ڏيئا ٻري پوندا هئا.

”ٽيشڻ تي وڏي ڪيمپ لڳي آهي.“

”ڪي ماڻهو بيماري ڪري مري رهيا آهن ته وري ڪي بک جي ڪارڻ...“

”پنج ڏينهن اڳ هڪ ريل گذري. پير رکڻ جيتري جاءِ به ڪانه هئي... ماڻهو ريل جي ڇت تائين سٿيا پيا هئا.“

گردواري ۾ رات ڏينهن عبادت جاري هئي. اهڙين پلارين گهڙين ۾ شاهني هڪ ئي وقت ٻن جاڙن ٻارن کي جنم ڏنو هو جن مان هڪ ايترو ڪمزور ڄائو جو هن جي بچڻ جي ڪا ئي اميد نظر نه ٿي آئي. پر شاهني ڪيس ڇڪي ٻنڌڻ ۾ ٻڌي ڇڏيو هو.

انهي رات جو ڪنهن هيءَ خبر اچي ڏني هئي ته پناهگيرن کي ڪڍڻ جي لاءِ هڪ خاص ريل اچي رهي آهي. جنهن ڪري ٽيشڻ تي نڪري هلڻ گهرجي.“ ۽ پوءِ هڪ وڏو انبوهه ماڻهن جو گردواري مان نڪري پيو هو جن سان گڏ ئي درشن سنگهه به نڪري پيو. شاهني، هلڻ کان لاچار هئي. پر پٽن جي صدقي هلڻ لاءِ تيار ٿي بيٺي جڏهن ته ماڻس هلڻ کان جواب ڏيندي هيءُ چيو هيس.

”پٽ! مان به اچي وينديس... پويان ايندڙ قافلي سان باحفاظت پاڻ ئي پهچي وينديس... تون زال ۽ ٻارن کي حفاظت سان سنڀالي نڪري هل.“

درشن سنگهه ماءُ کي اڪيلو ڇڏي وڃڻ لاءِ بلڪل به تيار نه هو. ٻارن جيان ضد ڪري ويهي رهيو. پر پوءِ جڏهن ٻين ماڻهن هن جو حوصلو وڌائيندي ڪيس چيو هو ته ”تون نڪري هل سردار جي...! اسين به هڪ هڪ ٿي ٻاهر تي پهچي وينداسين... امڙ به اسان سان گڏجي اچي ويندي...“، درشن سنگهه به واهگرو جو آسرو ڪري نڪري پيو هو.

درشن سنگهه ڪاٺ جي هڪ پڙ واري وڏي ٽوڪري ۾ پنهنجي تازن ڄاول جاڙن ٻارن کي حفاظت سان رکيو ۽ ان ٽوڪري کي هو پنهنجي مٿي تي ائين سنڀالي ڪٽي هلڻ لڳو جڻ پنهنجي خاندان جي سلامتي جو هو ئي اڪيلو وارث هجي... سچ ۾ به ته ائين ئي هيو. آخر هن دنيا ۾ درشن سنگهه جي نانءُ کي سندس اولاد ئي قائم رکڻ واري هئي.

اسٽيشن تي ريل ته بيٺل هئي پر ريل ۾ تر جيتري به جاءِ ڪانه هئي. ريل جي ڇت تي ماڻهو ائين ايا بيٺا هئا. جيئن گاهه جا سلا زمين ۾ بيٺا هوندا آهن. درشن سنگهه جي زال جي هيٺي حال ۽ سندس تازن ڄاول ٻارن کي ڏسي ڪن ماڻهن کي مٿس رحم آيو جن ريل جي ڇت تي چاڙهي ويهڻ جي جاءِ ڏني هيس.

پورن ڏهن ڪلاڪن بعد پنڙي تي بيٺل ريل ۾ جيئن چرپر پيدا ٿي تيئن ويٺلن بيٺلن سمورن سلامتي جو ساهه پريو هو. شام ڳاڙهي ٿي چڪي هئي. سج ڳاڙهاڻ جي گهيري ۾ اچي رت ۾ ٻڏل ٿي لڳو... شاهني جي ڇاتي ٺوٺ ڏرتيءَ جيان ٻڄي وئي هئي. پوءِ به هوءَ هر هر هڪ کي ڇڏي، وري ٻئي کي ڇاتي سان لاهي ڪير پيارڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ رڌل هئي.

... ميرن، پراڻن ۽ ڦاٽل ڪپڙن ۾ ويڙهيل ٻارن کي ڏسي، ائين لڳي رهيو هو ڄڻ شاهني گند جي ڍير تان به پراڻيون ڳنڙيون پاڻ سان گڏ جهولي ۾ رکي ويٺي هجي.

ٻن ٽن ڪلاڪن جي سفر بعد جڏهن ريل رات جي اونداهي جي پيٽ ۾ داخل ٿي ته درشن سنگهه ٻارن کي ٽپاسي ڏنو. هڪ هٿ پير هڻي روئي رهيو هو. جڏهن ته ٻيو بلڪل خاموش هو. هن کي هٿ لائيندي ئي محسوس ٿيو ته انهيءَ جو معصوم وجود ڪيتري وقت کان ٿڌو برف ٿي چڪو آهي.

پوءِ درشن سنگهه جي زارون زار روئڻ تي پر ۾ ويٺل ماڻهن کي بہ ٻار جي مرڻ جي خبر پئي هئي... ڪجهه عورتن شاهني جي جهولي مان ٻار ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي پر هوءَ خبر ناهي الائجي ڪهڙي وقت کان ٽوڪري سان چقمق جيان چنبڙي ويٺي هئي.

”نہ... نہ... مان هن کي نہ ڏيندس... ٻاءُ کان سواءِ پيو ڪير ڪيئن پيئندو....“

هڪ وڏي ڪوشش کان پوءِ ڪن عورتن شاهني کي ٽوڪري کان الڳ ڪيو هو.

ريل ڏهہ پيرا بيٺي، وري منزل جي طرف وڏي هلي هئي. ماڻهو اونداهہ ۾ ساهہ ڪڍي خالي اندازا هڻي رهيا هئا.

”بس! وزير آباد گذري وئي....“

”هيءَ تہ اجا گوجرانوالا آهي!....“

”هڪ ڪلاڪ جو سفر اجا باقي آ... لاهور ايندي ئي سمجهو تہ شهر هندوستان پهچي ويندا سين.“

۽ پوءِ ”هر هر مهاديو....“

”جي... جي... هر... هر مهاديو“ جا نعرا رات جي اونداهي ۾ خاموشي کي ٽوڙي رهيا هئا. جڏهن ريل هڪ پل جي مٿان چڙهي هئي، تہ ان پل تي ريل جا سيئي پناهگير مسافر خوف وچان ڏڪي ويا هئا.

”راوي اچي ويو....“

”راوي اچي ويو... مطلب لاهور اچي ويو....“

انهي گوڙ ۽ گهمسان ۾ هڪ ماڻهو درشن سنگهه جي ڪن ۾ چيو هو.

”سردار جي“ ٻار کي راوي ۾ اڇلي ڇڏ... هن جو ڪلياڻ ٿي ويندو... هاڻي هن کي هن پار ڪڍي وڃي ڇا ڪندين!“

درشن سنگهه آهستي ڏڪندڙ هٿن سان ٽوڪري کي ٽورو سوريو ۽ پوءِ ميري ڪپڙي ۾ ويڙهيل ٻار کي ”واهگرو“ جو نعرو هڻندي جيئن راوي ۾ اڇليو. رات جي اونداهہ ۾ ٻار جي روئڻ جو هلڪو آواز گونجي اٿيو. درشن سنگهه هڪدم گهبرائجي شاهني طرف ڏٺو... مئل ٻار جنهن جي ڇاتي سان چنبڙيل هو... ۽ پوءِ هلندڙ ريل گاڏي ڇت مٿان هڪ رڙين جو آواز ريل جي تيز آواز ۾ دٻجي ويو هو.

# ويڪوم محمد بشير

(1908ع ـ 1994ع)



هندوستان جي رياست ڪيرلا جي مسلم معاشري ۾ 21 جنوري 1908ع تي ويڪوم ڪوتايم جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ويڪوم محمد بشير اهو پهريون وڏو مسلم اديب آهي، جنهن جي تخليقن ۾ مسلمان معاشري جو ماحول تهذيبي ۽ سماجي روايتن سان گڏ باقي ٻين قومن ۽ مذهبن جي ماڻهن جي حقيقي ترجماني مليالم ادب ۾ پهريون ڀيرو ملي ٿي. بشير جو والد وچولي طبقي وارو عمارتن لاءِ ڪاٺ فراهم ڪندڙ ٺيڪيدار هو پر گهر ڀاتين ۽ ٻين خانداني ذميوارين جي وڌڻ ڪري جيئن مالي مسئلن جو شڪار ٿيو تيئن بشير جو ننڍپڻ ٻُڪ، بدحالي ۽ غربت جو شڪار بڻجي ويو پوءِ بہ هن ڪي مليالم جي پرائمري اسڪول بعد انگلش ميڊيم اسڪول ويڪوم ۾ ويهاريو ويو پر پنجين درجي دوران ئي هو آزادي جي هلچل واري تحريڪ ۾ شامل ٿي مهاتما گانڌي جي فڪر، فلسفي ۽ جدوجهد جو حصو بڻجي ستيہ گر آشرم ۾ وڃڻ لڳو. جلد ئي سياسي انقلابي سرگرمين ڪارڻ يارهن سالن جي عمر ۾ تعليم اڌ ۾ ڇڏي ننڍي عمر ۾ جيل ياترا بہ ڪيائين پوءِ ستيہ گر جو باقاعده ميمبر بڻجي ڪيرلا ڇڏي بهار، ڪلڪتو، پشاور، ڪابل ڪان ٿي جڏهن ممبئي وريو تہ ذهني طور تي باشعور بڻجي چڪو هو پر مالي مسئلو هميشہ هن کي درپيش رهيو جنهن ڪري هر طرح جون ننڍڙيون نوڪريون ۽ ڌنڌا ڪندي ڇڱو عرصو جيب ڪترن، مرد طوائفن، ڪدڙن، مدارين، فقيرن ۽ درويشن سان بہ گڏ رهڻو پيس، آخر واپس ڪيرلا اچي پيءُ جي ڌنڌي ۾ ساڻس ٻانهن ٻيلي ٿيو ۽ سيالڪوٽ جي راندين وارن واپارين لاءِ ڪيرلا ۽ ڀر پاسي وارن شهرن ۾ ڪاٺ جي ايجنٽ طور ڪم ڪرڻ لڳو.

ادب ۾ چاليهہ سال مسلسل عظيم ڪردار ۽ ڪهاڻيون تخليق ڪندڙ ويڪوم محمد بشير لکڻ جي شروعات سن 1937ع ۾ ڪهاڻين سان ڪئي. هي اهو دؤر چئجي ٿو جڏهن هن کي ڪهاڻي پوسٽ ڪرڻ لاءِ چار آنا بہ رُلي پني وٺڻا پوندا هئا. سندس ڪهاڻيون شروعات ۾ تاران ڪور مان نڪرندڙ رسالي ”نوجيون“ ۾ جڏهن شايع ٿيون تہ ادب ۾ منفرد موضوعن ۽ ڪردارن ڪري هن جي هر هنڌ هاڪ ڄمي وئي. بشير بنيادي طور تي ناول نگار ۽ ترقي پسند فڪر جو پيروڪار، انسانيت سان پيار ڪندڙ ۽ آزادي لاءِ جاکوڙيندڙ پنهنجي حقيقي زندگي ۾ خود هڪ افسانوي ڪردار جي حيثيت رکندڙ ”بي پور“ جي نالي سان بہ سڃاڻجيندڙ اهو برجستو ليکڪ رهيو آهي، جنهن کي جتي نئين نسل جو روح روان چئجي ٿو اتي هزارين نون ليکڪن جو آئيڊيل بہ رهيو آهي. هن جا 13 ڪهاڻين جا معموعا، 14 ناول، هڪ ڊرامو بہ خطن جا مجموعا، هڪ تقريرن ۽ هڪ يادگيرين تي ٻڌل ڊائري، هڪ فلمي اسڪرين، بہ انگريزي ڪهاڻين جا مجموعا، هڪ مضمون ۽ هڪ نظمن تي مشتمل مجموعو مليالم ادب ۾ شاهڪار

جو درجو رکن ٿا. جن مان ڪيترائي ڪتاب ۽ ڪهاڻيون انگريزي سان گڏ دنيا جي بيٖن لاتعداد زبانن ۾ پڻ ترجمو ٿي چڪا آهن. کيس ڪيترا ايوارڊ ۽ اعزاز بہ مليا جن مان ڪجهہ هي آهن:

1. 1970ع ۾ ساهتيہ اڪادمي پاران فيلوشپ
2. 1982ع ۾ حڪومت هند پاران پدم شري ايوارڊ
3. 1987ع ۾ ڪالي ڪٽ يونيورسٽي پاران "ڊاڪٽر آف ليٽرز" جي اعزازي سَندَ
4. 1989ع ۾ ڪيريلا رياست پاران سندس ڪهاڻي "ميٽي لوڪل" تي فلم ٺهڻ بعد بهترين فلمي ڪهاڻي جو ايوارڊ
5. 1992ع ۾ لالئي ٿهميڪا جو انترا جنم ايوارڊ
6. 1993ع ۾ متاهوور ڪري ايوارڊ
7. 1993ع ۾ ولا ٿولهو ايوارڊ

پنهنجي سموري حياتي انسانيت جي برابري، آجپي لاءِ جاکوڙيندڙ بک، بدحالي ۽ غربت جو اونهو اڀياس ڪندڙ ڀڳت سنگهہ، سکديو ۽ راج گر جي نظرين تحت معاشري ۾ امن ۽ آشتي جي متلاشي هن عظيم لکيڪ 86 ورهين جي ڄمار ۾ 5 جولاءِ 1996ع تي لاڏاڻو ڪيو جنهن جي وفات سان نہ رڳو هندوستاني ادبي دنيا ۾ پر عالمي ادب جي دنيا ۾ بہ هڪ اهڙو خال پيدا ٿيو آهي، جنهن جو ڀرجڻ ناممڪن آهي. هتي هن جي هڪ شاهڪار ڪهاڻي "جنم ڏينهن" جو ترجمو پيش ڪجي ٿو.

[هندي ڪهاڻي                    ويڪوم محمد بشير]

# جنم ڏينهن

اڄ چنڊ جي اٺين تاريخ آهي ۽ منهنجو جنم ڏينهن آهي، مان معمول جي خلاف صبح ساجهر جو ئي ننڊ مان جاڳي اٿيم، وهنجي ڪانڊيءَ جي قميص ۽ ڌوتي پائي پيرن ۾ اڇي رنگ جي هوائي چمپل وجهي، تيار ٿي آرام ڪرسي تي ويهاڻي جي ٽيڪ ڏيئي ويٺم تہ منهنجي دل نراسائي سان ڀرجي آئي منهنجو پاڙيسري ميٿو جيڪو بي. اي جو شاگرد آهي مون کي معمول کان اڳ ئي تيار ڏسي پهريان تہ حيران ٿيو پوءِ مسڪرائيندي سلام ڪري انگريزي ۾ چوڻ لڳو.

"هيلو! گڊ مارننگ...!"

"جي اُو... گڊ مارننگ..." مون بہ کيس موٽ ڏني.

”اڄ توھان ايترو ساجھر اُٿي تيار ٿيا آھيو...؟ ڇا ڪنھن خاص ھنڌ وڃي رھيا آھيو...؟“

”نہ....“ مون ڪنڌ سان نھڪر ڪندي ڪيس ٻڌايو تہ ”اڄ منھنجو جنم ڏينھن آھي.“

”جنم ڏينھن ۽ اوھان جو...؟“ ھو اڃا تائين انگريزي ڳالھائي رھيو ھو.

”خوشيءَ جو ھيءُ ڏينھن خدا ڪري اوھان جي زندگيءَ ۾ بار بار اچي.“ پوءِ ميٺو پنھنجن ڏندن ۾ برش وجھندي غسل خاني ڏانھن وڃڻ لڳو.

ھر طرف ڪان صبح جي ماحول وارو گوڙ گھمسان ايرڻ لڳو جنھن سان ڪجھہ گيت گنگنائڻ جا سُريلا آواز گڏ ھئا، اھي شاگرد، ڪلارڪ ھئا جيڪي پنھنجي پنھنجي گھرن ڪان اسڪول ۽ دفتر وڃڻ لاءِ نڪتا ھئا.

”ڇا ھنن کي ڪا ئي پريشاني آھي؟ جڏھن تہ ھنن سمورن جي زندگي پر اطمينان ۽ خوشي واري آھي.“ سندن بابت سوچيندي خيالن جو وھڪرو پاڻ طرف ڦري آيو ھو.

”مون کي ھڪ ڪوپ چانھہ ڪھڙي ريت حاصل ٿي سگھندو ۽ منجھند ماني بہ لازمي آھي.“ پوءِ ياد اچڻ لڳو تہ ڪالھہ آءُ جڏھن بازار مان گذري رھيو ھئس تہ حامد سان ملاقات ٿي ھئي. جنھن ڪنھن بہ خاص اھتمام جي بنا منجھند جي ماني جي دعوت ڏني ھئي. حامد ھڪ معمولي شاعر آھي. پر ڏاڍو امير ماڻھو آھي. منجھند تائين چانھہ جي بنا گذارو ڪرڻ مون لاءِ ڏاڍو ڏکيو ٿي لڳو. ڪمري ۾ ويٺي ھاڻ ھي خيال ڪرڻ لڳس تہ ميٺو جو پوڙھو نوڪر ھن لاءِ چانھہ تيار ڪري رھيو ھوندو ان ڪري جو منھنجي ڪمري جو اڌ ميٺو جو باورچي خانو بڻيل ھيو جيڪو جاءِ جي مالڪ اٺ آنا ماھوار مسواڙ جي حساب سان مون ڪان ڇني ڪيس ڏنو ھو.

مان پاڙي جو اڪيلو ماڻھو آھيان، جنھن جي شڪل جاءِ جو مالڪ ڏسڻ پسند ناھي ڪندو ان ڪري جو ڪيس مان وقت سر مسواڙ ادا نہ ڪري سگھندو آھيان. ڪجھہ ٻيون پارٽيون بہ آھن جن کي مان سخت ناپسند آھيان جيئن ھوٽل جو مالڪ ۽ سرڪاري ھوٽل وارن جي تہ مون تي وڏي رقم قرض جي صورت ۾ رھيل آھي. مان پنھنجن ڪپڙن، جوتن، گھر جي بابت گھٽو ٻڌائي وينو آھيان. ھاڻي ڪجھہ پنھنجي ليمپ جي بابت ٻڌائيندس، جڏھن تہ پنھنجي باري ۾ ھيءُ عرضِ حال آھي تہ گذريل رات اڌ ڪان مان ھٿ ۾ ڪاغذ ۽ قلم ڪنيو ڪمري ڪان ٻاھر شھر جي روڊن تي گشت ڪندو رھيو آھيان منھنجي ائين رلڻ جو مقصد پنھنجي ڊائري جي گذري ويل ڏينھن جي باري ۾ صبح ڪان سج لھڻ تائين سمورا معاملا درج ڪرڻ ھيو پر ڇا آھي تہ ڪمري ۾ رکيل ليمپ جو تيل پورو ٿي وڃڻ ڪري مان ھنڌ مان اٿي نقوي جي پر واري باغ جي ھڪ وڏي فانوس جي روشني ۾ ٿي وينس ۽ لکڻ شروع ڪيم ڇو تہ اڃا تائين سموري ڏينھن جا واقعا منھنجي ذھن ۾ تازا ھئا، جيڪي دل جي آسمان تي گڏ ٿي ڪارن ڪڪرن جيان مڙي ھاڻ منھنجي من کي بي چين ڪري رھيا ھئا ھونئن اڄ ڪو خاص واقعو يا قصو ناھي ٿيو سواءِ ھن جي ڳالھہ تہ اڄ منھنجو جنم ڏينھن ھئو مان پنھنجي گھر ڪان پري نہ مون وٽ ڪو

پيسو آ نه ئي وري قرض ڪڻڻ لاءِ ڪو بهانو. هي پهريل ڪپڙا دوستن جا آهن. اهڙي ڪا به شيءِ ناهي جنهن کي مان پنهنجو چئي سگهان.

مون کي ياد اچڻ لڳو ته ستين بجي ئي مون پاڻ سان هي وچن ڪيو هو ته اجوڪي ڏينهن تي مون کي غلط ڳالهه ڪرڻ ۽ ڪنهن غلط عمل ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ اج نه ئي وري ڪنهن کان قرض وٺڻ گهرجي. اڄ مون کي انهن هزارين ڇهرن کان نرالو ٿيڻ گهرجي جيڪي ساںڊي وانگر رنگ مٽائيندا رهندا آهن. اڄ منهنجي عمر ڪيتري ٿيندي گذريل سال جي عمر کان فقط هڪ سال وڌو هوندس پوئين سال ته مان شايد چوويهن جو نه ته پنجويهن يا ستٽيهن جو هوندس هيو وري ڇا؟؟ پاڻ بابت سوچيندي مونجهاري جو شڪار ٿي پيس وڏي وچي پاڻ کي آئيني ۾ جاچيم هڪ منفرد ڇهرو جنهن جو نراڙ ڪشادو اکيون ٽڪ ٻڌي ويل ۽ تلوار جي طرز جهڙيون هلڪڙين مُڇن سان ايترو ويل به ناهيان نه ئي ڪو وڏي عمر جو ٿو لڳان پاڻ کي دلاسو ڏيندي جڏهن نظر ڪنن جي پاپڙين سان ملي ته ائين لڏي ويس جو ڄڻ ڪنهن ڏکو ڏيئي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي هجي... منهنجي ڪنن وٽان ڪارن وارن ۾ ڇڙوڇڙ اڇا وار چٽا نظر اچي رهيا هئا جن کي ڇڪي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيم پر ناڪام ٿيس تڏهن ئي مٿي ۾ سور جي سٽ اڀرندي محسوس ٿي پر هي سور شايد چانهه نه پيئڻ جي ڪري هيو. نائين ڏاري هوٽل جو مالڪ گهوريندو بڇڙي شڪل ڪري هليو ويو ۽ پوءِ ميرن افعالن وارو هوٽل جو بيرو نينگر مون وٽ آيو ۽ رهيل رقم جي روڪ گُهر ڪرڻ لڳو.

”اڙي يار! پئسا سپاڻي تائين ڏئي ڇڏيندوسانءِ.“ منهنجي عرضي رد ڪندي هن وري ساڳيو رينگٽ رڙيو.

”توهان ڪالهه به ائين ئي چيو هو مون کي توهان جو ڪو اعتبار ناهي سيٺ جو هي حڪم آهي ته پهريان رهيل رقم جيستائين نه ملندي چانهه ڏيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي!“

ڏهين بجي منهنجا چپ خشڪ ٿي ويا نڙي سڪڻ لڳي. ڏينهن جي سخت گرمي پوڻ سان دل ته اڳ ئي نراس هئي ان وقت اٺن سالن جا ٻه عيسائي ڇوڪرا ڪاٺي جي ٿاهيل رانديڪن جو هوڪو ڏيندي اچي منهنجي در تي نڪتا جن ٻنهي جا منهن اس ۾ رلڻ ڪري پيلا ٿي ويا هئا سندن وجود پگهر ۾ شل هيو.

”ڇوڪرو! مون کي انهن جي ضرورت ناهي.“

”توهان جهڙا ماڻهو ڪو نه خريد ڪندا ته پوءِ اسان کان هي شيون ڪير وٺندو؟“ هڪڙي ڇوڪري نراسائي مان وراڻيو.

”مون وٽ پيسا ناهن ان ڪري مان نٿو وٺي سگهان.“ هي ٻڌي ٻنهي جي ڇهرن تي بي اعتمادي ڇانئجي وئي ويچارا ٻئي سادي طبيعت هئا جو حقيقت کي سمجهي نه پئي سگهيا پلا ان ۾ هنن جو ڪهڙو ڏوهه هو. منهنجو لباس منهنجي آرام واري ڪرسي ڪي ڏسي هر ڪوئي عزت مان ”سائينءَ“، ”سر“ ڪري مخاطب ٿيندو هو جڏهن ته سچ هيءُ آهي ته مون وٽ موجود ڪا به شيءِ

منهنجي ناهي مان هڪ ڪنگلو ماڻهو آهيان. ايستائين جو منهنجو پنهنجي جسم تي ڪوبہ اختيار ناهي مان هندوستان جي هر شهر ۾ گهميو آهيان. ۽ ڪيترن ئي هنڌن تي رهيو آهيان. مختلف شهرن ۾ مرد عورتون منهنجا دوست ۽ گهڻ گهريا آهن ان ڪري مان جسم جا سمورا عضوا، گوشت پوست ۽ هڏا بہ هندوستاني تصور ڪندو آهيان. ڪاش! منهنجي دل جي محبت سموري هندوستان ۾ چنڊ جي چاندوڪي جيان ڦهلجي وڃي پر مون سان محبت ڪرڻ وارو ڪو هڪ بہ اهڙو ماڻهو ناهي جنهن کي مون سان همدردي هجي... مشهور آهي تہ علم رازن تان پردو کڻندو آهي جيڪڏهن ڪنهن انسان جي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين کي پرکيو وڃي تہ وٽس ڪجهہ باقي نہ بچندو پيار ڏيڻ وٺڻ جي لاءِ تہ ڪنهن دلڪش شيءِ جي ضرورت هوندي اهي وقت ڪيئن نہ تيزي سان گذري ٿو جيڪو ٻارڙي وانگي پيءُ جي چيچ پڪڙيندو ۽ ماءُ جي ساڙيءَ جي پلوءَ کي پڪڙي پنهنجي معصومڙي لهجي ۾ چوندو هو "امان مون کي بک لڳي اهي اڄ جواڻ جماڻ هوندي بہ ان ٻارڙي جيان بکيو هو وقت بي رحم سنگدل بہ آهي جنهن تي ڪنهن جو وس ناهي هلندو منهنجي آدرشن جا ڪيترائي تصور بم جيان دل جي ڌرتيءَ تي وسي رهيا هئا وجود ۾ هڪ جنگ جو ميدان متل هئو ۽ مان پاڻ کي ائين محسوس ڪري رهيو هيس جيئن ڪو زخمي مجاهد ڳري پهاڙ جي هيٺان دٻجي درد ۾ تڙپندو آهي. مٿي ۾ پوندڙ سور هاڻ شدت اختيار ڪري ويو هو چو تہ مون چانهہ ڪونہ پيتي هئي سور جي ڪري ڪنڌ کڻڻ ۾ بہ تڪليف محسوس ٿي رهي هئي "سنو آهي تہ مان ماني کائي اچان" سوچيندي وري بہ خيال آيو پر ماني خاطر بہ تہ هڪ ميل پنڌ ڪري وڃڻو پوندو! ڪجهہ بہ هجي پيٽ تہ ڀرجي ويندو ۽ بک بہ مٽجي ويندي. " ائين سوچيندي مان نيٺ نڪري پيو هيس.

يارهين بجي ڌارا حامد پنهنجي دوڪان تي موجود نہ هئو منهنجي سوچن جو ٽٽل سلسلو وري جڙي پيو هو.

"ڪيڏو نہ بهتر ٿي پوي ها تہ حامد هجي ها ۽ مون کي پاڻ سان گڏ وٺي هلي هان... ممڪن آهي تہ ڪيس وبسر ٿي پئي هجي... تہ پوءِ ڇا مون کي سندس گهر وڃڻ گهرجي...؟؟!

ساڍي يارهين بجي حامد جي بہ ماڙ گهر جو لوهو در بند پيل هو.

"مسٽر حامد! مان دروازو کڙڪائي ڪيس آواز ڏنو پر ڪوبہ جواب نہ اچڻ تي ٻيهر ڪيس ٿورو زور سان سڏيندي دروازو کڙڪايم "مسٽر حامد؟" موٽ ۾ هڪ عورت ڪاوڙ ڀريل جواب ۾ وراڻي ڏني.

"حامد ناهي. "

"ڪيڏانهن ويو آهي؟ پر وري جواب ڪونہ مليو ورڻ ڪان اڳ تنگ ٿي مان آخري ڀيرو سندس دروازو کڙڪايو تہ اندران ڪنهن جي قدمن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا پوءِ چوڙين واري ٻانهہ سان چوٽي ڦيرائيندي هڪ جوان عورت اڌ دروازو کولي ظاهر ٿي ۽ چوڻ لڳي.

"حامد ناهي ڪيس ڪنهن ضروري ڪم سانگي ٻاهر وڃڻو پيو آهي. "

"نيڪ آهي... پر هو ڪهڙي وقت موٽي ايندو؟"

شام ڏارا... شايد اچا بہ دير سان.“

جڏهن هو واپس وري تہ ڪيس مهرباني ڪري منهنجي اچڻ جو ضرور ٻڌائجو!

بک ۾ پيڙهبي منهنجون هڏيون ڏکي رهيون هيون. مان ڏاڍو پريشان هيس ان وقت پنهنجي حالت اهڙي هئي جيڪڏهن مٽي ملي پوءِ هان تہ اها بہ ڳهي وڃان هان بک جي شدت کي هن احساس اچا بہ وڌائي ڇڏيو تہ مان ماني حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪو هُيس.

سادي يارهين بجي منهنجا ڪجھ واقفڪار پر مان ائين گذريا هئا جڻ مان هنن لاءِ اوپرو هيس ڏاريو هيس منهنجا دوست اڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي اچو مون لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪريو... دعائون ڪريو. مان پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳس. آخر هنن واقفڪارن ائين لاپرواهي ڇو ڏيکاري اهو خيال وري ستائڻ لڳو شايد ان ڪري تہ سي. آءِ. ڊي وارن جو هڪ ماڻهو منهنجي پنيان آهي.

هڪ بجي مان مسٽر پي وٽ پهتس، جيڪو اڳ هڪ اخبار جو مالڪ هئو ۽ هاڻي دوڪانداري تي گذارو هيس بک جي شدت ڪري اکين تي اونداهہ ڇانئجي رهيو هو مون هن کان سوال ڪيو.

”انقلاب جي اچڻ ۾ ڪيتري دير آهي؟“

”تمام جلد اچڻ وارو آهي.“

”ڇا ڪا اهم ڳالهہ آهي.“

”نہ ڪجھ خاص ناهي بس، ائين آيو آهيان.“ منهنجا ڪيترائي ليک مسٽر بي جي نالي سان شايع ٿي چڪا هئا جن جو ملندڙن تي اثر وجهڻ لاءِ مسٽر پي انهن جي جلد سازي ڪرائي رکي هئي منهنجي تيز ڌڙڪندڙ دل مان هي آواز اڀري رهيو هو.

”مان ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان چانھ جي هڪ ڪوپ جي ضرورت ٿو سمجهان.“ پر مسٽر پي مون کان چانھ پيئڻ جو ڇو نٿو پڇي پر هن کي منهنجي ٿڪاوٽ جي ڪابہ پرواهہ نہ هئي تڏهن منهنجي نظر دري کان ٻاهر گهڙيءَ ۾ پئي جتي بہ نينگر ماني ڳيپي لاءِ هڪ ٻئي سان هٿين پئجي ويا هئا. مسٽر پي پنهنجي ميز جي خاني مان هڪ آنو ڪڍي ملازم ڇوڪر کي ڏيندي چوڻ لڳو.

”هيءُ وٺ چانھ ڪٽي آ.“ ڇوڪرو وڃڻ لڳو ۽ پوءِ هڪدم مڙي مون وٽ پهتو.

”ڇا توهان بہ چانھ پيئندا؟“

”نہ“ مون کيس وراڻيو ۽ ڪنهن شيءِ جو بهانو ڪري هيٺ جهڪي ويس.

”تون مون کي پنهنجو ڪوبہ ڪتاب ناهي ڏنو ڇو؟“ مسٽر پي شڪايتي انداز ۾ مخاطب ٿيو.

”جي ضرور ڏيندومانوَ.“

”مان انهن بابت تبصرا پڙهندو رهندو آهيان.“

”ڏادي سني ڳالهہ آهي.“ مان مسڪرائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي کيس وراڻيو ان ڪري جو جڏهن انسان جي دل ٺي وسامل هجي تہ پوءِ منهن تي سچي مسڪراهٽ ڪٿان ايندي. هڪدم مان

مسٽر پي جي دوڪان مان نڪتس ۽ روڊ تي هلڻ لڳس ته مون ڏٺو ته سي. آءِ. ڊي وارن جو ماڻهو منهنجي ڪڍ ڪڍ پنيان اچي رهيو هو.

مان بيحد ٿڪجي پنهنجي ڪمري واري آرام ڪرسي تي ڍير هيس تڏهن ديده زيب لباس ۾ هڪ حسين اڻ ڄاتل جوان عورت منهنجي در تي اچي بيٺي هن هڪ هلڪڙي دل ڪي ڇهندڙ مسڪراهٽ سان مون کي تڪيو ۽ مسلسل اهڙين نگاهن سان گهورڻ لڳي جن ۾ هڪ دعوت جو پيغام هئو. ڪيس مان به گهورڻ لڳس ته دل ۾ هوس جي باهه ڀڙڪي اٿي ۽ پوءِ جڻ ته سموري بدن ۾ باهه لڳندي ٿي وئي، تڏهن مون کي پنهنجي دل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

”پيٽ تون ڪنهن ٻئي در وڃ توکي ڏيڻ لاءِ مون وٽ ڪجهه به نه آهي.“ ۽ پوءِ هو منهن خراب ڪندي واپس وڃڻ لڳي هوءَ ڪنهن ڏوراهين علائقي مان آئي هئي، سيلاب جي ڪري هن جو ڳوٺ ٻڏي چڪو هئو ۽ هينئر وارين حالتن کان تنگ ٿي هي سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ مجبور هئي پنهنجي بابت اهو سڀ واپس ورندي هن پاڻ ٻڌايو هو. جيڪا پنهنجي پنيان اهڙي خوشبو ڇڏي وئي هئي جنهن جي سحر ۾ مان اڃا تائين غش هُيس.

ٽين بجي منهنجي بي حسيءَ جو عالم ڏسڻ وٽان هئو جيڪڏهن مان قرض وٺان ته ان ۾ آخر ڪهڙي خرابي آهي؟ پاڻ کان سوال ڪندي قرض وٺڻ خاطر ڪيترائي نالا ذهن جي نقشي تي ائين تري آيا جيئن گهگهه اونداهه ۾ آسمان تي تارا نظر ايندا آهن پر هينئر ڪنهن کان اوڌر وٺڻ پنهنجي رتبي کي گهٽ ڪري هئو مان خودڪشي ڇو نه ڪيان پر اهڙي موت مرڻ جو خيال ذهن کي وري جهنجهوڙي ويو هو.

ساڍي ٽي بجي منهنجي زبان وڻلڻ شروع ڪيو. ڪاش مان پاڻ کي سمونڊ جي ٿڌي پاڻي ۾ ٻوڙي ڇڏيان اهڙين ڪيترن ئي سوچن جي ور وڪڙن ۾ جڪڙيل هيس ته مون کي ٻن ايڊيٽرن جا خط مليا، جن واپسي جو پوسٽ لفافو به موڪليو هو هڪ نئين تخليقي ڪهاڻي جي گهر ڪئي هئي مان خط کي اتي ڦٽو ڪري بي وسيءَ جي حالت ۾ پيو رهيس ته در تي بيٺل ڪلارڪ ڪرشنا پلي جو پٽ ماچس وٺڻ آيو جنهن کي مان هڪ گلاس پاڻي جو ڀري پيارڻ لاءِ چيو.

”مالڪ توهان جي طبيعت درست ناهي؟“ پر مان کيس چيو.

”نه مان بلڪل چڱو چست آهيان.“

”نه لڳي ٿو ته توهان ڪاڌو ناهي کاڌو.“ ٻارڙي جو معصوم چهرو ڪاريون اکيون ۽ ڪارا داغ لڳل ڪپڙا پاتل هيا جنهن کي منهنجي جواب جو انتظار هو پر مون کي چپ ڏسي هن ٻڌڪيو.

”مون وٽ به آنا آهن.“ هن رازداري ۾ ٻڌائيندي وري چيو.

”ايندڙ مهيني مان پنهنجي گهر ويندس توهان چاهيو ته استعمال ڪريو پر گهر وڃڻ کان به ڏينهن اڳ واپس ڪجو.“ الائي ڇو مان انهيءَ جي همدردي واري جذبي کان بيحد متاثر ٿيس کيس ها ڪئي ته هو ويو. انهيءَ وقت منهنجو دوست گنگادهر به اچي نڪتو جنهن کي اڃي قميص پهريل هئي هن جي

ڇهري تي مايوسي پکڙجي وئي هئي جيتوڻيڪ منهنجي مٽي کي چڪر اچي رهيا هئا پر کلڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس.

”تون ڇو کلي رهيو آهين؟“ گنگادهر سوال ڪيو.

”اهڙي ڪابه ڳالهه نه آهي بس!“

ائين ئي مذاق بند ڪري ڳالهه غور سان ٻڌ هڪ پريشاني منهن ڪڍيو آهي ته هزار جي ويجهو مزدورن هڙتال ڪئي آهي ۽ گذريل هفتي کان وٺي بک تي ويٺا آهن ۽ هاڻي اها مصيبت وڌڻ واري آهي.

”پر اخبارن ۾ اهڙي ڪابه خبر نه لڳي آهي.“

”اخبارن ۾ هي خبر شايع ڪرڻ لاءِ پابندي هنئين وئي آهي. گنگادهر حقيقت ٻڌائڻ لڳو هن سلسلي ۾ مان ڇا ٿو ڪري سگهان!“

ڳالهه هي آهي ته ان لاءِ هڪ عوامي ميڙ وارو جلسو ٿي رهيو آهي. جتي ٻيڙي ذريعي مون کي پهچڻو آهي جو مان ان جلسي جي صدارت ڪري رهيو آهيان. اڄ مون ڪجهه به ناهي ڪاڏو سو مان چاهيان ٿو ته مون سان اتي گڏ هل.

”هائو اهو ته ٺيڪ آهي پر مون وٽ ڪا پائي ناهي اڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي ۽ مان هن وقت بکيو آهيان ٿورو صبر ۽ انتظار ڪر متان ڪو جهڳڙو ٿي پوي.“

پوءِ گنگادهر مزدور قومي ڪارڪنن ۽ سرڪار جي باري ۾ ڳالهائڻ لڳو ۽ مان وري اخبارن جي ايڊيٽرن ۽ اديبن بابت يڪي هٽندو رهيس ته ايتري دير ۾ اهو ڇوڪرو به اچي نڪتو جيڪو به آنا ڪڻڻ لاءِ ويل هو مون انهيءَ کان اهي وٺي هڪ آني جي چانهه ۽ سگريٽ آڻڻ جو چيو جڏهن هو اهي سڀ شيون وٺي وريو ته گنگادهر مون سان گڏجي ڪيڪ پيس کائڻ لڳو. پوءِ گلاس پاڻيءَ جو پي چانهه پيئڻ لڳو ۽ جڏهن وڃڻ لڳو ته دروازي وٽان مڙي چوڻ لڳو.

”اڄ اوهان جو جنم ڏينهن آهي دنيا لاءِ ڪو خاص پيغام ڏيڻ چاهيو ٿا.“

”ها.“ مون کيس وراڻيو. ”مان انقلاب جي باري ۾ هي پيغام ڏيڻ ٿو چاهيان ته هن موجوده سماجي نظام کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو هر جاءِ هر هنڌ انقلاب جي باهه جا شعلا آسمان تائين پهچائي سڀ ڪجهه ساڙي ڇڏيو ۽ هڪ نئين دنيا آباد ڪريو.“

”ڏاڍو سٺو پيغام آهي مان تنهنجو هي پيغام مزدور تائين ضرور پهچائيندس.“ ائين پرُ اعتماد قدم پريندو گنگادهر وڃڻ لڳو مان قومي ڪارڪنن ۽ اديبن جي باري ۾ سوچڻ لڳس ته اهي زندگي ڪيئن ٽا بسر ڪن مون اها اخبار کنئي جنهن ۾ ڇوڪري ڪيڪ آندو هو تڏهن منهنجي نظر جاءِ جي مالڪ تي وڃي پئي جيڪو ڪاوڙ سان پريل نظر ٿي آيو.“ جي سائين. مون کيس کيڪاريو.

”اڄ توهان مسواڙ ڏيندؤ يا....“ هو رڪجي ويو.

”مون کي اڃا تائين پنهنجي رقم وصول ناهي ٿي. بس ڏينهن ٻن ۾ ڏئي ڇڏيندوسانوَ.“

”تنهنجو اهڙو جيئڻ ڪهڙي ڪم وارو؟“ هن طنز ۽ ڪروڌ مان وراڻيو.

هو شايد سچ چئي رهيو هو ته اهڙي زندگي ڪهڙي ڪم جي آهي مان هن جي مسواڙي گهر ۾ ٽي سال اڳ آيو هيس. مان سندس باورچي خانن جي مرمت ڪرائي جيڪي سپ هيئنر ڪرائي ٽي چڙهيل آهن هاڻي جڏهن مان اسٽور روم جي مرمت ڪرائي ته هن جو هي چوڻ هو ته هي به سٺي مسواڙ تي وڃي سگهندو ۽ پوءِ مون به دل ۾ هي فيصلو ڪري ورتو هو ته ڪجهه به ٿي پوي مان هي ڪمرو هرگز خالي نه ڪندس.“

چار بجي منهنجي حالت اهڙي ٿي جو مان هن ملڪ کان بيزار ٿي ويو هيس هن شهر ۾ مون کي ساڳيا ماڻهو ساڳيا رستا روڊ ساڳيون شيون نظر اينديون آهن جن مان دل اڪتائجي وئي هئي هن شهر کان آءُ هاڻي بيزار آهيان مان هڪ لفظ لکي نٿو سگهان ۽ نه ئي پڙهي.

ڇهين بجي شام جو منظر وڻندڙ لڳي رهيو هو لهندڙ سج پنهنجي ڳاڙهاڻ ۾ ائين ٿي نظر آيو جڻ پنهنجي ئي خون ۾ ٽٻي ڏيڻ وارو هجي آسمان تي اولهه پاسي کان چمڪندڙ ڪکر سٺا لڳي رهيا هئا هيٺ پير واري ندي ۾ لهرون موجون هٽي رهيون هيون پر ان جو ڪنارو ڏاڍو پرسڪون هو جتي ڪجهه ڳڀرو جوان سگريٽ جو دونهون اُڏائيندي سهڻين سانڍين، ڪپڙن ۾ حسين عورتن کي ڏسي جواني جو مزو ماڻي رهيا هئا اهي عورتون ڪرسين ۽ پٿر جي ڏڪن تي وينل هيون پر منهنجي دل بيحد اداس هئي.

ستين بجي سي. آءِ. ڊي وارن جو هڪ سپاهي در تي آيو ۽ مون کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيائين ۽ پوءِ هڪ وڏي ڪمري جي وچ ۾ مون کي ڪرسي تي اهڙي تيز روشني واري بلب جي سامهون ويهاريو ويو جنهن جي روشني اکين ۾ چڀي رهي هئي ۽ پوءِ سوالن مٿان سوال ٿي رهيا هئا، انهيءَ دوران ڊپٽي ڪمشنر منهنجي چوگرد ڦرندي اهڙي اڻ وڻندڙ نظر جا تاثرات ڏيئي رهيو هو. هن پل لاءِ به مون تان نظر ڪونه هٽائي سندس نهار ۾ اهڙي سخت نفرت سمايل هئي جڻ مون کو خوفناڪ ڏوهه ڪيو هجي پوري هڪ ڪلاڪ تائين پڇا ڳاڇا ٿيندي رهي ته مان ڪهڙي خفيه تنظيم جو ميمبر آهيان منهنجي دوستي ۾ ڪهڙا ڪهڙا دوست شامل آهن جيڪي موجوده حڪومت جي خاتمي لاءِ سرگرم آهن مان اڄڪلهه ڪهڙي شيءِ لکي رهيو آهيان مون کي هي احساس شدت سان ٿي رهيو هو ته مان هنن آڏو ايترو بي وس بڻيل آهيان جو رڳو هڪ سپاهي به آرام سان مون کي گرفتار ڪري جيل جي شيخن پٺيان واڙي سگهي ٿو.

ساڍي ستين بجي مون کي هنن ڇڏي ڏنو مان پنهنجي ڪمري ۾ پگهر ۾ شل لڳو پيو هيس اڄ ته روشني به نه هئي مون کي ٿورڙي گاسليٽ جي ضرورت محسوس ٿي ته جيئن ڪمري ۾ روشني برقرار رکي سگهان ۽ رات جي ماني جو ڪو انتظام ڪرڻو هو هاڻي بک برداشت کان ٻاهر نڪري رهي هئي پر ڪير آهي جو مون کي ماني کارائيندو قرض وٺڻ به مناسب نه هو پر ميٽو کان وري به قرض گهرڻ جو خيال هر هر اچڻ لڳو ته مان ڪاري عينڪ پائيندڙ ان نوجوان شاگرد کان هڪ رپيو قرض وٺندس جنهن پنهنجي بيماري دوران مهانگين سوئين تي وڏو پيسو خرچ ڪيو هيو پر فائدو ڪيس مون واري چئن آنن جي دوا مان پهتو هو جنهن جي بدلي ۾ هو مون کي هڪ دفعو سئنيما تي وٺي هليو هو.

”جيڪڏهن مان هن کان قرض وٺان ته ان ۾ ڪا به برائي ناهي.“ مون سوچي قرض وٺڻ جو اصولي فيصلو ڪري ورتو هو.

پوڻين نائين بجي رستي سان ويندي مون ميٽرو جي باري ۾ معلومات ورتي خبر پئي ته سئنيما تي فلم ڏسڻ ويو آهي جڏهن ته ماڙواري عمارت جي ويجهو پهتس ته مون کي زور سان ٺهڪ ڏئي ڳالهائڻ جا آواز اچي رهيا هئا سگريٽ جي ور وڪڙ ڪائيندڙ دونهي ۾ ماحول غرق نظر آيو ۽ مان فقط ٻي وس ٻٽيو بيٺو اهو سڀ ڏسندو رهجي ويو هيس.

# ڪرتار سنگهه دُگل

(1917ع - 2012ع)



ڪيترن ئي ٻولين جي برک ڪهاڻيڪار، شاعر، ڊرامه نگار، ناول نگار، نقاد ۽ ريڊيو ڪمپيئر ڪرتار سنگهه دگل جو جنم پهرين مارچ 1917ع تي ڳوٺ دهيمال راولپنڊي (پاڪستان) ۾ جيون سنگهه دگل جي گهر ۾ ٿيو جيڪو وچولي طبقي جو خوشحال فرد هو. شروعاتي تعليم بعد هن بي. اي ۽ ايم. اي انگريزي ادب ۾ ڪرسٽن ڪاليج لاهور مان ڪئي پوءِ هندوستان هليو ويو جتي هن پنهنجي عملي زندگي جي شروعات آل انڊيا ريڊيو تان ڪمپيئر طور ڪئي اتي ئي مختلف عهدن ۽ ذميوارين تي ڪم ڪندي سن 1942ع کان 1966ع تائين رهي اسٽيشن ڊائريڪٽر جي عهدي تي پهتو ۽ ان دوران ڪيترائي اسڪرپٽ، ڊراما ريڊيو لاءِ لکيائين سن 1966ع کان 1973ع تائين نيشنل بڪ ٽرسٽ جو سيڪريٽري ڊائريڪٽر رهيو ۽ پوءِ پلاننگ ڪميشن کاتي ۾ انفارميشن ايڊوائيزر ۽ براڊ ڪاسٽنگ ۾ ڪم صلاح ڪار طور ڪم ڪندي سن 1992ع ۾ رٽائر ٿيو.

ڪرتار سنگهه دگل جو شمار اردو، پنجابي، هندي ۽ انگريزي ٻولين جي چوٽيءَ وارن ليکڪن ۽ اديبن ۾ ٿئي ٿو. هن پهرين ڪهاڻي سن 1941ع ۾ پنجابي زبان ۾ "سوير سار" رسالي ۾ لکي. هي بنيادي طور تي پنجابي ۾ ڪهاڻيڪار آهي، ادب ۾ 22 ڪتاب، هندي ۾ 11 ڪهاڻي ڪتاب 115 ناول، 13 هندي، اردو ڊراما، 4 تحقيقي، شعري مجموعا، هڪ تنقيدي مجموعو ۽ آتم ڪهاڻي جو ڪتاب "گياني گورمکهه سنگهه" شايع ٿي پذيرائي ماڻي چڪا آهن. هي سرڪاري ۽ غير سرڪاري تنظيمن جو ميمبر رهڻ سان گڏ ترقي پسند تحريڪ جو حامي به رهيو آهي، جڏهن ته راجا رمهون راءِ لائبريري فائونڊيشن، انسٽيٽيوٽ آف سوشل اينڊ ايڪنامڪ چينج (بنگلور) ۽ ذاڪر حسين ايڊيوڪيشنل فائونڊيشن ادارن جو باني پڻ رهيو آهي. ادبي مڃتا طور تي ڪيس ملندڙ ايوارڊن ۾ ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ، غالب ايوارڊ، سوويت لينڊ ايوارڊ، ڀارتيه ڀاشا پرشاد ايوارڊ، پرامن پترا ايوارڊ، ساحر ايوارڊ جي علاوه ڪيس هندوستان سرڪار جو اعليٰ سول ايوارڊ "پدم ڀوشن" سان نوازيو ويو آهي.

ادب کي حياتي جا چاليهه سال ارپيندڙ ڪرتار سنگهه دگل ادب جي ترقي لاءِ بي انتها خدمتون ڏيڻ سان گڏ هڪ ليکڪ طور پنجابي ڪلچر، تهذيب، تمدن ۽ روايتن جو سماجي منظرنامو پيش ڪرڻ سان گڏ عام رواجي ڪردارن کي زندگي جي حقيقيءَ رنگ ۾ رنگي ظاهر ڪيو آهي. ڪهاڻي بابت هن جو چوڻ آهي ته "ڪهاڻي سنئي ۽ سُريلي شاعري وانگر وٽندڙ، ناٽڪ وانگر ڊراما ۽ قصي وانگر بياني هوندي آهي." هن عظيم ليکڪ جو ديهانت 26 جنوري 2012ع تي طويل عرصو بيمار رهڻ بعد ٿيو. هتي هن جي هڪ ڪلاسڪ ڪهاڻي "چانڊوڪي رات جو ستم" جو ترجمو پيش آهي.

[پنجابي ڪهاڻي                                        ڪرتار سنگهہ دگل]

# چانڊوڪي رات جو ستم

مالنيءَ مني ڪي گڏ ڏسي هرڪو اهو ئي چوندو هو تہ ٻئي ڀاڻ ۾ جڻ جاڙيون ڀينر آهن ۽ جڏهن هڪ گهور ڪري ٻنهي ڏي ڏسبو هيو تہ مني پنهنجي ماءُ مالنيءَ کان گرانڊڙي ڪڻ قدم ۾ مٿيري نظر ايندي هئي. ٻنهي ماءُ ڌيءُ جي سرس سونهن ۽ چنچلتا کي ڏسي، اوڙي پاڙي جون سيئي عورتون جڪ کائينديون، اندر ۾ سڙي ڪارو ڪوئلو ٿيڻجي ويندي هيون، ڪي وري ٽوڪ مان مالني کي چٿي ڏينديون هيون.

”اڙي مالني! تنهنجي ڇوريءَ تي جوانيءَ جوڀن چڙهيا آهن!“

”مني اڳي ئي سونهن ۾ سرس اٿئي، جي نہ سورنهن سينگار ڪنديئي تہ ڪيئي مفت ۾ ڪسجي ويندا؟“

”او مالني! جواني ديواني اٿئي! ڇوريءَ جي پيرن ۾ ونگ وجهي، هاڻي کان ئي سوگهي رک، نہ تہ پوءِ وِيني هٿ هڻنديئن....“

پر مالني اهي ساڙيريون ڳالهيون هڪ ڪن مان ٻڌي ٻئي مان ڪڍي ڇڏيندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن هوءَ مني جي جوڀن ۾ ئي جڏهن زماني جي نظر ڦير سان نهاريندي هئي تہ ڪنهن اڻ ڄاتي خوف جي گهيري ۾ ائين وڪوڙجي ويندي هئي جيئن واچوڙي ۾ پٽ تي پيل هر شئي ويڙهجي اڏري ويندي آهي.

هيءَ ڳالهہ مالنيءَ لاءِ جڻ تہ ڪالهوڪي ڳالهہ هئي جو هوءَ پاڻ بہ حسين اپسرا هئي ۽ اج... اج بہ سونهن ۾ ڌيءُ کان بہ رتيون گهٽ ڪونہ هئي، جيڪڏهن هوءَ اج بہ پنهنجي ڪٽارين اکين سان ڪنهن ڏي نهار ڪري تہ ڪيئي جوان هن خاطر ست سمنڊ پار ڪرڻ لاءِ تيار هئا پر اهي ڳالهيون هاڻي مالنيءَ جي لاءِ سوچڻ بہ ڏوهہ هيون، هوءَ هڪ حسين، جوان جماڻ، ڌيءُ جي ماءُ هئي، جنهن کي ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ هوءَ پنهنجي هٿن سان ميندي لائي، ڪنوار بڻائي، وهانءُ رچائي، سک جو ساهہ کڻڻ واري هئي.

اج مالني جي حالت ڏاڍي رحم جوڳي بڻجي وئي هئي، هن کي ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آئي، سندس سوچن ڏي ويندڙ سيئي رستا بند ٿي ويا هئا. ها! اجوڪي رات هن ڪيس پنهنجي اڄڻ جي چٽي موڪلي هئي، هُو جنهن مالنيءَ جي اڪير ۾ پنهنجيءَ جوانيءَ جون نہ ڄاڻ ڪيتريون راتيون تڙپندي جاڳندي گذاريون هيون، هن جي زندگيءَ جو هڪ هڪ پل مالنيءَ جي راهہ تڪيندي گذريو هو ۽ اجوڪي رات پنهنجي انهيءَ طويل انتظار جو صلو وٺڻ خاطر پنهنجي هڪ طرفي محبت ڪي مڪمل

ڪرڻ لاءِ مالني کي ٻانهن ۾ ڀري ٻي انتها پيار ڪرڻ تي چاهيو. جنهن جي هاڻ اڄڻ جو الڪو ڪندي، مالنيءَ پريشان ٿي وئي هئي.

”هو اڄوڪي رات ڇا واقعي ايندو؟! ڇا هو سچ پچ ته مون کي پنهنجي ٻانهن ۾ ڀري ٻي انتها پيار ڪندو؟! هن جي ڇهاءُ جو احساس محسوس ڪندي مالنيءَ جو وجود سراپجي ويو. سندس وياڪل نظرون اوچتو ڏيڍيءَ جي در مان آڳر ۾ داخل ٿيندڙ پنهنجي جواڻ ڌيءُ منيءَ ۾ اٽڪي ٿيون پون.

مني ٻي حد خوبصورت، قد آور، صدا ملوڪڙي، مالنيءَ جي اڪيلي ۽ لاڏلي ڌيءُ، جنهن کي مالنيءَ اهڙي طرح پالي تاتي جوان ڪيو هو جو هر هنڌ سندس سياڻ جي هاڪ هئي، سندس ڪپهه جهڙي اُجري نرم چمڙي اهڙي جهڙو ريشم هٿ لڳائڻ سان ڄڻ ته ميري ٿي وڃي. هن جون اکيون هميشه حياءَ کان هيٺ جهڪيل، اڄ ڏينهن تائين سڄي ڳوٺ ته ڇا، پر پاڙي وارن به هن جي واتان ڳالهائيندي ڪين ٻڌو آهي. ”مني! منهنجي ڌيءُ، ڪيڏي نه سباجهڙي ۽ سگهڙ آهي!“ جي ڪيس منهنجي معاشقي جي خبر پئي، ته پوءِ...“ هڪدم سوچيندي هن جو ذهن منيءَ جي طرف هليو ويو ته ۽ پوءِ مالنيءَ خوف جي چادر ۾ وڪوڙجي ٿي وڃي.

”امان، او امان! بابو اڄ به ناهي آيو؟ مني هن جي پير ۾ ويهندي بيقراريءَ وچان پڇڻ لڳي ٿي. “ تنهنجو بابو اڄوڪي سج ته نهيو پر جي سياٽي سانجهيءَ تائين اچي، ته به شڪر ڪجانءِ!“ مالنيءَ بي رخيءَ سان وراڻو ڏيندي کيس سمجهائڻ ٿي لڳي.“ شادي جي ڪاج ۾ سوئي سڳي جو به خيال رکبو آهي، زيور، لٽا ڪپڙا... ۽ سامان سڻو ونڻ به پيچي ٿو شيون بچن ته چڱو آ، نه ته لوڪ جا طعنا! منهنجي توبهه زاري! آخر به تنهنجي شاديءَ جو ڏاج آهي ڌيءُ! ڪو گڏي گُڏي جو وهانءُ ٿورو ئي آهي، سو پٺهين کي سؤ ڪم آهن تون الڪو نه ڪر!“

پنهنجي شاديءَ بابت ماءُ جي پٽاڻ ٻڌي، پهريون ته منيءَ شرمايو ۽ پوءِ بيزار ٿيندي، پنهنجي چنريءَ ماءُ کان وني، سندس مٿو پوتيءَ سان ڍڪي ڪوني ۾ وڃڻ ٿي لڳي، جا هن ڪجهه دير اڳ ماءُ کي ان ڪري ڏني هئي، ته جيئن مندر ويندي رستي ۾ ميري نه ٿي پوي.

اڄوڪي رات چنڊ جي چوڏهينءَ جي رات هئي.... چاندوڪيءَ جي جرڪندڙ ڪيراڻ جهڙي روشنيءَ ماحول ۾ عجيب منظر پيدا ڪري ڇڏيو هو. مالنيءَ آڳر ۾ رکيل کٽ مٿان خيالن جي وهڪري ۾ لڙهندي ستي پئي هئي، نم جي تارين مان چاندوڪي پنن جيان ڇٽي سندس وجود ۾ پئجي رهي هئي، پر هوءَ خيالن جي وهڪري ۾ لڙهي اتي پهتي هئي، جتان ڪناري تي اسهڻ لاءِ هن کي ڪوبه ونجهه نٿي مليو پوءِ چاندوڪيءَ رات جو چنڊ. جڏهن جوڀن تي چڙهيو ته مالنيءَ جي من ۾ هورا ڪورا وڌي وئي، بيقراري هن جي اندر کي ڏاتو ٻڻجي وڌ ڏيڻ لڳي هئي ته وري ٻئي طرف جواڻ ڌيءُ جو وجود ڪاريهر نانگ ٻڻجي هن آڏو ڦوڪاٽون هڻي رهيو هو. مالنيءَ جي سوچ هڪدم وري هن طرف هلي وڃي ٿي.

”هو ڪيڏو نه ڪنور آهي، بي رحم سنگدل آهي، باقي چار ڏيهاڙا صبر نٿو ڪري سگهي.“

ڌيءُ جي ڪنوار ٻڻجڻ وارو خيال ايندي ئي مالني ياد ڪرڻ لڳي ٿي.

”مان بہ تہ ڪنوار بڻي هيس. منهنجي هٿن تي بہ مهنديءَ جي رنگ جي خوشبوءِ رچي هئي پر منيءَ جي پيءُ ڪڏهن پلجي بہ منهنجي مينديءَ رتن هٿن ڏانهن نهاريو ڪين نہ هو هو سخت جان انسان هو. نار ۾ وهندڙ ڏاند وانگي سڄو ڏينهن ٻنيءَ ۾ پورهيو رات جو پٽڙ بڻجي اچي پاسي ۾ پوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن صرف هڪ پٽ جي خواهش هن جي پٽڙ واري ٻت کي پگهاريندي هئي تہ منهنجي من جي ٽوٽ ڏرتيءَ کي سيڪ ملي پوندو هو. واهگرو بہ اسان تي مهربان نہ رهيو. پٽ بدران هر ڀيري ڌيءُ ڏئي وري ڇني وٺندو هو پر منهنجي مني، پٽيلي اولاد کان ڪو گهٽ آهي ڇا!؟ پر مني تہ پنهنجي ور وٽ هلي ويندي، مني جي وڃڻ کان پوءِ مان ڪيتري نہ اداس ٿي پوندس. ڪيتري نہ اڪيلي ٿيندس. ۽ پوءِ هن کي منيءَ جي وڇوڙي جو احساس ڪائڻ لڳي ٿو.

مني رات جي راڌڻ رڌي، پيءُ جي اچڻ جو اوسيئڙو ڪندي، نيٺ ماني ڪائي. ايندڙ حسين راتين جي تصور ۾ گم ٿي ماءُ جي حال کان بي خبر سمهي پئي. پر هن جي ماءُ مالني اجا تائين جاڳي رهي هئي. سندس اکين مان ننڊ جا جگنو ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ ڏي اُڏري ويا هئا. الائي ڇو جڏهن بہ چانڊوڪي رات ايندي هئي تہ مالنيءَ جي لاءِ اٿاهہ سمنڊ جيڏي بيقراري پاڻ سان گڏ آڻيندي هئي. هن جو ڪائڻ، پيئڻ بہ حرام هوندو هو چانڊوڪي رات ۾ هوءَ پاڻ کي ازل جي بکي محسوس ڪري رهي هئي! سوچن جي وهڪري ۾ سفر ڪندي مالني پنهنجو پاڻ کان بہ بي خبر رهجي وئي هئي. سامت ۾ ايندي هوءَ ڪٽ تان اُٿي ڪوٺي اندر گهڙي ٿي وڃي، جتي مني ننڊ ۾ مرڪندي نظر ٿي اچيس. هن جي سيرانديءَ کان رنگين چوڙيون ۽ اڇن موتين واري چنري پئي هئي. چوڙين جي پڇي پوڻ جو خيال ايندي مالنيءَ اهي ڪٽي پنهنجي ٻانهن ۾ پائڻ لڳي ۽ پوءِ چنريءَ واري پوتي ڍڪي جڏهن ٻت ۾ لڳل آئيني آڏو بيٺي، تہ هن کي ڪي پل محسوس ٿيو تہ آئيني ۾ هوءَ پاڻ کي نہ ڏسندي هجي، پر ڄڻ تہ هن جي مني اچي بيٺي هجي، هڪدم شرمائي مالني ڪوٺيءَ کان ٻاهر اچي آڳر ۾ بيهي رهي ٿي. انهيءَ سمي چوڏهينءَ جي چانڊوڪي مالنيءَ جي رڳ رڳ ۾ پرجي وڃي ٿي.

”ٺڪ... ٺڪ!“ گهر جي وڏي دروازي تي آهستڙي ڪڙڪڻ جو آواز اڀري ٿو تہ مالني شڪارين جي گهيري ۾ آيل هرڻيءَ جيان آواز تي هراسجي وڃي ٿي.

”ٺڪ... ٺڪ!“ رازداري مان اڀرندڙ ڪڙڪي جو آواز هاڻي وري ڪجهہ تيز اڀريو هو.

”هو اچي ويو آهي! ها، لڳي ٿو تہ سچ پچ بہ اچي ويو آهي.“ مالني پنهنجي منهن پٽڪندي وري ڳالهائڻ لڳي ٿي.

ها! هو پنهنجي انجام جو پڪو آهي، چٺيءَ ۾ هن سچ ئي لکيو هو ”منهنجي پياري مالني! اجوڪي چوڏهينءَ جي رات، مان تنهنجي در جو ڪُنڊو ڪڙڪائيندس، مرضي پوئي تہ ڪڙو لاهجانءِ، جي نہ، تہ بہ جيڪا تنهنجا مرضي، تو لئہ منهنجيءَ چاهت ۾ ڪڏهن بہ ڪا گهٽتائي ناهي اچڻي، تون اڄ بہ مون کي پياري آهين، جيتري ڪالهہ جوانيءَ ۾ لڳندي هئينءَ واهگرو جو قسم، تہ تون مون کي آخري ساهہ تائين پياري رهندينءَ!“

چانڊوڪيءَ رات جي ڪيراڻ جهڙي روشنيءَ ۾ مالني جي گهر ٻاهران بيٺل واقعي هن جي محبت جو چور هو. جنهن مالنيءَ کي اهڙي چؤ واٽي تي آڻي بيهاريو هو جتان ڪيئي رستا نڪرندي به مالنيءَ کي ڪو ڏگ هٿ نٿي آيو. هو خيالن ۾ ٻڏي تري رهي هئي. انهيءَ وقت چوڏهينءَ رات جي چمڪندڙ چنڊ جي ڪارن ڪڪرن پنهنجي پاڪر ۾ پري ورتو. چوڌس اونداهه ڦهلجي ويو. جو هٿ کي هٿ جي خبر ئي نه رهي ۽ پوءِ ڪجهه ئي گهڙين اندر آسمان تي ڪارڪن ڪڪرن جا ڪيترائي تهه چڙهي ويا. مالنيءَ کي ڪا ڪل ئي نه رهي. ته سندس قدم وقت جي انهيءَ ڪنهن وير ۾ خودبخود ئي وڌي در طرف وڌي ويا هئا. هن پوءِ جيئن ئي درجو ڪڙو لاهي ٻاهر قدم رکيو ته سندس وجود کي ٽتل ٻانهن جو گهيرو ائين پاڪر ۾ پري ويو جيئن باز اک ڇنڀ ۾ پنهنجو شڪار جهپي اڏري ويندو آهي. ويهن سالن جي طويل انتظار جو درياءُ پنهنجا سمورا بند ٽپي بي حجاب وهڻ لڳو هو. محبت جي مدهر نشي ۾ هو ٻئي هلندا، رڙندا، چاهت جون چسڪيون پريندا، آزاد فضا ۾ اُڏرڻ لڳا هئا.

ڳوٺ جي وڏيءَ چاڙهيءَ پنيان، فجر ويل جڏهن ريل گاڏي بند تي ڇنگهندي گذرڻ لڳي، ته مالنيءَ به سرمستيءَ واري دنيا مان حقيقت جي دنيا طرف موٽي آئي. پنهنجو ٽڪل وجود هن جي ٻانهن جي وڪڙ مان ڇڏائيندي ڌڄندي هراسجي هلندي اچي آڱر ۾ رکيل کٽ تي اهلجي پئي جڏهن مالني جو ساهه سامت ۾ آيو ته کٽ تان اٿي ڪوٺي ۾ گهڙي جتي مني اجا تائين راتوڪي سندر خوابن جي جهان ۾ سير ڪري رهي هئي. هن پوءِ نهايت احتياط سان سڄي هٿ جي ڪرائيءَ ۾ پاتل منيءَ جون چوڙيون لاهي سندس سيراندي‌ءَ کان رکيون ۽ چنري به لاهي پنهنجي پوتي اوڍي ڪوٺيءَ کان ٻاهر اچي آڱر ۾ پيل کٽ تي ائين سمهي رهي جڻ ڪجهه به نه ٿيو هجي.

”مالني او مالني! آءٌ ٿو پڇان، ڪٿي آهي اها تنهنجي بد ذات ڇوري.“ جهاڳياڻي جي رڙين تي مالنيءَ جو آڱر اوڙي پاڙي وارن سان پرجي ويو.

”ٻڌاءِ مون کي مالني، اها بدچلن آهي ڪٿي؟“ جهاڳياڻي جي هٿ ۾ جهليل لٺ هن جي آواز جيان ڪنبي رهي هئي. هو رڙيون ڪندي ڪنڌ لوڏي رهيو هو ”هن کي منهن ڪارو ڪرڻ لاءِ منهنجو ئي فصل مليو ڪٿي، بد ذات، لفنگي!“

هي صبح سان کهڙو کيل ٿو کيڏين، جماڻو!“ مالنيءَ ننڊ مان جاڳي اچي هن کي چيو. ”ٻڌاءِ منهنجي ڌيءَ لا ڇا ٿو بکين؟“

”آءٌ بکان ٿو جو مون کي ڇتي ڪتي ڪاڏو آهي، ائين نه! مون پنهنجي هن گنهگارن اکين سان ڏٺو آهي تنهنجي لاڏليءَ کي.“

”ڇا ڏٺو اٿئي ٻڌاءِ، ڇا ٿو چئين؟“ مالنيءَ جي سوالن تي جهاڳياڻي وڏيڪ ڳالهائڻ لڳو. ”مون کي واهگرو جو قسم آهي مون ڏٺو ته منهنجي ڪمند واري فصل مان پهريان تنهنجي سدا ملوڪڙي ٻاهر نڪتي ۽ پوءِ هو حرامي، ان جو يار! مون کي ڏسندي ئي وٺي ڀڳو هو ماءُ جو....“

”اڇي ڏاڙهيءَ ۾ ڪوڙ هڻين، چاچا!... مون غريب تنهنجو ڇا بگاڙيو آهي؟“ ماڻهن جو هجوم منجهان مني وڏي اڇي جهاڳياٽيءَ آڏو بيٺي هئي. جيڪا مندر ڪان موتي سپ ڪجهه هاڻ پنهنجي ڪنن سان ٻڌي رهي هئي.

”شرم نٿو اچئي! بدچلن! آواره! مون کي تي تون ڪوڙو ڪرين!“ منيءَ تي جڪ ڪائيندي جهاڳياٽي وڏيڪ ڪيس ثبوت ڏيندي وري چيو: ”جي تون نه آهين ته پوءِ هيءُ اڌ ڀڳل چوڙي ڪنهن جي آهي جيڪا رات يار سان سمهي اها تون ڇڏي آئي آهين.“

هجوم ۾ بيٺل عورتون نظرون ئي نظرن ۾ هڪ ٻئي کي ڪئي معنيٰ خيز پيغام ڏيئي ويون. هڪدم مالني پنهنجي سڄي ٻانهن جي ڪرائيءَ ۾ پيل چوڙيون ڳڻڻ لڳي جن مان واقعي به هڪ چوڙي گهٽ هئي. ايتري ۾ ڳوٺ جو مکي به زال سميت اچي مالنيءَ جي گهر نڪتو جنهن جا نوڪر مڱٽي جو سامان مالنيءَ جي آڏو رکي موٽڻ لڳا هئا. پوءِ باقي رهيل ڪسر مکيءَ پوري ڪندي سموري دنيا جون گاريون مني کي ڏنيون. جنهن لاءِ ڪلهه تائين ڪنهن ڀلجي به ڪڌهن واتان ڪو گٿو لفظ ڪين ڪڍيو هو ۽ نه وري ٻڌو هو پر اڄ هوءَ سيني جي سامهون ڇا ڇا نه ٻڌي ۽ سهي رهي هئي! هن جي پوڇا پاڇا به ڪيس بي گناهه ثابت نه ڪري سگهي هئي ڪنهن غير ڏي ڀلجي به نظر ڪٽي نهار نه ڪندڙ مني اڄ برادريءَ لاءِ بدچلن بڻجي چڪي هئي. مالنيءَ جي گهر ۾ سندس ڏيءُ جي وهانءُ رچڻ ڪان اڳ جيئري ئي جنازو نڪري رهيو هو. مالنيءَ جو وجود ونجي ويو هو. هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نٿي آيو ته ڇا ڪري ۽ ڪهڙي ريت پنهنجي جواڻ ڏيءَ جي دنيا کي برباد ٿيڻ ڪان بچائي پنهنجو پاڻ پيش ڪري ۽ پوءِ اوچتو مالنيءَ جي پر واري گهر جي کوهيءَ ۾ زور سان ڇيڪي جو آواز اڀريو ته کي پل هر هڪ جو ساهه مٺ ۾ بند ٿي ويو.

# مدهو منگيش ڪرنڪ

(1931ع - حال حيات)



هندوستان جي ٻين ٻولين جي ادب ۾ مراٺي ادب جو تمام وڏو حصو رهيو آهي، جنهن جي موجود دور جي ڪهاڻيڪار ۾ ليکڪ مدهوش منگيش ڪرنڪ جو نالو معتبر حيثيت رکي ٿو. 28 اپريل 1931ع تي ضلعي سندهو درگ مهاراشٽر رياست ۾ جنم وٺندڙهن ليکڪ ديوناگري ۾ لکڻ جي شروعات نثر نگاري سان ڪئي. ڪيترن ئي عهدن تي ذميواري نڀائيندي ڪيس مراٺي ستيہ سميلن رتناگري جو سن 1990ع کان 2006ع تائين صدر بڻايو ويو ۽ هن وقت مهاراشٽر رياست جي ڪلچرل ۽ ادبي بورڊ جي صدر طور تي پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

مدهوش منگيش ڪرنڪ جي لکڻين جو مرڪز مهاراشٽرا جي ڳوٺاڻي زندگي جا موضوع ۽ معاشري جا نظرانداز ڪيل ڪردار رهيا آهن، جن جي جيون ڪٿا کي هن انتهائي گهرائي ۽ پراثر انداز ۾ پنهنجي ڪهاڻين ۾ بيان ڪيو آهي. هن جي لکيل ڪتابن جو تعداد ويهن کان مٿي آهي، جن ۾ چنڊ ۽ ڏيئو اسپرش اٽڪنا، ويچڪ، ناريل پاڻي، سورامروچي ۽ جيوا ڀاواچا جو شمار مراٺي جي بهترين ادب ۾ ٿئي ٿو. سندس هڪ عالمي شاهڪار ڪهاڻي جو سنڌي ترجمو ”يادن ۾ سمايل چانڊوڪي“ جي عنوان سان پيش ڪجي ٿو.

[مراٺي ڪهاڻي مدهوش منگيش ڪرنڪ]

# يادن ۾ سمايل چانڊوڪي!

هر روز صبح سوير دروازي هيٺيان ٻيٺي ٿيل اخبار ڪير اڇلي ويندو هو انهيءَ جي خبر اسان جي گهر مان ڪنهن کي بہ ڪانہ هئي! نيٺ هڪ ڏينهن سوير اخبار آڻيندڙ ٻلوءَ کي اسان ڏسي ورتو. جنهن کي هن کان اڳ اسان مان ڪيس ڪنهن بہ ڪين ڏٺو هئو... ان ڏينهن اخبار واري ريل دير سان اچڻ ڪري هو اسان جي در تي جڏهن اخبار پهچائڻ آيو تہ سڄ منهن پر مٿي چڙهي چڪو هو. هن کي ڏسي اسان کي ائين لڳو گهر جي سمورن ڀاتين کي جڻ هن جي اچڻ جو انتظار هجي، ممبئيءَ جي ماڻهن کي جيڪڏهن صبح ساجهر اخبار نہ ملي تہ کين ڏينهن ٿيڻ جو احساس ئي ڪونہ ٿيندو آهي تازين خبرن

لاءِ هر ڪوئي اتالو نظر ايندو آهي اتاهه سمنڊ جيڏي ماڻهن واري هن شهر جون خبرون اخبار ذريعي ئي ته معلوم ٿينديون آهن.

گهر جو دروازو ڪليل ڏسي بلوءَ اسان جي در تي چپ چاپ اچي بيهي رهيو. گهر جو جائزو وٺندي هو بيٺي ٿيل اخبار در جي ڪنڊ ۾ رکي وچڙ لڳو پر هڪ ٻه قدم ڪٽي هو رڪجي ويو هو.

”ٿورو پاڻيءَ چڪو ملندو اچ. اڄ ڏاڍي لڳي آهي.“ انهيءَ وقت اسين سڀ چانهه پي رهيا هئاسين مون هن کي پاڻي ڏيڻ بدران چيو.

”چانهه پيئندي؟“

”جي... جي نه. رڳو خالي پاڻي گهرجي!“

هُو ڏسڻ ۾ رنگ جو سانورو هو پر هن جا مهانڊا بي حد خوبصورت ۽ اکيون چمڪندڙ هيون. ٻارهن سالن جي صحتمند عمر وارو هي ڇوڪر مون کي بي حد چالاڪ ۽ تيز نظر اچڻ سان گڏ، پنهنجي عمر جي عام ڇوڪرن کان مختلف نظر آيو هو. ان وقت دل اهو پئي گهريو ته هو اسان جي دروازي کان اندر اچي، سيني سان گڏجي چانهه ويهي پيئي!... مون ڪيس پاڻيءَ سان ڀريل گلاس ڏنو جيڪو هو هڪ ئي ساهيءَ ۾ پي ويو. پوءِ پنهنجي پيشانيءَ تي آيل پگهر کي، ڪيسي مان رومال ڪڍي، اگهندي هن ڏاڍي عاجزي سان وراڻيو هو.

”اڄ صبح سان ئي ڏاڍي زور جي اُڃ لڳي آهي ڇا ڪجي ـ اخبار پڄائڻ لاءِ در در ڀوڙڻو جو پوي ٿو.“

”ڀوڙڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي... ٿورو آرام سان اچين هان.“ مون کي ساڻس همدردي ٿيڻ لڳي.

”اڄ اخبار جي اچڻ ۾ گهڻي دير ٿي آهي... توهان جهڙن صاحب لوڪن لاءِ آفيس وڃڻ کان اڳ اخبار ضروري آهي، جنهن ڪري ڀوڙڻو پيو آهي.... ائين نه ڪريان ته اسڪول کان دير ٿي ويندي ۽ پوءِ وري استاد....“

”تون اسڪول ۾ پڙهندو آهين؟“

”جي ها! ڇهين درجي ۾ آهيان.“

”ڪهڙي اسڪول منجهه داخل آهين؟“

”ميونسپالٽيءَ جي اسڪول ۾!!“

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”بلو!“

”بلو! هونئن ڏاڍو سنو نالو آهي بلو!“ پوءِ مون ڇپن ئي ڇپن ۾ هن جو نالو ٻه ٽي ڀيرا ورجايو ”اسڪول ۾ بلرام... هونئن بلو صاحب.“

”پر بلو وڏيڪ سنو ٿو لڳي!“ منهنجي ائين چوڻ تي هُو کلي پيو هو ته موتين جيان چمڪندڙ ڏند هن جي چهري کي ڏاڍو وڻندڙ بڻائي رهيا هئا. پوءِ بلو اخبار جو بنڊل پنهنجي بغل ۾ دبائي تيز تيز وکون کڻندو ويندو رهيو.

آچر جو ڏينهن هيو. اسين سڀ گهر ڀاتي گهر ۾ ويٺا هئاسين. وي تي هر هفتي هلندڙ جانورن بابت ڊاڪيومينٽري پروگرام ڏسي رهيا هئاسين. بلو به اسان جي گهر اچي نڪتو پر ڪانئس هر ڪوئي بي خبر بڻجي ٿي. وي ۾ اکيون کپائي ويٺل هيو. جڏهن پروگرام پورو ٿيو ٿي. وي بند ڪندي منهنجي نظر مٿس پئجي وئي. هُو درج ي پاسي ۾ بُت بڻيل ويٺو هو.

”بلوا! تون ڪڏهن آئين؟“

”بس! ٿوري دير اڳ مون به سڀ جانور ڏٺا....“

”صاحب هي اوهان جي اخبار جو بل آندو اٿم!“ هُو هٿ ۾ ڪنيل فائل مان اخبار جو بل ڪڍي مون طرف وڌائڻ لڳو مون کيس بل جي رقم ادا ڪندي چيو.

”هاڻي لڳي ٿو تنهنجي ترقي ٿي آ جو اخبار جي بل جي وصولي به ڪرڻ لڳو آهين.“

بلو خوش ٿيندي کلي ڏنو هو هن جي مرڪ اهڙي هئي جو هُو ڪنهن کي به انهيءَ لپائيندڙ مرڪ سان پنهنجو ڪري ٿي سگهيو.

”آءُ حساب ڪتاب جو هوشيار آهيان ۽ حساب ڪري ڄاڻان... تڏهن ئي ته اخبار جي مالڪ بل جي وصوليءَ واري نازڪ ذميواريءَ به مون کي ئي ڏني آهي.“

”ڪيترا بل ٺاهي ويندو آهين؟“ منهنجي ان ٻاراڻي سوال تي هن ٿهڪ ڏئي وراڻيو.

”پنجاهه“ ۽ پوءِ اوچتو مون کان سوال ڪري ويٺو.

”مان هر آچر ڏيهاڙي جيڪڏهن توهان جي گهر اچان؟“

”ڇو؟“ مون کيس حيرانيءَ مان جواب ڏنو هو.

”جانورن وارو پروگرام مون کي به ڏاڍو وڻندو آهي. بس! هو جيئن ختم ٿيندو آءُ واپس هليو ويندس.“

”ٺيڪ آهي، پلي ايندو ڪر.“ منهنجو راضپو ڏسي هُن جي گول ڇهري تي اميد جاڳي اٿي هئي، سندس اکين جي چمڪ تيز ٿي وئي، هوءَ پوءِ خوش ٿيندي نينگ ٽپا ڏيندو ويندو رهيو.

آچر واري ڏينهن تي جانورن جي ڊاڪيومينٽري پروگرام جي شروعات کان اڳ ئي بلو اسان جي گهر هليو آيو هيو. انهيءَ ڏينهن تي ڪتن بابت هڪ دلچسپ ۽ معلوماتي پروگرام ڏيکاريو ويو. ٽي. وي بند ٿيندي، جڏهن بلو واپس ٿيڻ لڳو ته مون هن کان پڇيو.

”بلوا! مزو آيو ٽي. وي تي.“ پر موٽ ۾ هن مون کان هڪ ڇرڪائيندڙ سوال ڪيو هو.

”توهان اديب آهيو نه!“ هن جي غير متوقع سوال تي مان حيران ٿي ويس.

”اهو توکي ڪنهن ٻڌايو بلوا!“

”توهان جي نالي واري تختي صاحب!... مان جڏهن توهان جي گهر پهريون ڀيرو اخبار ڏيڻ آيو هوس، ته دروازي واري تختي تان اوهان جو نالو پڙهي سمجهي ويو هيس.“ مان کيس ڳالهائيندي ڏسندو رهيس، هن جي پنهنجائپ وارو انداز مون کي وڻڻ لڳو مون کي محسوس ٿي رهيو هو ته هن جي لهجي مان هاڻ گهبراهٽ ختم ٿي وئي هئي.

”ٽي. وي واري پروگرام جي ڪتن ڪان تہ اوهان جو موتي ڪتو سنو آهي.“ هن وري ڳالهايو.

”توکي موتيءَ بابت ڪنهن ٻڌايو آهي بلو!“

”پنجين ڪلاس جي ڪتاب ۾ اوهان جو هڪ سبق موتيءَ بابت لکيل آهي.“ هن معصوميت مان وراڻيو هو.

بلو جي يادداشت ۽ ذهانت ڏسي مون کي گهڻي خوشي ٿي، پوءِ مون هن کي پنهنجين ڪهاڻين جا ڪجهہ ڪتاب ۽ تصويرون بطور تحفي ۾ ڏنيون. هو هڪ ڀيرو ٻيهر خوش ٿي چوڻ لڳو.

”مون کي ڪهاڻيون پڙهڻ ۾ ڏاڍو لطف ايندو آهي.“

بلو ائين هر آچر واري ڏينهن ٽي اسان جي گهر ٽي. وي ڏسڻ اچڻ لڳو. ڪڏهن ڪڏهن آچر ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي ڏيهاڙي تي بہ بل ڏيڻ لاءِ ايندو هو پر پوءِ هن جو اچڻ گهٽيو. اخباري دوڪان جي مالڪ بلو جي ڊيوٽي هڪ ٻئي علائقي ۾ لڳائي ڇڏي هئي، جتي ڪيس گهڻين اخبارن سان گڏ هاڻي حساب ڪتاب بہ سنڀالڻو ٿي پيو. اهو ڪم بيحد ڏکيو هو پر بلو پنهنجي ذهانت ۽ ايمانداريءَ سان نڀائيندو رهيو. هو ان وقت پنهنجي روزگار ڏانهن هليو ويندو هو جنهن وقت هن جا همعصر ٻار منڙي ننڊون ڪندي دنيا کان بي خبر ستا پيا هوندا هئا.

ٽي. وي تان جانورن وارو پروگرام ختم ٿي ويو هيو. پوءِ بہ بلو اسان وٽ اچي نڪرندو هو ساڻس گهر جا سمورا ڀاتي هري مري ويا هئا، هن جي ۽ اسان جي وچ ۾ سڪ ۽ پنهنجائپ وارو هڪ اڻ ٽُٽ رشتو جڙي ويو هو پر پوءِ وقت ۽ حالتن ۾ ڦيرو اچڻ لڳو. بلو جو اچڻ گهٽو گهٽجي ويو. هڪ ڏينهن آيو ۽ مون کي هڪ ڪتاب ڏيندي چوڻ لڳو.

”هن ڪتاب کي پڙهندي ڏاڍو لطف مليو اٿم، صاحب! توهان جو ڳوٺ ڪوڪن ڪيڏو نہ حسين آهي!“

اهو ڪتاب منهنجو لکيل هو جنهن ۾ مون پنهنجي ڳوٺ ڪوڪن جون يادگيريون لکيون هيون.

”بلو! هر هڪ انسان کي پنهنجو ڳوٺ پيارو هوندو آهي، تنهنجو بہ ڪوئي ڳوٺ ضرور هوندو. پوءِ اهو ڪوڪن نہ سهي پريارپر... مزار... يا ودرب.... تنهنجا ماءُ پيءُ انهي مان ئي ڪنهن ڳوٺ جا هوندا... تون جڏهن بہ اتي ويندين تہ اهو ڳوٺ توکي بہ ڪوڪن جهڙو حسين لڳندو.“

”منهنجو ڪوبہ ڳوٺ ناهي صاحب!“ بلو جي لهجي مان مايوسي بکڻ لڳي هئي.

”منهنجا ماءُ پيءُ گهڻو اڳ ڳوٺ ڇڏي هن شهر ۾ آيا هئا، مان تہ جائو بہ شهر ۾ ئي آهيان... ڳوٺ!... ڳوٺ جا پهاڙ نديون، وڻ، فضا ۾ اُڏامندڙ آزاد پکي... مون تہ ڪجهہ بہ ناهي ڏٺو...“ ۽ پوءِ هڪدم بلو مون کان سوال ڪيو هو.

”مون کي پنهنجي ڳوٺ وٺي هلندا؟... مان، توهان جي ڪوڪن واري گهر جي آڳر ۾ رات جو ڦهلجندڙ چانڊوڪي ڏسڻ ٿو چاهيان... هن شهر ۾ اسان کي ڪڏهن بہ چوڏهين جي چانڊوڪي نظر ئي ناهي آئي.“

بلو جي ڳالهه ٻڌي مون پنهنجي دل ۾ بيحد ڏک محسوس ڪيو هو ”اها هڪڙي ڪيتري نه معمولي ڳالهه چئبي جو سڄي دنيا ۾ ڦهلجندڙ سج ۽ اُس جيان چانڊوڪي جي روشني گهرن جي آڱرن ۾ هجي، پر هن جي فطري حسن کان جهوپڙن ۽ فٽ پاٿ تي رهندڙ هزارين ٻار محروم هجن!... هن دؤر ۾ هر هنڌ بجلي جي چمڪ واري تيز روشني ايتري ته شدت سان ڦهلجي وئي آهي جو ڪيراڻ جهڙي چانڊوڪي رات جي مصنوعي روشنيءَ آڏو زرد نظر ٿي اچي.“ الائجي ڇو منهنجي همدردي بلو سان وڌڻ لڳي، مون هن کي جواب ڏنو.

”ها بلو! مان توکي پنهنجي ڳوٺ ”ڪوڪن“ وٺي هلندس، تون اتي دل کولي چوڏهين جي چانڊوڪيءَ مان لطف اندوز ٿجان.“

”سچي! توهان مون کي وٺي هلندا.“

”ها! بلڪل سچي!“ منهنجي جواب تي بلوءَ جون اکيون ائين چمڪڻ لڳيون، ڄڻ دنيا جي سموري چانڊوڪي هن جي اکين ۾ پيرجي آئي هجي.

اوچتو حالتن اهڙو ڦيرو کاڌو جو مان بلوءَ سان ڪيل پنهنجو واعدو نڀائي نه سگهيس. اسان کي ڪن مجبورين سبب جلد ئي گهر ڇڏي، هڪ پري جي ڳوٺ ۾ رهڻو پيو. اهو سڀ ايترو جلدي ٿي ويو جو آءٌ بلو سان ملي به ڪونه سگهيس ۽ نه ئي وري هو اسان وٽ آيو هو. ڏينهن گذرندا ويا. جن سان گڏ بلو جي ياد به گذرندي رهي. نئين ڳوٺ جي نئين ماحول ۽ ماڻهن جي ميل جول ۾، بلو اسان جي ذهنن کان کوهين ڏور هليو ويو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن بلو کنهن وسري ويل ياد جي صدا بڻجي ظاهر ٿيو هو. هڪ رسالي جي ايڊيٽر پاران شاگردن درميان مضمون نويسي جو مقابلو رکيو ويو. ان جي انعامي تقريب جو مهمان خصوصي مون کي بڻايو ويو جنهن ۾ ڪيترن ئي شاگردن حصو ورتو هو.

تقريب کان اڳ جڏهن مون انعام حاصل ڪندڙ مضمونن ۽ انهن لکندڙ جي نالن جي لسٽ ڏٺي ته سڀ کان پهريون انعام حاصل ڪندڙ ڪوئي ٻيو نه پر بلو هيو. جنهن ڪمار بلرام ”ڪدم“ جي نالي سان پنهنجو مضمون لکيو هيو. هن جي مضمون جو عنوان هو ”آڱر جي چانڊوڪي جيڪا مون کي نه ملي....“ مون هن جو لکيل مضمون پڙهڻ شروع ڪيو.

”منهنجو هڪ ننڍڙو خواب آهي، ته ممبئيءَ ۽ ڪوڪن کان به گهڻو ڏور... هڪ ننڍڙو گهر هجي، جنهن جي ننڍڙي آڱر تي جڏهن چوڏهين جي چانڊوڪي ريڙهيون پائي داخل ٿئي ته مان ڪيس هميشه لاءِ پنهنجي ٻاڪر ۾ پري ڇڏيان!“

پوءِ مان بلو کي هڪ نظر ڏسڻ لاءِ ڏاڍو اتالو بڻجي پيس... جڏهن انعام جي انائونسمينٽ ٿي ته هو منهنجي آڏو اچي بيٺو هو... ها! مون هن کي سڃاڻي ورتو هو. ڪمزور بدن ۽ ڊگهي قد وارو هي ڇوڪرو ڪو ٻيو نه پر بلو هيو. هن جي اکين جي چمڪ ۽ مُرڪ اڄ به پهريون جهڙي ئي هئي، بلوغت کي ويجهو پهتل بلو هينئر مون کي وقت کان اڳ جوان نظر ٿي آيو.

منهنجي هٿ مان انعام وٺڻ بعد هُن جهڪي منهنجا پير ڇُهيا ۽ آهستي چيو. ”سر! مون کي اوهان جو پتو گهرجي.“ مون کيس پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڏنو. منهنجي به اهائي خواهش هئي ته هو مون سان ملڻ اچي, ويندي کيس آهستي چيو هيم.

”بلُو! اسان کي چانڊوڪي ڏسڻ ’ڪوڪن‘ هلڻو آهي, تون ضرور اچجانءِ“ انهيءَ ڳالهه کي ڪيترائي مهينا گذري ويا. مان هن جي اچڻ جو اوسيئڙو ڇڏي ڏنو هو. هڪ ڏينهن هن جو لکيل خط اچي مليو.

”سر! سچ اهو آهي ته ائين اوهان سان وري ڪڏهن ملاقات ٿي ويندي, اهو مون ڪڏهن سوچيو به ڪين هو پر جڏهن توهان سان مليس ته سموري خوشي ملي وئي. توهان جي لکڻين منهنجي دل ۾ پڙهڻ جو جذبو جاڳايو... مسلسل پڙهڻ سان من ۾ لکڻ جي بيقراري پيدا ٿي... توهان مون کي چوڏهين جي چانڊوڪي ڏيکارڻ لاءِ ڳوٺ وٺي وڃڻا هئا, مان اها ڳالهه عمر پر ڪونه وساري سگهندس... مون انهي تصور کي لفظن ۾ بيان ڪري مضمون لکيو ۽ پهريون انعام مون کي مليو اهو به توهان جي هٿان ئي اها منهنجي خوش قسمتي آهي, توهان جا ٿورا ادا ڪرڻ لاءِ مون کي لفظ ئي نٿا ملن! سر! آءٌ هينئر ڏهين ڪلاس ۾ آهيان. بابي جي وفات ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي امڙ به اڪثر بيمار رهي ٿي, جنهن سان گڏ ننڍي ڀاءُ جي ذميواري به مون تي آهي... ان ڪري توهان سان گڏجي ”ڪوڪن“ هلڻ مون لاءِ هينئر ناممڪن آهي!... ڇا ڪجي! هن دنيا ۾ ڪجهه ماڻهن کي سڄي زندگي اُس ۾ ئي هلڻو پوندو آهي, چانڊوڪي نصيب ناهي هوندي.... مان ڏينهن جو نوڪري ڪندو آهيان ۽ رات جو نائيٽ اسڪول ۾ پڙهان ٿو. اوهان جي شفقت ۽ پنهنجائپ واري رويي ۾, مون کي چانڊوڪي جي جيڪا هڪ لڪير ملي, سا چوڏهين جي چانڊوڪيءَ کان مون لاءِ گهٽي وڌيڪ آهي!

اوهان جو

بلو عرف بلرام ڪدم

مون بلوءَ جو خط پڙهڻ بعد هن جي ائڊريس ڳولڻ جي جڏهن ڪوشش ڪئي ته بيحد مايوسي ٿي, ان ڪري جو بلوءَ خط ۾ پنهنجي ائڊريس ڪونه لکي هئي!

# شريمتي سانيا

جديد مراٺي ڪهاڻيڪارن ۽ ناول نگارن ۾ هڪ اهم نالو آهي پاڻ مهاراشٽر جي شهر سانگلي ۾ پيدا ٿي، پر زندگيءَ جو وڏو حصو ممبئيءَ ۾ ئي گذاريو اٿس. هن اڪائونٽنگ جي تعليم حاصل ڪئي پر پاڻ ڪيس ادب ئي پيو. هن وقت هڪ سماجي ادارو هلائي ٿي، جيڪو عورتن جي حقن لاءِ جاکوڙي ٿو. هن مهل تائين سندس ٽي ناول ۽ ٻارنهن مجموعا ڪهاڻين جا ڇپجي چڪا آهن. سندن ڪهاڻيون هندي ۽ انگريزيءَ کان علاوه ڀارت جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪيون آهن.

[مراٺي ڪهاڻي                                        شريمتي سانيا]

# خدا حافظ

مينهن بند ٿي چڪو هو پر آسمان تي اڃا ڪجهه ڪڪر نظر پئي آيا. سج ٻه پوين پساهن ۾ هئو. جنهن سبب آسمان تي شام واري ڳاڙهاڻ ڦهليل هئي. چارو دريءَ کان ٻاهر مينهن جي پاڻيءَ ۾ پسيل باغيچي ڪي تڪي رهي هئي. هن جي ڪمري ۾ رکيل وڏيءَ ميز تي چڪاس جو سامان دوائن سان ڀريل الماڙي ۽ ڀتين تي لڳل مختلف مرضن جي تشخيص وارا چارٽ لڳل هئا، ڪجهه ڪرسيون مريضن جي ويهڻ لاءِ وڏو لوهو اسٽول، ڪنڊائتو رکيل وڏو گلدان... هي چارو جي اسپتال هئي، جتي هر نئين ڏينهن مختلف مرضن ۾ وڪوڙيل مريض اهنج ۽ ڏک مان هن وٽ اچي نڪرندا هئا.... ڪنهن کي بخار، زڪام، کنگهه ته وري ڪو زخمي ۽ سورن ورتل مطلب ته هر ڪوئي پنهنجي پنهنجي سُور ۾ سوڙهو نظر ايندو هو ۽ هڪ هڪ ٿي نمبر وار چارو جي پير ۾ رکيل لوهي اسٽول تي اچي ويهندو هو پر اڄ مينهوڳيءَ سبب مريض نه هجڻ جي برابر هئا. تڏهن ئي ته هوءَ دري کان ٻاهر شام جي سمي واري هن قدرتي منظر مان لطف اندوز ٿي رهي هئي جتي هاڻ سج پوين پساهن ۾ هو ۽ ڇپر تي پونڊڙ سج جي ڳاڙهاڻ ڏاڍو وڻندڙ ڏيک ڏئي رهي هئي، اوچتو ٻاهر دروازي تي سڏ ٿيو ته چارو کي ڪي قدر حيرانگي ٿي، جو اهو پهريون ڀيرو هئو جو اسپتال جي در وٽ بيهي، ڪنهن مريض سڏ ڪيو هو.

”لڳي ٿو ڪو نئون مريض آهي، تڏهن ئي تہ اجازت ٿو گهري.“ چارو اهو سوچيندي جيئن ئي دروازو کوليو هن جي آڏو پيءُ پٽ بيٺل هئا. پيءُ جي عمر لڳ ڀڳ پنجٽيهہ سال هئي ۽ پٽ ستن سالن جو هو. پيءُ کيس ڳالهہ سمجهائڻ ۾ رڌل هو پر پٽ ڪنڌ سان نهڪر ڪندي، ضد ڪيو بيٺو هو.

”اوهان ڊاڪٽر آهيو نہ؟ مان منوهر پنڊت ۽ هيءُ منهنجو پٽ آشيش.“ پوءِ ٻئي ڪلينڪ اندر هليا آيا تہ پٽ پيءُ جو هٿ ڇڏائي ڪاوڙيل انداز ۾ ڪرسيءَ تي ٽي ويٺو. پيءُ لڄي ٿيندي چارو کي ٻڌائڻ لڳو: ”هن جي طبيعت خراب آهي، ان ڪري...“

”ويهو“ چارو پيءُ کي ڪرسي تي ويهڻ لاءِ چيو.

”مون کي لڳي ٿو تہ پيٽ خراب ٿي پيو اٿس.“ منوهر ڪرسيءَ تي ويهي ٻڌائڻ لڳو چارو ڇوڪري ڏانهن ڏٺو ۽ ڇپن تي هلڪڙي مسڪراهٽ آڻيندي، چوڻ لڳي.

”هيلو... تنهنجو نالو ڇا آهي؟!... پاڻ ٻڌائيندين يا مان تنهنجي ابوءَ کان پڇي وٺان.“

”هونئن تہ هي هر ڳالهہ سمجهي ويندو آهي، پر ڳالهہ ٻولهہ رڳو انگريزيءَ ۾ ڪندو آ.“ پٽ بدران وري بہ پيءُ جواب ڏنو.

پيءُ پٽ جي ڳالهہ ٻولهہ جي انداز سياءُ ۽ لباس کي ڏسي، چارو کي پڪ ٿي وئي تہ هنن ٻنهي جو تعلق سندس علائقي سان هرگز بہ نہ آهي، تڏهن هن کي وڌيڪ پڪ ڏياريندي منوهر پاڻ ئي ٻڌائڻ لڳو: ”اسين آمريڪا ۾ رهندا آهيون... ڪجهہ ڏينهن ٿيا آهن جو هتي موڪلون گذارڻ آيا آهيون... هيءُ پاٽي اوباريل پيئي ٿو پر شايد ڪاڏي جي ڪري هن جو پيٽ خراب ٿي پيو آهي.“

”تو اڃا تائين پنهنجو نالو بہ ناهي ٻڌايو... پوءِ آئون توکي دوا ڪيئن ڏيندس؟!“ منوهر جي ڳالهہ کي اڻ ٻڌو ڪري، چارو آشيش سان مخاطب ٿي.

”مون کي دوا نہ گهرجي.“ آشيش چڙ ۽ ڪاوڙ مان چارو کي انگريزيءَ ۾ جواب ڏنو.

”ٺيڪ آ... پلي نہ وٺ... پر مون کي چيڪ ڪرڻ تہ ڏي“ هوءَ سندس چڪاس ڪندي، وري چوڻ لڳس: ”تنهنجي عمر ڇا آهي؟“ آشيش تڏهن بہ چپ رهيو. پوءِ چارو ميز جي خاني مان پيڊ ڪڍي، ان تي ڪجهہ دوائون لکڻ لڳي تہ منوهر شروع ٿي ويو.

”توهان جي اسپتال کان بہ گهٽيون ڇڏي، منهنجو گهر آهي.“

منوهر جنهن گهر بابت ٻڌايو هو اهو گهر وڪيل پنڊت جو هو. جنهن کي هوءَ ٿورو گهڻو سڃاڻيندي هئي، اهو بہ ان ڪري جو مريض جي ناتي هو چارو وٽ دوا درمل لاءِ ايندو ويندو هو. ڊاڪٽر جي حيثيت سان تہ هوءَ علائقي جي ماڻهن کي چڱيءَ ريت سڃاڻيندي هئي. پر پنهنجي باري ۾ ٻئي ڪنهن کي ڄاڻ رکڻ جي اجازت نہ ڏيندي هئي. چارو محسوس ڪيو تہ منوهر ضرورت کان وڌيڪ پئي ڳالهايو.

”پوئين ڀيري جڏهن هيءَ ماءُ سان گڏ آيو هو تہ ان وقت ڇهن مهينن جو مس هو تڏهن بہ گهڻو بيمار ٿي پيو هو. ايتري قدر جو اسپتال ۾ ڊاڪٽرن هن کي گلوڪوس جون ٽيلهيون چاڙهيون هيون... مون نہ چاهيندي بہ کيس ٻيهر پاڻ سان گڏ آندو آهي. منهنجي ماءُ هن کي ڏسڻ لاءِ بيچين هئي. پاڻ تہ گهمڻ

ڦرڻ کان لاچار آهي... منهنجي گهر واري آمريڪا ۾ سائنسدان طور ڪم تي ڪري، ان ڪري هن لاءِ موڪل تمام ڏکي هئي. هوئن به هوءَ هندستان اچڻ لاءِ تيار نه هئي، جو هاڻ هتي هن جو ڪوبه مٽ مائٽ نه رهيو آهي... هن جا ماءُ پيءُ پرلوڪ پڌاري ويا آهن. هڪڙو ڀاءُ ۽ هڪڙي ڀيڻ اٿس، جيڪي به ٻاهرين ملڪن ۾ آباد آهن.... بس! ڇا ڪجي امڙ جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ مون کي ئي آشيش کي وٺي اچڻو پيو."

آشيش هن سموري گفتگو ۾ سڄي ماحول کان بي خبر، ميز تي رکيل چارو جي ڊاڪٽري وارن اوزارن سان راند ڪرڻ ۾ پورو هو. ڪيس ائين ڏسي هڪدم چارو جي ذهن ۾ ڪو خيال ڊوڙي آيو. ساڻس انگريزيءَ ۾ مخاطب ٿي چوڻ لڳي: "اچ... هن ميز تي اچي ليٽ ته مان ورائي تنهنجو پيٽ چيڪ ڪريان." پر موٽ ۾ ڪنڌ جي لوڏ سان آشيش نه نه ڪندو رهيو. منوهر کيس گهڻوئي سمجهايو، لالچون ڏنيون، پر سڀ ڪوششون فضول ثابت ٿيون، جو آشيش زور زور سان رڙيون ڪندي، پنهنجا پير زمين تي هڻي رهيو هو پٽ جي اهڙي حرڪت تي منوهر پشيمان ٿيندي چيو: "ڏاڍو ضديرو آهي... ماءُ کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي ڳالهه مشڪل سان سمجهندو آ.... هت گهر ۾ به وڏي ڀاءُ ۽ ڀاڄائيءَ سندن ٻارن ساڻس هٽي وس ڪيا آهن، پر مجال آ جو ڪنهن سان ڪو اکر به زبان مان ڪڍيو هجائين... هر وقت مون سان پاڇي وانگر لڳو ٿو رهي، معمولي ڪو امان جي ٻڌي ٿو جيڪا هن کي رڳو ٻڌندي رهي ٿي، جو هن جي انگريزيءَ هن کي پلئه نه ٿي پوي.. سڀ ڪم ڪار به هن جا مون کي ئي ڪرڻا ٿا پون." اها ڳالهه ختم ڪندي منوهر هڪدم چپ ٿي ويو، جو کيس پنهنجي گهڻي ڳالهائڻ جو احساس ٿي چڪو هو.

"ڪا ڳالهه ناهي... توهان جي ٻڌايل صورتحال کي سمجهندي مون دوا لکي آهي... پندرهن منٽن تائين پاڻي اوباري، هن کي هر هر پيئاريو... ڪاڏو في الحال گهر جوئي ڪارايوس ۽ صفائيءَ جو خيال رکو.. گهڻي پريشانيءَ جي ڳالهه ناهي. ٻاهر رهندڙ ٻارن کي هتي اچي ٿوري گهڻي پريشاني ٿيندي آهي. اهو سڀ ماحول جي تبديليءَ جو اثر آهي." منوهر جون نظرون چارو ۾ اٽڪيل هيون، جن کان بچڻ لاءِ هن وري ڪلندي چيو.

"فڪرمند ٿيڻ جي ڪابه ڳالهه ناهي، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.. ۽ ها! توهان هت ڪيتري وقت لاءِ آيا آهيو؟"

"آيا ته ٻن مهينن جي لاءِ آهيون پر هن جو حال اهڙو رهيو ته شايد جلد ئي واپس موٽي وڃون."

"توهان جي نوڪري؟!!"

"ان جو ڪوبه فڪر ناهي وري ملي ويندي.. تڏهن ئي ته مان ايتري موڪل ڪري آيو آهيان ته جيئن هرهڪ سان تفصيلي ميل ميلاپ ڪري، سيني کي راضي ڪري وڃان... پر لڳي ٿو ته ائين نه ٿي سگهندو."

منوهر جي بي بسي ڏسي، چارو کي ساڻس ڪجهه وقت لاءِ همدردي ٿيڻ لڳي جو سندس پٽ غير معمولي حد تائين ضديرو هو.... منوهر لکيل دوائن جو پرچو کنيو. ڪجهه دوائون هن کي چارو به ڏنيون.

هن في ادا ڪئي تہ چارو آشيش کي خدا حافظ چيو پر هن ڪاوڙ ۾ اهڙي نموني منهن ٺئي پاسي ڦيريو جو چارو مسڪرائيندو رهجي ويو. هو جيئن ئي نڪتا تہ هڪ ٻيو مريض ڪنجهندي ڪلينڪ اندر داخل ٿيو.

هن واقعي کي اڃا ٻہ ڏينهن مس گذريا هئا، چارو جي در تي لڳل اليڪٽرانڪ بيل زور زور سان وڄڻ لڳي، هوءَ ڏاڪا لهندي در وٽ آئي ۽ در کوليائين تہ منوهر، آشيش جو هٿ جهليو سندس نظرن آڏو بيٺو هو.

"اسپتال جو در بند هيو ان ڪري گهر جي بيل وڄائي."

"مان رڳو شام جي وقت اسپتال ۾ ويهندي آهيان." چارو بيزاريءَ مان وراڻيو.

"معافي ٿو گهران... پر ڇي تي لکيل وقت ڪونہ پڙهيو اٿم سو ائين ئي هن کي وٺي آيو آهيان."

"پر هاڻي تہ اچي ويا آهيو نہ... خير آ... صبح يا رات جيڪڏهن ڪو اچي ويندو آهي تہ مان هروڀرو واپس ناهيان ڪندي.. مٿي هليا اچو..." ائين چئي، چارو واپس ڏاڪا چڙهڻ لڳا ۽ سندس پٺيان هي پيءُ پٽ بہ مٿي وڃڻ لڳا، جڏهن وڏي هال ۾ داخل ٿيا تہ منوهر کي اهو هال بيحد ڪشادو نظر آيو جنهن جي فرش تي هڪ پراڻو قالين وڇايل هئو، هال اندر خوبصورت صوفا سيٽ گهٽڻ خانن واري دلفريب ڪاٺ جي وڏي ميز ڪرسيون ۽ اهڙيون ڪيتريون ئي شيون سجاوٽ سان رکيل هيون، جن سان هيءُ هال وڻندڙ ٿي پيو هو.

"اوهان وٽ تہ پراڻو ۽ ناياب فرنيچر رکيل آهي." منوهر ساراهہ ڪندي چيو.

"ها! پر هي سڀ شيون منهنجي سهري جون آهن، هو پراڻي فرنيچر جو شوقين آهي." چارو مختصر جواب ۾ وراڻيو.

منوهر جي نظر هڪ بڪ شيلف ۾ ترتيب سان رکيل ڪتابن تي پئي تہ هن وڏي ڪتابن کي ويجهي کان ڏٺو. منوهر جي اهڙي عمل تي چارو پاڻ مٿان ڪاوڙ ڪائڻ لڳي تہ هن مريض جي حيثيت ۾ آيل ماڻهن کي پنهنجي گهر اندر آڻي غلطي ڪئي جيڪي هاڻ گهر اندر رکيل شين کي مهمانن جيان ڏسي رهيا هئا... پر پوءِ پاڻ تي قابو پائيندي، هن منوهر کي ويهڻ لاءِ چيو جڏهن هو صوفا سيٽ تي ٿي ويٺو چارو ڪانئس معلوم ڪرڻ لڳي:

"آشيش کي فائدو آهي يا نہ؟..."

"في الحال تہ فرحت اٿس... پر پيٽ جي سُور جي شڪايت برقرار آهي، ان ڪري گهٽ ٿو کائي پيئي."

"هُونهہ... تہ پوءِ هن جي هيٺ هلي چڪاس ڪرڻ گهرجي." پر هيٺ وڃڻ بدران چارو فقط زبان سان ائين وراڻيو هو آشيش نهايت غور سان هال ۾ رکيل شين کي گهوريندو وڃي هڪ وڏي گهڙيال سامهون ٿي بيٺو.

”هن قسم جو گهڙيال شايد پهريون ڀيرو ڏسي رهيو آهي.“ منوهر پٽ جي ڪيفيت جي ترجماني ڪرڻ لڳو.

چارو جي گهر ۾ پير رکندي ئي آشيش بلڪل بدلجي ويو هو. هن جي چهري تي ڪاوڙ بدران مسڪراهٽ تري آئي هئي ۽ هو پاڻ کي خوش خوش محسوس ڪري رهيو هو. پٽ جي ڪيفيت کي پرکيندي منوهر سرهائي وچان وڌيڪ چيو: ”توهان جو گهر وڻي ويو اٿس... هن وڏي گهر جي سار سنڀال ڪير ڪندو آهي؟“

”مان ڪندي آهيان.“ چارو وراڻي ڏني. ”هن شين کان سواءِ هن گهر ۾ ٻيون به ڪئي قديم ۽ ناياب شيون موجود آهن. پر انهن تي هينئر مٽيءَ جا تهه چڙهي ويا آهن. ڇا ڪجي واندڪائي نٿي ملي جو انهن جي صفائي ڪرائجي.“

”توهان جو مڙس ۽ سُهرو ڪهڙو ڪاروبار ڪندا آهن؟“

”هڪ ڪارخانو آهي جنهن کي هئي گڏجي سنڀالي رهيا آهن.“ هڪدم چارو کي محسوس ٿيڻ لڳو ته هوءَ آيل مريض سان ذاتي ڳالهيون ڪري رهي آهي، تڏهن پاڻ سنڀاليندي هن موضوع بدلائيندي چيو: ”اچو ته هيٺ هلون.“

اسپتال جي ڪمري ۾ داخل ٿي هن آشيش کي اسٽريچر تي ليٽايو جنهن هاڻ ڪو به ضد نه پئي ڪيو چڪاس کان فارغ ٿي، هن ڪجهه دوائون بدلائي لکيون. پوءِ وڃڻ وقت در کان مڙندي، منوهر معذرت ڀريل لهجي ۾ چيو. ”مون اوهان کي صبح سان تڪليف ڏني، جنهن لاءِ بيحد معذرت خواهه آهيان.“

”مان صبح جو واندي هوندي آهيان. هونئن به اهو منهنجو ڪم آهي، اوهان دلجاءِ ڪريو.“

”هڪ ڳالهه چوان... صبح جو واندڪائي اٿوَ ته پوءِ اسپتال ڇو نه ٿيون کوليو؟“

”بس ائين ئي....“ چارو پهرين ڀيرو منوهر جي خوبصورت چهري ڏي نهاريندي مسڪراهٽ سان وراڻيو.

”توهان جي مرضي پر اسان کي اهو فائدو پيو ته ان بهاني سان توهان جو دلڪش ۽ حسين گهر ڏسڻ جو موقعو مليو.“ منوهر به مسڪرائي ڏنو.

”ماڻهن جي وجود کان خالي ۽ ويران گهر اوهان کي خوبصورت لڳو... وڏي تعجب جي ڳالهه چئبي.“

”اوهين ان گهر ۾ ڪل ڪيترا ڀاتي آهيو؟“

”هوُنهه! ٽي.“ چارو آڱرين سان ڳڻپ ڪندي، پوءِ وراڻيو ”مان! منهنجو مڙس ۽ سهرو.... اسان کي اولاد ناهي بس!! ٽي پنهنجي پيءُ جو اڪيلو اولاد آ.“

چارو جي باري ۾ ايترو ڪجهه ته هن جي پاڙي کان وٺي تر جي ڳوٺن تائين جا ماڻهو به ڄاڻندا هئا، هونئن به هوءَ مريضن کي پنهنجي باري ۾ ڪجهه به نه ٻڌائيندي هئي، پر خبر ناهي الائي ڇو اهو پهريون

پيرو هو جو منوهر ڪي سڀ ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ تيار هئي ڪين ويندو ڏسي، هوءَ اسپتال کان ٻاهر آئي هئي. باغ ۾ تازن گلن جي مهڪار سان معطر خوشبوءِ جڏهن چارو پنهنجي ساهه ۾ سمائبي محسوس ڪئي، ته هوءَ وڏي وجي ٻوٽن جي ويجهو بيٺي، هن جي نظر پنهنجي گهر آڏو باغ ۾ ڪجهه اهڙن وڻن تي پئجي وئي، جن ۾ هاڻ ميوو تيار بيٺو هو. مينهوڳيءَ بعد وڻن تي قدرت جي خاص ٻاجهه پوندي آهي، جو هو تازا توانا ۽ دلفريب ٿي پوندا آهن.

منوهر ٽن ڏينهن جي وٿيءَ کان پوءِ آشيش کي ساڻ ڪري، وري چارو وٽ پهتو ته هن معمول وانگي آشيش جي چڪاس ڪئي هن پيري آشيش اڳي جي ڀيٽ ۾ گهڻو بهتر نظر ٿي آيو ۽ خوش پڻ.

”هن جي بيماري ختم ٿي چڪي آهي، پوءِ به هن کي احتياطن به ڏينهن وڌيڪ دوا کارائڻي آهي.“

”اهو ڏاڍو سٺو ٿيو. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي پريشاني ته گهٽجي پوندي“ منوهر خوشيءَ ڀرئي انداز ۾ وراڻيو.

”گهر ۾ ڪنهن سان رلي ملي ويو آ.... يا اجا ساڳي حالت اٿس.“

”ڪو خاص نه... ننڍ مان جاڳ ٿيندي ئي منهنجو هٿ پڪڙيندو آ... هن کي تيار ڪرڻ کاڌو کارائڻ، ساٿس راند ڪرڻ، ڪتابن مان ڪهاڻيون پڙهي ٻڌائڻ، سڀ منهنجي ذمي آهي.“ چارو جون نظرون آشيش ۾ ڪتل هيون، هو ستن سالن جي عمر واري ڀيءُ جيان خوبصورت نقشن وارو هڪ سهڻو ۽ معصوم ٻالڪ هو جنهن کي قيمتي ڪپڙن غير معمولي حد تائين وڻندڙ ٻڻائي ڇڏيو هو... هيڏانهن منوهر جي رام ڪٿا جاري هئي.

”ماءُ سان ڪي گهڙيون سڪون سان ويهڻ لاءِ سڪي رهيو آهي. مون ته ان خيال کان ڪيس هت آندو ته پنهنجن سان ملي خوش گذاريندو، پر هاڻ ته اهي به هن جي ٻي رخي ڏسي مايوس ٿي ويا آهن. مون کي ڪهڙي ڪل هئي ته ڪو هت اچي مون لاءِ ممڻ مچائي ڏيندو.“

”اتي به هن جو ورتاءُ اهڙو هوندو آ ڇا؟“

”نه... نيڪ ناڪ هوندو آهي. صبح جو مان ۽ گهر واري پنهنجي پنهنجي ڊيوٽيءَ تي نڪري ويندا آهيون ۽ رستي ۾ دي ڪيئر سينٽر آهي، جتي هن کي ڇڏي ويندا آهيون، اتي ئي هن جو اسڪول آهي. سينٽر جون ملازم عورتون هن کي کاڌو کارائينديون آهن... ننڊ ڪرائينديون آهن... ڪجهه ته هن جي تعريف ڪندي ٿڪبيون ئي ناهن... جڏهن گهر موٽي ايندو آهي ته به نيڪ هوندو آهي. ماءُ جي ڪنهن ڳالهه تي ضد ناهي ڪندو... سندس شمار سينٽر جي مثالي ٻارن منجهه ٿئي ٿو.“

”اهو به ممڪن آهي ته کيس ماءُ ياد ايندي هجي.“

”ٿي سگهي ٿو پر هن پنهنجي ڪنهن عمل مان ائين محسوس ناهي ڪرايو پر ائين ممڪن آهي ڇا؟!!“

”ٻارن جي باري ۾ ڪجهه به يقين سان نٿو چئي سگهجي. هنن جي دل ۾ ڪا ڳالهه ضرور هوندي آهي، جيڪا ڪنهن نه ڪنهن عمل جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي. ڇو ته هو لفظن جي ذريعي ڪلي اظهار ڪري ناهن سگهندا.“ چارو جي ڳالهه ڌيان سان ٻڌندي منوهر ڪيس يڪ ٽڪ گهوريندو رهيو.

آشيش ميز تي پيل ليٽر تي پين سان ليڪا پائي رهيو هو. بلڪل ائين جيئن ڪو مصور جهان کان بي خبر پنهنجي تصوير ۾ رنگ ڇٽيندو رهندو آهي. منوهر کيس ائين ڪندو ڏسي منع ڪئي، اٿاري پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ لڳو.

”توهان اسان جي گهر ايندؤ ته ڏاڍي خوشي ٿيندي، پر ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ نه هڪ مهمان جي حيثيت ۾.“ ويڄڻ مهل منوهر چارو کي دعوت ڏني.

”مان!... معاف ڪجو... مان تمام گهٽ ايندي ويندي آهيان. شام جي وقت جڏهن ٻين عورتن کي واندڪائي ٿئي ٿي، ته آءٌ هت اسپتال ۾ مصروف هوندي آهيان... ۽ صبح جو وري مون کي پنهنجي مصروفيت ٿئي ٿي.“

”پليز! مون کي غلط نه سمجهجو... مون انهيءَ خيال کان چيو ته امان ۽ پاڇائيءَ سان ملي، اوهين تازه دم ٿي ويندؤ ۽ ان بهاني توهان جي مڙس سان به ملاقات ٿي پوندي.“

”ڪنهن سان؟... او اِيي... پر هو ته تمام دير سان گهر ورندو آهي.“

”خير... جيڪا توهان جي مرضي.“

آشيش ۽ منوهر ويڄڻ لڳا ته چارو ليڪا پاتل پني کي ڦاڙي، ذرا ذرا ڪري ڊسٽ بن ۾ اڇليو ۽ شين کي ترتيب سان رکڻ لڳي، جيڪي آشيش ڊاهي وڌيون هيون.

”مون کي توهان سان معذرت ڪرڻي آهي؟“ رات جو منوهر فون تي چارو سان مخاطب ٿيو.

”معافي! پر ڇا جي!؟“

”دراصل آشيش توهان جي ٽيبل تان ويٽ پيپر کڻي آيو آهي، سچ ته اها وڏي غير حرڪت آهي.“ منوهر جو لهجو شرمساريءَ وارو هيو.

”ڪا وڏي ڳالهه ناهي... ٻار ته حرڪتون ڪندا ئي رهندا آهن... ٻار جو ٿيا!...“

”پر هيءَ غلطي نه چوري آهي... مون کي ان ڪري به شرم محسوس ٿي رهيو آهي، ته هن کان اڳ هن اهڙي حرڪت ڪڏهن به ناهي ڪئي.“

”ضروري ناهي ته هو هيراڪ هجي، مون چيو ته ٻار اهڙي ٻاراڻي ڪندا ئي رهندا آهن. اوهان به هاڻ ان کي وساري ڇڏيو ۽ خيال رکو ته هو وري ٻيهر ائين نه ڪري.“ چارو جڻ انهيءَ قصي کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو.“ هو ننڊ آهي يا جاڳي پيو؟“

”هينئر هينئر ستو آهي. تڏهن ئي توهان ڏي فون ڪئي اٿم.“

”توهان گهر اچڻ جي دعوت ڏني ۽ مون انڪار ڪيو... اميد ته منهنجي انڪار کي اوهان غلط نه سمجهيو هوندو.“

”نہ نہ... اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي... اوهان هن علائقي ۾ رهو ٿيون... ڪلينڪ هلايو ٿيون... سو ماڻهن سان لڳ لاڳاپو بہ سٺو عمل آهي... مون انهيءَ خيال سان چيو هو.“

”ها چو تہ ماڻهن سان منهنجا تمام سٺا تعلقات آهن، پر هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾.“ چارو ڳالهہ پوري ڪئي تہ منوهر وري نئين سر ڳالهہ شروع ڪئي.

”اوهان ڪڏهن ٿا اچو؟!!“

”مون چيو نہ، تہ مون وٽ وقت بلڪل ناهي هوندو....“ چارو پنهنجي انڪار کي ورجايو.

”هونئن ايترو وقت ڪهڙي قسم جي ڪتابن جو مطالعو ڪنديون آهيو.“

”ميڊيڪل سائنس جي دنيا ۾ هر نئين ڏينهن نيون شيون اچن ٿيون، انهن ڪتابن جو مطالعو ڪندي اهيان.... تہ جيئن مريض جي مرض کي پرکي سگهان. اوهان ڏسي چڪا آهيو، مون وٽ ڀي ڏاڍي سٺي ڪليڪشن ڪتابن جي.“

”هائو سٺي ڳالهہ آهي، ڇا مون کي بہ ڪو ڪتاب پڙهڻ لاءِ اڌارو ملي سگهندو!“

”ذاتي لائبريري ناهڻ ڏاڍي ڏکي هوندي آهي، اهو تہ توهان بہ ڄاڻو ٿا، سو مان معذرت ٿي ڪريان، هي منهنجي ذاتي لائبريري آهي.“

”مان سمجهي سگهان ٿو... پر مون کي ان ڳالهہ جي بہ خوشي آهي... تہ اوهان جو سهرو علم ادب سان چاهہ رکندڙ شخص آهي.“

”نہ.... ائين نہ آهي، هن تہ رڳو ڪتاب ميڙيا آهن تہ جيئن هال جي خوبصورتيءَ ۾ واڌارو اچي... پڙهندي تہ مان ئي آهيان.“

سندن وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ هلندي، پوءِ وقت جا ڪيترائي پل چپ چاپ لنگهي ويا ۽ هو ٻئي خاموش رهيا، وڌندڙ خاموشيءَ کي ٽوڙيندي آخر منوهر وري چيو.

”مون توهان جو چڱو وقت وڃايو آهي، سو مان معذرت خواهہ آهيان.“

”خير آهي، مان بہ مطالعو ڪري رهي هيس... هونئن بہ گهر ۾ ڪو بہ ناهي.“

”ڇو؟... ڪارخاني ۾ ايتري دير تائين ڪم هلندو آهي ڇا؟“

”نہ.... ڪارخانو تہ گهڻو وقت اڳ ۾ بند ٿي ويندو آهي. اپي ۽ سندس پيءُ بزنس جي سلسلي ۾ اڪثر پارٽين سان ملندا آهن ۽ پوءِ وري ڪلب ۾ تاش کيڏندا آهن.“

”مطلب تہ توهان اڪيلا آهيو... ايڏي وڏي گهر ۾ خوف ناهي ٿيندو توهان کي؟!!“

چارو کلندي وراڻيو ”ڪهڙيءَ ڳالهہ جو....“

”مان ويهين صديءَ جي هڪ لکيل پڙهيل عورت اهيان.“

”منهنجو مطلب هيو تہ جنن ڀوتن جو.“

”رات جو چوڪي هلي ٿي. گهر ۾ پراڻو نوڪر بہ خبردار هوندو آهي. هونئن بہ ٻئي ڪان ڊڄي ماڻهو ڪيستائين زندگي گذاريندو، سو ڊپ ڪجي تہ ڇا جو؟“

”اوهان جون ڳالهيون ٻڌي، مون کي اوهان هڪ بهادر عورت ٿيون لڳو.“
”بهادر... ۽ آءٌ....“ منوهر جي اهڙيءَ ساراهه تي چارو کي حيرت ٿي.
”توهان کي مون بابت ايتري ڄاڻ آهي ئي ڪونه، پوءِ مان بهادر ڪيئن ٿيس!“
”ڪنهن کي ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ٻه چار ملاقاتون به ڪافي ٿينديون آهن.“
”هينئر رات جو هڪ ٿي رهيو آهي... جي اوهان پنهنجي گهر ياتين سان ڪچهري ڪريو ته وڌيڪ سنو ٿيندو.“ چارو جڻ وڌيڪ ڳالهائڻ کان لنوايو پئي. ”چڱو... مان فون رکان ٿي.“ ۽ پوءِ چارو فون جو رسيور رکيو ته هن جي ڪمري اندر جڻ ازل جي خاموشي ٻيهر ڏوڪي آئي هئي.
صبح کان ئي مينهن جون ڪڻيون تيز تيز وسي وري ائين مانيون ٿي ويون جيئن ڪو جهونو مڙس گاڏيءَ تي پهچڻ لاءِ تڪڙيون وکون کڻندي ٿڪجي پوي ۽ پوءِ وڏا وڏا ساهه کڻڻ لڳندو هجي.... رستن روڊن ۽ باغن ۾ پيرپسائڻ جيترو پاڻي گڏ ٿي ويو هو. آسمان تي ڪارا ۽ ميرانجهڙا ڪڪر ڇانيل هئا. جنهن ڪري ڏينهن ميرانجهڙو ٿي لڳو.... هوا ۾ به هلڪي هلڪي ٿڌ سمايل هئي.. چارو ڪلينڪ جو دروازو کوليو ته سڀ کان اڳ منوهر اچي نڪتو جنهن بعد ڪجهه ٻيا مريض به هڪ ٻئي پٺيان پهچندا ويا. پر منوهر هڪ جاءِ تي ڪنڊائتو ٿي ويٺو رهيو ۽ ٻين آيل مريضن کي موقعو ڏنائين. جن جي تپاس ڪندي چارو منوهر جي موجودگيءَ کي شدت سان محسوس ڪندي رهي. ٻن ڪلاڪن بعد جڏهن هوءَ واندي ٿي ته منوهر اچي هن جي سامهون ويٺو.
”توهان ته سڀ کان پهريان آيا هئو پوءِ ائين ويهي ڇو رهيا؟“
”اڄ مان مريض جي حيثيت سان ناهيان آيو.“
”مطلب؟“
”اڄ آشيش پهريون ڀيرو امان سان گڏجي گهمڻ ويو آهي. آءٌ واندو هيس ۽ سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڪاڏي وڃان، بس ٻي سبب هيڏي هوڏي چڪر ڏيندو رهيس ۽ انهيءَ دوران مينهن وسي پيو هيڏانهن هليو آيس....“
”توهان وٽ ته ڪرڻ لاءِ ڪوڙ سارا ڪم هئا، پوءِ ائين وقت ڇو ٿا وڃايو.“
”ها! هيا ته سهي....“ منوهر ذهن تي زور ڏئي ڄڻ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.
”سوچيو هيم ته ڪاليج مان چڪر هڻي اچان... پراڻن يارن دوستن سان ملي اچان ۽ هي هوٽل، سينيمائون بازارون ۽ جايون گهمي اچان، جن سان منهنجي زندگيءَ جو وڏو عرصو گذريو آهي... پر الائي ڇو اهو سڀ مون کي فضول لڳي رهيو آهي... منهنجو هيئن اچڻ توهان کي خراب ته نه لڳو نه....“ منوهر جي ڏکهي وضاحتي جواب جي موٽ ۾ چارو خاموش رهي ۽ پنهنجي ڪم ۾ رڌل رهي. پوءِ ٽيبل تي ڪئلينڊر ۾ اکيون کپائي ڇڏيائين.
”توهان پنهنجي پريڪٽس کي ڪنهن ٻئي هنڌ وڌايو ڇو نه ٿا!“
”آءٌ فقط ايم. بي. بي. ايس آهيان. پوسٽ گريجوئيٽ ناهيان....“

”ان ۾ ڪهڙو حرج آهي.“ منوهر جي ڳالهين چارو کي منجهائي وڌو هو ڇو ته گذريل وڏي عرصي کان وٺي ڪنهن به ماڻهوءَ سان سندس اهڙي ويجهڙائپ نه ٿي هئي... چارو کي خيال آيو ته جيڪر منوهر کي هڪدم هليو وڃڻ لاءِ چوي ۽ ڪيس ٻيهر ڪڏهن به نه اچڻ ڏئي... پر هوءَ ائين نه ڪري سگهي، جو ٻيءَ گهڙيءَ کيس هي خيال به تري آيو ته ڪو منوهر هميشه لاءِ هتي ڪونه رهندو... پوءِ ايڏي بيزاري ڇا لاءِ؟.... هو ته فقط ڏيڍ هيني جو مهيني جو مهمان آهي ۽ هن جي زندگي گذارڻ جو ڍنگ ۽ سڀاءُ به عام ماڻهن کان نرالو آهي، ان ڪري هن سان ڳالهه ٻولهه جاري رکڻ ۾ ڪوبه حرج ناهي... پر هوءَ اجا تائين منوهر جي سوالن ۾ منجهيل هئي. تڏهن به چئي ڏنائينس، ”اوهان منهنجو گهٽ ڏسي آيا آهيو... ان گهر کي ٺاهڻ، سنوارڻ گهر جي هر شئي سان رشتو جوڙي رکڻ... مطلب ته پنهنجي زندگيءَ کي ڪنهن مقصد خاطر ڪري ڇڏڻ... سڀ ڪجهه ايترو سولو ناهي هوندو.“

چارو جو لهجو ڏکارو ٿي ويو. هوءَ ڪرسيءَ تان اٿي، دريءَ وٽ اچي بيٺي. ٻاهر هاڻ فضا مان خوشبو پئي آئي، پر هن جي من ۾ مايوسي لٿل هئي، جنهن کي لڪائڻ لاءِ هن پاڻ کي سنڀاليو هڪدم واپس ڪرسيءَ تي ٿي ويٺي ۽ ٽيبل لئمپ جو بلب ٻاري ڇڏيائين... منوهر دل ئي دل ۾ اهو سڀ محسوس ڪندو رهيو هو. پوءِ هن چارو کي وڏيڪ کولڻ چاهيو ”ڪجهه به هجي، پر هن علائقي ۾ توهان جي پنهنجي خاص سڃاڻپ آهي. تڏهن ئي ته اوسي پاسي جا مريض هيڏي اچن ٿا.“

”اهي برابر ايندا آهن، جو ڪين مان دوائون به هڙان ڏيندي آهيان... جي موجود نه هونديون اٿم ته گهرائي ڏيندي آهيان... فيس به معمولي چارج ڪندي آهيان... سندن خبر چار الڳ لهندي آهيان. تڏهن ئي ته هو خوشي خوشي مون وٽ اچن ٿا.“ هنن ٻنهي جي ڳالهه ٻولهه جاري هئي ته هڪ جوڙو پنهنجي معصوم ۽ ابهم ٻارڙي کي ڇتيءَ جي پاڇي ۾ لڪائي، ڪلينڪ اندر داخل ٿيڻ لڳو جن کي ڏسي منوهر وڃڻ لڳو ته چارو هن کي ويندو ڏسي، پنهنجائپ واري نظر سان تڪيندي مسڪرائي ڏٺو هو.

پنڊت صاحب جي در تي لڳل اليڪٽرڪ بيل تيز تيز وڄڻ لڳي. هن جي وڏي پٽ تڪڙ ۾ وڃي دروازو کوليو ته ٻاهر چارو بيٺل نظر آيس. هن کيس وڏي قرب ۽ عزت وچان ڪيڪاريندي، گهر اندر اچڻ لاءِ چيو.

”اوهان... اچو اچو... پليز اندر هليا اچو... امان جي تڪليف اسان کي هڪ عجيب خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي.“

چارو کيس ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ سڌو ان طرف وڌي، جتي منوهر جي ماءُ سور وچان ائين تڙپي رهي هئي جيئن مڇي پاڻيءَ کان ٻاهر ڦٿڪندي رهندي آهي. بستر جي چوگرد گهر جو هر ننڍو وڏو ڀاتي هڪ عجيب پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي بيٺو هو. جنهن جي هڪ ڪنڊ کان ويٺل چارو منوهر جي ڀاڄائيءَ طرف اشارو ڪندي، سيني سان مخاطب ٿي: ”توهان مون سان هٽ ترسو ۽ باقي سڀ مهرباني ڪري ٻاهر هليا وڃو.“

”هن جي پنيءَ جون رڳون سُڪڙجي ويون آهن... في الحال تڪليف ختم ڪرڻ لاءِ مان سور واري انجيڪشن ڏيان ٿي، جي آرام نه مليو ته پوءِ وري ڏسنداسين... ڪجهه ڏينهن لاءِ امان کي هيٺ پٽ تي سمهڻو پوندو...“ ڪمري کان ٻاهر اچي چارو سمورن گهر ڀاتين سان ڳالهايو.

”ڊاڪٽر صاحب پريشاني جهڙي ته ڪا ڳالهه ناهي نه....“

”بلڪل نه... اوهين سڀ دلجاءِ ڪريو...“ چارو آشيش طرف نهاريندي جواب ڏنو جيڪو هن صورتحال سبب هراسجي ويو هو.

”ڀڳوان جي ڪرپا ٿي وئي... نه ته مون کي پڪ هئي امڙ کي اسپتال داخل ٿيڻو پوندو.“ منوهر جي وڏي ڀاءُ تشويش واري لهجي ۾ چيو.

”امان ڪائي ڳري وزن واري شئي کنئي آهي ان ڪري ائين ٿيو آهي.“

”اچو. آءٌ اوهان کي ڇڏي اچان.“ منوهر احسان مند لهجي ۾ چيو.

”تڪليف نه ڪريو... آءٌ پاڻ ئي هلي وينديس.“

”اهو ڪيئن ممڪن آهي رات جي هن وقت ۾ اڪيلا نه وڃو. منوهر توهان کي ڇڏي ٿو اچي.“ منوهر جي ڀاءُ جي ڳالهه کي چارو رد نه ڪري سگهي ۽ پوءِ دڳ ۾ هوءَ سوچڻ لڳي.“ جڏهن مان آئي اڪيلي هيس، تڏهن ڪنهن به نه پڇيو ۽ هاڻي منهنجي وڃڻ جو وڏو فڪر اٿن... ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي.“ پوءِ منوهر ڏي تڪڻ لڳي ته هن ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”سوچي رهيو آهيان ته جلد موٽي وڃان... اڄ امڙ جي حالت ڏسي آشيش ڊڄي پيو آهي.“

”پنهنجي ماءُ ياد ايندي هوندس ممڪن آهي گهر کي ياد به ڪرڻ لڳو هجي.“

”۽ توهان؟“

”مان!!... مان ڇا؟“

”منهنجو مطلب آهي ته توهان کي ياد نه ٿو اچي.“

”مون کي... ڪو خاص نه... آءٌ هاڻ عمر جي اهڙي حصي ۾ آهيان، جتي اهي ڳالهيون بي معنيٰ آهن... هونئن به اسين پنهنجن پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ ايترو مصروف هوندا آهيون جو اهو سڀ سوچڻ جو وقت ئي ناهي ملندو.“

هو ٻئي ڳالهيون ڪندا اچي گهر وٽ پهتا هئا... چارو جي گهر جي مٿئين حصي ۾ روشني ڦهليل هئي... جنهن طرف نهاريندي منوهر ڪانئس ساڳيو سوال پڇيو هو.

”اوهان واقعي هن وقت تائين گهر ۾ اڪيلا آهيو؟... ٻيو ڪير اوهان سان گڏ ناهي؟“

”نه“ چارو ڪنڌ سان نهڪر ۾ وراڻيو.

”پر اهي ايڏيءَ دير تائين ٻاهر....“

”هر ڪو پنهنجي ڪِرت ۾ مصروف رهي ٿو بس اسان جي اهائي زندگي آهي.“

”هن وقت رات جا ساڍا نوَ ٿي رهيا آهن.“

”خبر آهي... پر هو ساڍي يارهين کان اڳ ناهي ايندو.“

”اهو ڪجهه ٺيڪ ناهي... ميجان ٿو ته ڪم ڪار به لازمي آهن. پر جيون ۾ هر وقت رڳو ڪم ڪار ئي ته سڀ ڪجهه ناهي هوندو.“

”ها! پر منهنجي اها ئي زندگي آهي.“ چارو جي لهجي ۾ مايوسي پرجي آئي هئي.

”اوهان پاڻ کي هرويرو هن قسم جي زندگيءَ ۾ قيد ڪري رکيو آهي. جڏهن ته توهان هڪ باصلاحيت ڊاڪٽر آهيو... ۽ پنهنجي پيرن تي بيٺل آهيو پوءِ به....“

”مان توهان کي ٻڌائي چڪي آهيان ته هن گهر اندر. گهر جو حصو بڻجي رهڻ بعد آزاديءَ جو تصور ڪوڪلو آهي.“ چارو گيٽ وٽ مڙندي، وري ڳالهائڻ لڳي، ”ماڻهو جي وجي به ته آخر ڪيڏانهن وجي. هن گهر... گهر جي هرهڪ شئي سان منهنجو سالن جو ناتو آهي، جنهن کان مان چاهيندي به پري نٿي وجي سگهان... ميجان ٿي ته دل جي ڪانه ڪا خواهش... آرزو آهي پر درست ۽ غلط جو فيصلو منهنجي اختيار ۾ ناهي... تنهن ڪري ئي ته مان پاڻ کي هن گهر تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي.“

”هر ماڻهوءَ جي ذاتي زندگي به ٿئي ٿي... ڇا توهان ڪڏهن ان کي محسوس ناهي ڪيو!!“

”اهو ضروري ناهي ته هر انسان جون سموريون خواهشون پوريون ٿين... ڪيترن ئي انسانن کي رهڻ لاءِ گهر ناهي... کائڻ لاءِ پئسو ناهي... هٿن... ڪنن... پيرن کان معذور هوندا آهن... اهي به جيئن پيا... پوءِ؟“

”توهان کي ائين نه سوچڻ گهرجي... اوهين ٻين کان منفرد آهيو.“

”نه مان ائين ئي آهيان... ڪنهن سان به ناهيان ڳالهائيندي.. بس رڳو اوهان سان ئي ڳالهايو اٿم... منهنجو خيال آهي ته توهان کي هينئر وڃڻ گهرجي گهر ڀاتي انتظار ۾ هوندا.“

”توهان فڪر نه ڪريو بس رڳو آشيش کي انتظار هوندو.“

چارو ڪجهه پل چپ رهي ۽ پنهنجي چوگرد جي ماحول ۾ نهارڻ لڳي جتي رڳو خاموشيءَ ڇانيل هئي ۽ خود چارو جو گهر کنڊر جهڙو ڏيک ڏئي رهيو هو. ٿوريءَ دير رکي هن وري ڳالهايو: ”توهان جي واپسي ڪڏهن آهي؟“

”ٻن هفتن کان پوءِ... پر وڃڻ جي تاريخ اڃا مقرر ناهي ٿي.“ منوهر وراڻيو.

”وري هت اچڻ جو خيال آهي يا نه؟“ چارو جي هن قسم جي سوال تي منوهر کي پنهنجائپ واري حيرانگي محسوس ٿيڻ لڳي. ”في الوقت ته من ۾ اهڙي ڪا به خواهش ناهي، پر ايندڙ وقت جي باري ۾ ڪجهه چئي نه ٿو سگهان.“

”آءُ هاڻ ويندس ڪتاب اڌ ۾ ڇڏي آئي هيم... رات جو دير تائين پڙهڻ منهنجي روٽين جو حصو آهي، اهو ته توهان ڄاڻو ٿا....“ چارو ائين چئي هلڻ لڳي، اوچتو جڻ ڪيس ڪا ڳالهه ياد اچي وئي هجي. پنتي مڙي هن چيو ”جيڪڏهن امڙ کي آرام نه اچي ته مون کي فون ڪري ونجو.“

ڪجهه ڏينهن اندر ئي منوهر جي ماءُ چاق ٿي وئي ۽ هلڻ ڦرڻ شروع ڪري ڏنائين. هڪ ڏينهن آشيش کي ساڻ ڪري، چارو جي ڪلينڪ هلي آئي. چارو سمجهيو ته شايد هن جي طبيعت ٺيڪ نه آهي.

”ڪيئن آهي هاڻ طبيعت... دوائون هلن ٿيون يا بند ڪيون اٿوَ“

”ڊاڪٽر! مان ته خوش آهيان، پر هن کي آندو اٿم.“ آشيش طرف نهاريندي هوءَ چوڻ ٿي لڳي. ”هت اچڻ کان پوءِ ڪونه ڪو مرض لاحق ٿو ٿئيس... منوهر سان ته اڪثر ايندو رهندو اٿوَ نه؟“

”ها مان؟ آمريڪا جي ماحول جو هيراڪ آ، سو هتان جي آبهوا هن لاءِ سٺي ثابت ناهي ٿي.“

”نه، ائين نه آهي، هيءُ ماءُ جي ياد ۾ ائين ٿي پيو آهي.“

پوءِ چارو مڪمل ڌيان سان آشيش جو چيڪ اپ ڪرڻ لڳي، پر هن جون نظرون آشيش جي وجود ۾ ڪتل هيون. جنهن جو گلاب جهڙو مُک ڪومايل ٿي لڳو اکين ۾ بيقراريءَ جا ترورا رقص ڪري رهيا هئس ۽ رنگ زردو ٿي چڪو هيس. اڄ هو غير معمولي حد تائين نراس نظر ٿي آيو.

”معمولي بخار سان گڏ اکين ۾ انفيڪشن ٿي پيو اٿس. دوا سان گڏ مان ڊراپس به لکي ڏيان ٿي، اهي هر ٽن ڪلاڪن جي وقفي سان ٻنهي اکين ۾ ٻن ڏينهن تائين وجهندا رهو.“

”منهنجو ٻچڙو! پرديس ۾ جائو.. پرديس ۾ نپنو... هي پرديس جو هيراڪ اسان سان ڪيئن رهندو... اهو مون کي ئي نياڳ ڪنيو هو جو ڪيس اکين جي سڪ لاهڻ جي لاءِ هت گهرايو اٿم.“ منوهر ماءُ پاڻ کي برو پلو چوڻ لڳي ته چارو موضوع مٽائيندي سوال ڪيس ”اڄ هن جو پيءُ ساڻس گڏ ناهي آيو!؟“

”منوهر...؟ هُو ته پنهنجن پراڻن دوستن سان ملڻ لاءِ ويل آ.“

”هي ڪهڙي تاريخ تي واپس پيا موٽن؟“

”اڄ اربع آهي سو ايندڙ خميس تي يعني پورن اٺن ڏينهن کان پوءِ.“ منوهر جي ماءُ اکيون پورينـدي هٿ جي آڱرين تي حساب ڪرڻ کان پوءِ وراڻي ڏني هئي.

”تون هاڻ واپس وڃي رهيو آهين، سو خوش گذار...“ چارو پيار پريل لهجي ۾ آشيش کي چيو ۽ پوءِ پنهنجي ڪم ۾ جنبي وئي.

چارو ڪلينڪ بند ڪري جيئن ئي ڏاڪڻ ۾ پهتي ته در جي ڪال بيل زور سان وڄڻ لڳي هوءَ ڪي پل بيٺي سوچيندي رهي ۽ پوءِ جيئن ئي در کوليائين، منوهر هن جي سامهون بيٺل هو.

”مون ڀانيو ته ڪلينڪ کليل هوندي.“

”هينئر ئي بند ڪئي اٿم... ۽ آشيش به اڃا هاڻي ئي هتان ويو آهي.“

”ها! امڙ مون کي ٻڌائي چڪي آ.“

”امان...“ چارو وري ڳالهايو ”امان ته اڄ توهان جي باري ۾ مون کي گهڻو ڪجهه ٻڌايو آهي... پر مون اهو سڀ ذاتي طور ناهي پڇيو.“

”توهان به پاڻ بابت ڪڏهن ڪجهه ناهي ٻڌايو.“

”مان... مان پاڻ بابت ڪنهن کي ڪجهه ناهيان ٻڌائيندي.. هن وقت ڇا توهان مون سان اها ڳالهه ڪرڻ آيا آهيو.“ چارو پنهنجي دل تي دٻاءُ محسوس ڪندي چيو.

”منهنجو مقصد هيءُ آهي تہ پاڻ ڪيترائي ڀيرا مليا آهيون... ڳالهيون بہ ڪيون آهن پر مون ڪو بہ تڪلف ناهي ڪيو. جيڪڏهن توهان بہ ائين ئي ڪريو ها تہ اعتماد بحال ٿي رهي ها... دوستيءَ جا بہ ڪي اصول ٿيندا آهن. ”منوهر جي هن قسم جي ڳالهين ٻڌڻ بعد چارو کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ ڇا چوي, هوءَ منجهي پئي هئي, بهانو ڪندي وراڻيائين, ”توهان ترسو... مان پاڻي پي موٽي ٿي اچان.“ پوءِ هوءِ بيڊ روم ۾ هلي آئي ۽ فرج مان بوتل ڪڍي بہ ڍڪ پيتائين, باقي ٿڌي پاڻيءَ جا منهن تي ڇنڊا هڻڻ لڳي تہ ڪيس مونجهہ گهٽجندي محسوس ٿي... جڏهن واپس ٻاهر آئي تہ منوهر وڃي چڪو هو... هڪدم ڀريل گهر ۾ اڪيلائيءَ جو احساس هن کي ڪاريهر بڻجي ڏنگڻ لڳو, تڏهن پنهنجي گهر جي هرهڪ شئي کان ڪيس بيزاري ٿيڻ لڳي اج هن پنهنجو پاڻ کي اڪيلائيءَ جي گهاٽي ۾ ڀيڙهبي محسوس ڪيو هو هن کي اها ويل ياد اچڻ لڳي هئي جڏهن هن گهر مان هن جو پيءُ ۽ ڀيا ڪيترائي مٽ مائٽ ڪيس وٺڻ لاءِ آيا هئا تہ هن وڏي اعتماد سان جواب ڏنو هو ”مان ڪنهن ٻئي جي رحم ڪرم ۽ اشارن تي نچڻ واري ناهيان... مون کي پنهنجي ڪم ۽ صلاحيتن تي مڪمل ڀروسو آهي... هونئن بہ مان هن گهر ۾ محفوظ آهيان.“

ان وقت چارو جي اهڙي جواب سڀني کي حيران ڪري وڌو هو پر اج خبر ناهي تہ منوهر جي ماءُ منوهر بابت هن سان الائي تہ ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون هيون, جو هاڻ هن جي در تي اچي دوستيءَ جي تقاضا ڪرڻ لڳو هو پر هن جي اچا بہ اها ساڳي سوچ هئي تہ مان پاڻ بابت ٻئي کي ايترو حق ڇا جي ڪري ڏيان, جو ان جي رحم تي رهان ۽ سندس همدرديءَ جي محتاج رهان, جڏهن تہ هن جو خيال هو تہ منجهس فيصلو ڪرڻ سان گڏ همٿ ۽ بهادري بہ اچا قائم هئي.... هوءَ پاڻ کي هڪ اها ايماندار ڊاڪٽر تصور ڪندي هئي, جنهن وٽ هرڪو مريض پنهنجي پنهنجي مرض سان اچي نڪرندو هو ۽ هن جي ئي ڏنل دوا سان صحتياب ٿي, سندس اڳي کان بہ وڌيڪ عزت ڪندي روانو ٿيندو هيو جي نہ تہ هيءُ بہ عام گهريلو عورتن جيان ئي هجي ها, پر هيءُ هڪ غير معمولي عورت هئي, جنهن سان منوهر دوستيءَ جي ڳالهہ ڪندي ويجهي ٿيڻ جو اشارو بہ ڏنو هو.

چارو جڏهن پرڻجي آئي هئي تہ هن محل جيڏي گهر ۾ هوءَ عام عورت جي حيثيت سان ئي داخل ٿي هئي, تڏهن هر ڪنهن ائين ئي سوچيو تہ ان محل جيڏي گهر ۾ هاڻ ٻار پيدا ٿيندا ۽ ان گهر جو ماحول ٻين گهرن جهڙو ٿي پوندو, پر چارو جي قسمت ۾ ڪجهہ ٻيو لکيل هو هن جو مڙس ۽ سهرو گڏجي ڪاروبار هلائيندا هئا, جنهن ۾ نقصان پوڻ سان ڪيترين ئي مصيبتن اچي منهن ڪڍيو جڏهن قرض گهٽو وڌي ويو تہ چارو سندن مدد خاطر گهر ۾ ڪلينڪ کولي پر ان جو مڙس اپي همٿ هاري شراب جي نشي ۾ گم ٿي ويو ۽ پوءِ غير عورتن جي صحبت ڪيس تباهہ ڪري وڌو... هن جو سهرو سمورو ڏينهن

ڪارخانن تي ۽ رات جو وري جُوا جي اڏي تي ڪمائي لٽائڻ لڳو.. پر چارو ڪڏهن بہ همٿ نہ هاري ۽ پنهنجي ڏنڌي ۾ جنبي رهي.

اڄ چارو موچاري موڊ ۾ ويٺي هئي، مريض اڃا ڪونہ پهتا هئا، صرف آشيش پنهنجي چاچي سان اچي نڪتو هو جنهن ڪيس خبر ڏني هئي تہ هنن جي وڃڻ ۾ باقي بہ ڏينهن وڃي رهيا آهن. آشيش پوري طرح سان صحتياب ڪونہ ٿيو هو پوءِ بہ چارو تپاس ڪان پوءِ سندس چاچي کي چيو: ”هاڻ گهڻو بهتر آهي... پريشان نہ رهو.“

”ڊاڪٽر صاحب! جي ڪا دوا آهي تہ ڏئي ڇڏيو جيئن ڪنگهہ بخار ۽ زڪام تي قابو رهي... اسان جي خواهش آهي تہ هي صحيح سلامت ۽ صحتمند پنهنجي گهر پهچي.“

”مان سمجهان ٿي تہ هيءَ اوسيتائين ٺيڪ رهندو... جڏهن آيو هو تہ چيڙاڪ هوندو هو پر هاڻ بلڪل بدليل آهي.“ چارو پيار سان آشيش جي گلابي ڳل تي ٿڦڪي هڻندي چيو.

”هي سڀ اوهان جي ڪري آهي.“ آشيش جي چاچي احسانمنديءَ سان وراڻي ڏيندي فيس ڏيڻ لڳي هئي.

”نہ... نہ... مون تہ هن کي ڏنو ئي ناهي... پوءِ فيس ڇا جي؟!“

”ڪالهہ تائين هي مريض هو پر اڄ صحتياب آهي.“

چارو پوءِ ڪيترو وقت مريضن کي ڏسندي رهي، جڏهن فارغ ٿي تہ ڪتاب کڻي پڙهڻ شروع ڪيائين، پر ان ۾ دل نہ لڳس. نيٺ ڪلينڪ بند ڪري مٿي هلي آئي، تہ فون جي گهنٽي وڄڻ شروع ڪيو.

”مان!... مان منوهر ٿو ڳالهايان... تنهن ڏينهن اوهان ڪان موڪلائڻ بنا هليو آيو هُيس. سو پڪ اٿم تہ توهان ناراض هوندؤ...“

”نہ... انهيءَ ۾ ناراضگي ڇا جي... هوندئن اهو ٻڌايو تہ فلائيٽ ڪڏهن اٿوَ“

”هتان سياڻي شام جو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو وري...“ منوهر ڳالهہ بدلائيندي. ”اوهان کي هڪ ڳالهہ ٻڌايان ٿو تہ اسان ٻنهي ڪڏهن بہ هڪٻئي کي نالي سان ناهي سڏيو رڳو توهان توهان سان سلسلو هلندو رهيو آهي.“ چارو کو بہ جواب نہ ڏنو تہ منوهر وري ڳالهايو. ”مهينو گذري ويو خبر ئي ڪانہ رهي... هاڻي سوچي رهيو آهيان تہ وقت ڪيئن گذرندو.“

”ائين ٿيندو آهي... جڏهن شيون پنهنجي معمول تي اچي وينديون آهن تہ سڀ ڪجهہ اڳ جهڙو لڳندو آهي.“ چارو جي جواب تي منوهر جي همٿ وڌي.

”اهو تہ ٺيڪ آهي پر هن طرح سان وقت گذارڻ جو احساس...!!“

”ڪهڙي طرح سان.“ چارو هن جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي وراڻيو.

”مطلب تہ ائين فون تي الوداع چوڻ...“ منوهر جي ڳالهہ تي چارو جون اکيون پرجي آيون ۽ آواز لرزڻ لڳس هن پاڻ تي قابو رکندي چيو: ”اوهان هت موڪلون گذارڻ آيا آهيو يا...“

”اسان جهڙن ماڻهن جو سفر ائين هوندو آهي، پنهنجي ئي گهر ڏي واپسي... اها به واپسيءَ جي ٽڪيٽ سان.“

چارو رسيور ڪن تان لاهي، هٿ ۾ جهليو مٿيون چپ پڪوڙي ڇڏيائين. هوءَ پاڻ کي دٻاءُ جي شدت ۾ لڙهندي محسوس ڪرڻ لڳي، پر عمر ۽ سماجي رتبي جو خيال کيس ستائڻ لڳو.

”اوهان چُپ ڇو آهيو؟“

”نه اهڙي ڪا ڳالهه نه آهي... دراصل مون فون تي ڪڏهن ڪنهن کي الوداع ناهي ڪيو سوچي رهي آهيان ته ائين ڪيئن ممڪن آ....“

”انهيءَ ۾ سوچڻ وري ڇا جو....“ منوهر چڙ اهڙي ئي جواب جي انتظار ۾ هو هن پنهنجي ڳالهه کي اڳتي وڌايو.

”ٻاهر جو ماحول ڏاڍو حسين آهي... ۽ برسات به بند آهي... هتان ڪان توهان جي گهر تائين ستن منٽن جو مفاصلو آهي... مان اوهان جي در جي گيٽ تي اوهان جو انتظار ڪريان ٿو جي ممڪن آهي ته نڪري اچو....“

چارو تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي وئي، ڪي پل هوءَ سوچ جي ساگر ۾ غرق رهي ۽ پوءِ کيس محسوس ٿيو ته چڙ مڻ بارن جا دل تان لهي ويا هنجس ۽ صدين جا فاصلا سڀ رڪاوٽون ۽ وسوسا ٽوڙي مٽجي چڪا هجن... پوءِ ايندڙ لمحن جو انتظار ڪندي، هن منوهر کي فقط ايترو جواب ڏنو: ”ها!“

# نجيب فاضل

(1940ع - 1983ع)



ترڪي جي ترقي پسند اديبن، شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن مان نجيب فاضل به هڪ آهي. سندس جنم 1904ع استنبول شهر ۾ ٿيو. هن جو والد عبدالباقي فاضل بيگ هڪ لکيو پڙهيو انسان هو جنهن نجيب جي تعليم تي ننڍپڻ کان خاص ڌيان ڏنو. نجيب پرائمري، هاءِ اسڪول تعليم استنبول مان پرائي. فنون ڪريه اسڪول اينڊ ڪاليج مان فارغ التحصيل ٿي پهريان استنبول يونيورسٽي جي ادبيات فيڪلٽي جي فلسفي واري شعبي ۾ گهڙيو. جتان وڌيڪ تعليم لاءِ فرانس هليو ويو پوءِ سڀ سلسلا اڌ ۾ ڇڏي هو واپس ترڪي موٽي آيو جتي مختلف بينڪن ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو. پوءِ فنون لطيفه اڪيڊمي جي سرڪاري مڪتب موسيقي ۾ زبان ۽ ادب جو استاد بڻيو پر هتي پنهنجي آزاد منش مزاج ڪارڻ گهڻو وقت رهي نه سگهيو ۽ نوڪري ڇڏي صحافت جي ميدان ۾ لٿو. پهريان اخبار وٿ (آغاچ) پوءِ عظيم شوق (بيوڪ دوغو) جي نالن سان ادبي رسالا جاري ڪيائين.

ادب جي دنيا ۾ نجيب فاضل تخليق جي ڪيترن ئي شعبن ۾ هڪ ڪهاڻيڪار، شاعر، ليکڪ طور تي پنهنجي صلاحيتن جا جوهر ميرايا آهن. هن لکڻ جي شروعات سن 1922ع ۾ شعر و شاعري سان ڪئي. پهريون شعري مجموعو "مڪر جو ڄار" (اوور ميجڪ آغي) ٻيو 1928ع ۾ "فٽ پيري" (قالدريملز)، ٽيون 1932ع ۾ "مون کان اڳيان" (بڻيو بن واروئي سي)، چوٿون 1955ع ۾ ڪاروان ازل (صونسو زلوڪو)، پنجون ۽ آخري "چلا" جي نالي سان 1955ع ۾ شايع ٿي چڪا آهن. جڏهن ته ڪهاڻي ڪتابن ۾ "ماڻهو جي تخليق" (بر آدم بارا ثمق) 1938ع ۾، (ڪنيت)، 1940ع ۾، "صبر جو پٿر" (صبر طاشي) 1940ع ۾، رئيس بيگ 1964ع ۾، ڪجھ افسانا ڪجھ ڪردار "برقاچ حڪايه برڪاچ تحليل" 1965ع ۾ ۽ روحي ناراضگيون (روح پور ڪونتو پري) 1966ع ۾ ادب جي افق تي ميتا ماڻي چڪا آهن ۽ نثري تحريرن جو مجموعو "خاقان معظم عبدالمجيد خان ثاني"، "رولو خان اڪنجي عبدالمجيد خان" ترڪي ادب ۾ شاهڪار جو درجو ٿا رکن.

نجيب فاضل بنيادي طور تي پنهنجي آزاد خيالي، لا ابالي ۽ عيش و عشرت واري زندگي گذارڻ ڪري گهڻو تڻو متنازعه رهيو آهي، پر عمر جي پوئين حصي ۾ اسلام جي فڪري ۽ آفاقي تعليم جي اثر ۾ رنگجي هڪ نئين راه تي گامزن ٿيو. جيئن هو چوي ٿو: "جتي مذهب ناهي اتي ڪجھ به ناهي. اسان مان هر ماڻهو قدرت جي اسرارن سان اک ٻوٽ ڪندي فقط انهيءَ جي حمد و ثنا جي خاطر هن دنيا ۾ اچي

ٿو.“ پنهنجي اهڙن فڪر انگيز خيالن ڪري ڏسندي ئي هو ترڪي جي نئين نسل جو مهندار بڻجي ويو. هن عظيم شاعر، ڪهاڻيڪار، تمثيل نگار، صحافي، موسيقي جي ڄاڻوءَ ۽ نقاد هڪ شاندار ۽ ڀرپور عمر گذارڻ بعد سن 1983ع ۾ هن فاني دنيا کي الوداع ڪيو. سندس تخليقون دنيا جي ڪيترن ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪيون آهن. هن جي هڪ شاندار ۽ شاهڪار ڪهاڻي ”بيمار جواري جو موت“ جو ترجمو هتي پيش خدمت آهي. جنهن ۾ هن هڪ فرد جي تنهائي، بي وسي ۽ روحاني ڪشمڪش جي اونهي تصوير چٽي آهي.

نجيب فاضل] [ترڪي ڪهاڻي

# بيمار جواري جو موت!

گهٽيءَ ۾ ٻاهر گرم سنگ جي هر هر تيز واڪي واري هوڪي تي بيمار جواري جي ساڻي وجود ۾ لرزش اڀري آئي، هُن دل جي خواهش هٿان مجبور ٿي سنگ خريد ڪرڻ لاءِ اٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر گهٽن ڏينهن کان هڪ هنڌ پوڻ ڪري پاڻ ۾ ست نه ساري سگهيو ۽ اتي ئي آهلجي پئجي رهيو ائين سنگ کائڻ جي خواهش دل ئي دل ۾ رهجي ويس جنهن کي ڏني هاڻ مهينو لنگهي ويو هيس. هُو هن وقت هينگري عورت جي ڪشادي گهر جي هڪ اونداهي ڪوٺي ۾ ڪرائي تي رهندڙ هيو جيڪا کيس گهڻو ٽٽو ناپسند ڪندي هئي ۽ هن وقت هوءَ ٽيبل مٿان وڇايل ميز پوش تي تاس جا ڪنڊريل پتا هٿ ۾ جهليو نيم غنودگي واري حالت ۾ ائين ويٺي هئي جيئن ڪو ماهر پير تسبي داڻا هٿ ۾ ڪنيو اکيون ٻوٽي فال ڪڍڻ ۾ گم نظر ايندو آهي.

”اچي ويو... هاڻ اچي ويو. گرم گرم مڪيءَ جي سنگن وارو....“

ٻاهر هوڪي جو آواز وري گونجي اٿيو ته هن ڀيري بيمار جواري پنهنجي هيٺي وجود سان ڀيهر اٿڻ جي ڪوشس ڪئي پر ناڪامي سبب ڦهه ڪري هيٺ ڪري پيو ۽ ڪيترو ئي وقت ان حالت ۾ پيو رهيو.... پوءِ معمول مطابق هن جي ڪمري جي صفائي ڪرڻ لاءِ گهر مالڪڻ هينگري عورت پنهنجي ڦاٽل ڪپڙن جي کيسي مان چاٻي ڪڍي سندس ڪمري جو در کولڻ لاءِ گهمائي ته چاٻي اٽڪي بيهي رهي... هن ٻه ٽي ڀيرا ڪوشش ڪئي پر لڱس ته دروازو نه صرف بند هيو. ان جي اندران ڪنڊي ٻه چڙهيل هئي. تڏهن هن اچرج ۽ پريشانيءَ مان ٺڪيو.

”ھي ڇا؟!!!...“ بيمار جواري اندر آھي. ھن پنھنجو پاڻ سان ڳالھائيندي وري ڇيو.

”ھونھہ!! اھا تہ وڏي ڳالھہ ڇئبي... نہ... نہ ائين نہ ھوندو. ھُو ھن ويل ڪمري ۾ ناھي ھوندو پر ھا! ھو تہ گھڻو بيمار ھيو ۽ ٻن ٽن ڏينھن کان ٻاھر بہ ناھي ويو.“ وري ھڪ ٻرو خيال ھن جي ذھن ۾ اڀري آيو.

”تہ ڇا ھُو مري ويو؟!!“... ۽ پوءِ پاڻ کي تسلي ڏيڻ لاءِ ھوءَ سندس در تي ٺڪ... ٺڪ... ڪري زور سان دروازو کڙڪائڻ لڳي... پر ڪيس اندران ڪابہ موٽ نہ ٿي مليس تڏھن ھوءَ وڏي ڪن دروازي سان لڳائي ڪجھہ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

”خر... خر... خ....“ ڪمري اندران تيز پوڏياريندڙ آوازن جي پڙلاءُ تي ھوءَ ڇرڪي پوي ٿي، ان ڪري جو اھي آواز ڪنھن بہ حالت ۾ انسان جي آوازن يا ڪونگھرن سان ملندڙ نہ ھئا... ھن جو وجود سن ٿي ويجي ٿو ۽ ساھہ نڙي ۾ گرھہ جيان اٽڪي بيھي رھي ٿو.... جڏھن سامت ۾ اچي ٿي تہ تيز قدم پرينديويراندو اڪري مٿين ڏاڪي تان ئي گھبراھٽ ۾ زور سان ھيٺ ڪنڌ ڪري آواز ڏيڻ شروع ٿي ڪري...

”درموش!... درموش صاحب!“

”جي بيگم صاحبہ...! جي... جي خير تہ آھي نہ؟“

”ڪجھہ بہ نيڪ ناھي... توھان جود ۾ مٿي اچي وڃو.“

”آيُس... آيُس... اچھو.“ جُون رڙين سان رڙ ملائيندي درموش بہ اڪ ڇنپ ۾ مٿي وڃي پھتو. ھينگري عورت ھڪ ئي ساھہ ۾ سموري وارتا درموش کي ٻڌائي. ھن بہ پھريون ڪن دروازي سان لڳائي ڪجھہ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ مُنھن ۾ گنجھہ وجھندي وراڻيائين.

”برابر! آواز تہ اچي پيو... پر ڇا جو آھي اھو سمجھہ ۾ نٿو اچي....“ انھيءَ وقت ويراندي ۾ لڳل گھڙيال ٽن ٽن ڪندي يارھين جو گھنڊ وڄايو.

”اندر ڇا ماجرا آھي انھيءَ جي پروڙ ھڪ بيمار جواري کي تہ ھيو رب کي....“ ائين چئي ھينگري عورت ماٺ ۾ اچي وئي ۽ پوءِ ھڪدم رڙ ڪندي ڄڻ تہ ڳوٽ پڇي وڏي ھئائين.

”ريڊيو...! ھا ھا اھو ريڊئي وڄڻ جو آواز آھي.“ ائين ھنن ٻنھي آڏو اھا ڳالھہ ھاڻ پڌري ٿي پئي تہ اندر بيمار جواري جي رکيل ريڊيو جو آواز آھي جنھن کي ھو پاڻ چالو ڪري سمھي رھيو آھي... پر شڪ جي ڳالھہ ھي ھئي تہ آخر ايتري شور تي ھُو ڪيئن بي خبر ٿي سمھي سگھي ٿو سو ڪٿي نہ ڪٿي ڪجھہ گڙ ٻڙ ضرور آھي... انھيءَ شڪ کي دُور ڪرڻ لاءِ ٻنھي گڏجي ٽيلھا ھڻي نيٺ دروازي کي کولي وڌو... اندر داخل ٿيندي ئي درموش ڪنھن ھوشيار پوليس واري وانگي شين جو جائزو وٺڻ لڳو.

”درموش صاحب! ريڊيو کي ائين ئي ھلڻ ڏيو.“

”ڇا؟!... مطلب ڇا آھي اوھان جو بيگم صاحبہ.“

درموش ھن اوچتي سوال کي نہ سمجھندي پنھنجي مٿي جي گنج کنڻ لڳو.

”مطلب اھو تہ اوھين پوليس کي وٺي اچو.... تيسين آءٌ ھتي ئي ترسان ٿي.“

”پر هي بہ ممڪن آهي تہ هو بيمار ۽ ڪمزور هئڻ ڪري بيهوش پيل هجي.“ ۽ پوءِ هُو ٻئي بيمار جواري جو جائزو وٺڻ لاءِ هن طرف وڌڻ لڳا.

منهن تائين ڪمبل ۾ ويڙهيل بيمار جواري جو وجود برف جي ٽڪري جيان سرد لڳو پيو هو ۽ هڪ هٿ گرم ڪمبل کان ٻاهر نڪتل هيس جنهن جي ٻن آڱرين ۾ وساميل سگريٽ ڦاٿل هئو.. پٽ تي پيل سگريٽ جي ڦلوڪڙن ۽ ڪاراٽيل مٽيون حصو آڱرن جو اهو صاف ٻڌائي رهيو هو تہ هن جي ڪل تائين اچڻ کان اڳ سگريٽ ڌُکي، وسامي ويو هو... هينگري عورت ريڊيو بند ڪيو تہ ٽڙيل پکڙيل ڪمري اندر هڪدم ائين ماٺ ڇانئجي وئي جيئن ڪنهن طوفان بعد سڪون ڇانئجي ويندو آهي... درموش ڪمبل کي کولي ڏاهي پوري ريت بيمار جواري مٿان وڌو جنهن جون ٻئي اکيون پٽ تي پيل پنهنجن جوتن ۾ کُتل هيون ۽ وجود پٿر جيان هڪ هنڌ ڄميو پيو هو.

”او منهنجا الله؟ هي ڇا؟؟!... هي تہ مري ويو آ!“ هينگري عورت جون اکيون ڏڪاري لهجي ڪارڻ ڦرجي آيون. ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ٻرندڙ ميڻ بتي بہ پوين پساهن ۾ هئي جيڪا رات ڏينهن روشن هوندي هئي جو بيمار جواري وقت تي مسواڙ ادا نہ ڪرڻ ڪري مالڪڻ هن جي بجلي ڪاٽا ڪئي هئي.

انهيءَ وچ ۾ درموش جي اطلاع ڪرڻ تي پوليس جا ڪجهہ ڦڙتيلا ڪارندا بہ اچي پهتا هئا، جن اچڻ سان پنهنجي ڪارروائي شروع ڪئي. هڪ ڄڻي جي هٿ ۾ نوٽ بُڪ جهليل هيو جيڪو پنهنجي سينيئر کان پڇي رهيو هو.

”سر! ڪهڙا ڪهڙا قانوني قلم لکبا؟!“

”لک... لک تہ ڊاڪٽرن جي رپورٽ مطابق هن مرندڙ کي دل جو دورو پيو.... باقي هن جي موجوده سامان جي تفصيل ڏار سان لکبي.“

”جي... جيڪو حڪم.“

”لک... لک اهو بہ تہ موقعي جي عيني شاهدن مطابق جن مان هڪ مالڪ مڪان آهي. هي مرندڙ شخص انهيءَ جي ڪشادي گهر جي هڪ ڪمري ۾ مستقل طور جو مسواڙي هو ۽ اهو ئي هن جو گهر ٻٽيو ۽ هوءَ بيمار جواري جي نانءُ سان سڃاتو ويندو هو ۽ هاڻ ان جو لاش اسان جي علائقي ۾ موجود آهي.“

”جي... جي... درست سر.“ هڪ ٻيو سپاهي پاڻ سان آندل ٽائيپ رائيٽر ٽپ ٽڪ ڪندي تفصيل ٽائيپ ڪندو ٿي ويو.

”تون لکين بہ پيو يا جي... جي ٿو ڪري خالي.“

سينيئر عملدار ڪڙڪ آواز ۾ جونيئر سپاهي کي تڙي ڇاڙهي تہ هُو ڏڪي ويو.

”هائو سر... برابر نوٽ پيو ڪريان.“

”ٺيڪ آهي... لڪ اڳتي تہ شناختي ڪارڊ جي علاوه ملندڙ شين ۾ مرحوم جو هڪ نوٽ بڪ بہ شامل آهي جنهن ۾ ڪيترائي قابل توجهہ جملا لکيل آهن ۽ پوليس تحقيق جي لاءِ وڏي معنيٰ رکندڙ غور طلب پڻ آهن.

”سر! ڪهڙيون سٽون ۽ جملا آهن؟!“

”سڀ ماڻهو اهو سمجهن ٿا تہ آءٌ جوا پنهنجي من کي راحت پهچائڻ لاءِ کيڏندو آهيان... ايترو وسيع علم جيڪو ڪنهن وقت ۾ مون لاءِ سڀ ڪجهہ هوندو هو سو هاڻ جوا ڇي هير ڪري ڇڏي ڏنو اٿم... پر حقيقت هيءَ آهي تہ مان اهو سوچي جوا پيو کيڏان جو منهنجي دل ۽ دماغ تي جڏهن علم آشڪار ٿيو تہ روح زخمي ٿي پيو ۽ دماغ جون رڳون ڦاٽڻ لڳيون تڏهن مون پنهنجي نجات جوا ۾ اچي ڳولهي لڌي ۽ هاڻ جنهن ڏينهن بہ جوا نہ کيڏندس تہ مان ان ڏينهن مري ويندس... خدا تعاليٰ جي هن امتحان ۾ هر پيري هارائڻ بعد مون کي هي جان قربان ڪرڻ کان ڪوبہ روڪي نہ سگهندو... منهنجي اهڙي حالت کي هينگري عورت وانگي جي ڪو سمجهي ۽ رڳ ۾ مون کي سوئي هڻي تہ مون مٿان ان جو اهو احسان قيامت تائين رهندو.“

سينئر آفيسر آخري لفظ لکرائيندي ٺيڏي اک سان هينگري عورت کي تڪڻ لڳي ٿو ۽ ان جي خوف واري حالت ڏسي ڪيس وري چوي ٿو.

”توکي پريشان ٿيڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي... بس! تون سرڪاري وڪيل معرفت پنهنجو بيان لکرائي پوءِ پوسٽ مارٽم ٽيم کي هن ڳالهہ جو ثبوت پيش ڪجانءِ تہ بيمار جواري تنهنجي انجيڪشن سان نہ پر دل جي دوري پوڻ ڪري مئو آهي... باقي ڪم ڊاڪٽر جو آهي.“

آفيسر جي اهڙي منجهائيندڙ ڳالهہ تي هينگري عورت ٻئي هٿ منهن ۾ ڏئي پنهنجا ڳوڙها ڳاڙيندي پوءِ رڙندي چوڻ لڳي ٿي.

”نہ نہ... اهو بهتان آهي... مان!... پلا مان! هن کي ڇو ماريندس!... بڪواس آهي سڀ بڪواس....“ پوءِ جوش ۾ اچي هوءَ هٿ وڌائي ٽيبل تي ڪنڊريل تاس جي پتن مان هينگري جي موجوده بادشاهہ جي تصوير وارو پتو هٿ ۾ جهلي، پوليس آڏو پاڳلن جيان وڏي واڪي رڙندي چوي ٿي.

”هن ماريو اٿس...! ها ها هيو ڪنهن بہ ڪونہ ماريو آهي بيمار جواري کي گذريل رات ڪوٺي ۾ گهڙي هن ئي ماريو اٿس....“

هڪدم ٽائيپ تي ٽڪ ٽڪ ڪندڙ سپاهي جا هٿ رڪجي وڃن ٿا. درموش جون اکيون حيرت وچان کلي وڃن ٿيون، پوليس عملدار هڪا بڪا ٿي بيهن ٿا ۽ سينئر آفيسر اڳتي وڏي رازداري ۾ چوي ٿو.

”اسان جي بہ ڪو بيوقوفي کي ڏسي... قاتل کي الائي ڪٿي پيا سوچيون ۽ هُو گهر ۾ ئي آهي.“

# نجيب محفوظ

(1911ع)



مصر جي تاريخي شهر قاهره جي قديم علائقي جماليہ ۾ 11 ڊسمبر 1911ع تي پروفيسر نقيب پاشا محفوظ جي ستين ٻار طور جنم وٺندڙ جديد عربي ليکڪ نجيب محفوظ جو شمار عالمي ادب جي ناول نگارن ۽ ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو پر بنيادي طور تي هن جي سڃاڻپ جو حوالو ناول نگاري آهي. 43 ناول ۽ 350 کان مٿي ڪهاڻيون لکندڙ هن ليکڪ جي 15 ناولن تي شاهڪار فلمون پڻ ٺاهيون ويون آهن. جڏهن تہ لاتعداد اسڪرپٽ، مضمون تجزيہ ۽ ڪالم لکڻ سان گڏ هُو ڪيرو (قاهره) يونيورسٽي جي مذهبي، ثقافتي وزارت ۾ انتظامي ۽ ٻين اهم عهدن تي بہ پنهنجيون خدمتون انجام ڏيندو رهيو آهي. هن جون ڪهاڻيون هندي، بنگالي، اردو، سنڌي، مرائي، گجراتي، پنجابي، فرانسيسي ۽ انگريزي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪيون آهن.

عرب معاشري جي وچولي طبقي سان واسطو رکندڙ نجيب محفوظ پنهنجي سموري حياتي سوچن ۽ خيالن آڏار تي هڪ آزاد، خوش مزاج طبيعت رکندڙ ۽ معاشري جي روايتن تي سوچيندي گذاري ۽ انهي سوچن کي تخليقي ڪردارن ۾ چٽيو آهي، تڏهن ئي تہ هن جي ڪردارن ۾ عرب معاشري جي زندگيءَ جي ڀرپور عڪاسي ملي ٿي. هن کي ڪيترن ئي ڪتابن تي ميڊل پرائيز، بوڪر پرائيز سان گڏ جڏهن آڪٽوبر 1988ع ۾ سوئيڊش اڪيڊمي آف ليٽرس پاران سندس ناول "Adrift on the nile" تي ادب جو نوبل پرائيز ڏنو ويو تہ ڪيس يقين ئي نہ ٿي آيو. نجيب محفوظ جي ڪجھ مشهور ٻين ڪتابن ۾ جبلاوي جا ٻار (Children of Gablave)، برسات ۾ پيار (Love in Rain) مشتاق علي (Mushtaq Ali) چور ۽ ڪتو (Dog and thief) وغيره اهم آهن.

[مصري ڪهاڻي نجيب محفوظ]

# جواب ”نه“ ۾ آهي

نئين هيڊ ماستر صاحب جي آمد جي خبر سڄي اسڪول ۾ جهنگ جي باهه جيان پکڙجي وئي هئي. هن به اها خبر اسٽاف روم ۾ ويٺي اڄوڪي ڏينهن واري پڙهائيندڙ سبق تي آخري نظر وجهندي ٻڌي ته هن جي وجود کي ايندڙ وقت واري پريشاني وڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙي وئي هوءَ سوچڻ لڳي.

”ڇا ٻين وانگي مون کي به نئين هيڊ ماستر سان هٿ ملائي کيس مبارڪباد ڏيڻي پوندي؟“ هوءَ ان لاءِ تيار نه هئي جو اها ڳالهه هن جي مزاجي ابتڙ هئي پر اهو سڀ ڪرڻ هن جي مجبوري هئي. “ چون پيا ته هو ڏاڍو سخت ۽ قابل ماڻهو آهي ۽ هن جا حڪم اٽل هوندا آهن.“ هڪ دوست ماسترياڻيءَ کيس ٻڌايو ته هن جي وڏين ڪارين اکين ۾ حيرانگي پرجي آئي. سندس منهن جو پنو لهي ويو آخر هن نئين هيڊ ماستر جي آمد جي باري ۾ جيڪو ڪجهه به سوچيو هيو پاڻ کي ان لاءِ ذهني طور تيار ڪرڻ لڳي.

جڏهن نئين هيڊ ماستر صاحب جي اچڻ وارو ڏينهن آيو تڏهن اسڪول جا سمورا ماستر ۽ ماسترياڻيون پُروقار ويس وڳا پهري آيا پوءِ جڏهن هو آيو ته سڀ جا سڀ ماستر سندس استقبال لاءِ خود اسڪولي شاگرد ٻڌجي هڪ قطار تي بيٺا ۽ هڪ هڪ تي هن جي آفيس ۾ گهڙندا ويا، هرڪو رسمي جملن سان نئين آيل هيڊ ماستر کي ڀيڪارڻ لڳو.

شاندار آفيس جي اندر وڏي ميز جي پنيان نئون هيڊ ماستر وچولي قد ڪاٺ وارو هڪ خوبصورت انسان هيو هن جو منهن گول ڍڳهو ۽ اکين جا پرون گهاٽا هئا، سندس چهري تي سڀ کان پُر اثر نظر ايندڙ شئي هن جون گهاٽيون ۽ وڏيون مُڇون هيون جنهن سان هن جو چهرو حشمت ڀريل نظر ٿي آيو جڏهن هوءَ ساڻس ملڻ لاءِ اڳتي وڌي ته هن پنهنجيون نظرون هن جي چهري بدران سندس ويڪري سيني تي ڄمائي ڇڏيون هو نهايت ئي خوش نظر ٿي آيو هن وڏي اتساهه مان پنهنجو هٿ هن جي هٿ طرف وڌايو سندس سخت هٿ ۾ نرم هٿ ايندي هيءَ گُل جيان ڪومائجي وئي.

”مهرباني!“ هيڊ ماستر پنهنجاپ وچان چيس، پر هيءَ خاموش رهي، ۽ ادب سان پنتي مڙندي آفيس کان ٻاهر نڪري آئي.

اڄ هن جي حالت معمول کان هٽيل هئي، هوءَ پنهنجيون سموريون ذميواريون وساري ويٺي، ڪلاس ۾ هن جي اهڙي حالت ڏسي شاگرد ياڻيون هڪٻئي سان سُس پُس ڪرڻ لڳيون. جڏهن موڪل جو گهنڊ وڳو ته هوءَ روڊ تي ٿڪل قدمن سان هلندي گهر طرف وڃڻ لڳي. هن جو گهر انهيءَ روڊ جي آخري ڇيڙي تي هيو هوءَ جنهن وقت گهر ۾ داخل ٿي ته به هن جي حالت پهرين جهڙي هئي. هٿ منهن ڌوئي ڪپڙا

مٿائي جڏهن ماڻ سان گڏ ماني کائڻ لڳي ته هن جي اکڙيل طبيعت طرف گهوريندي ماڻس فڪرمنديءَ مان پڇيو هو.

”ڏيءُ! سڀ خير آهي نه؟!“

”ها“ هن مختصر جواب ڏيندي وري چيو هو ”هُو وري آيو آهي.“

”ڪير بدران!!؟“ ماڻ پڇڻ لڳس.

”امان! توکي بدران ياد آهي نه...!؟ هاڻي هن کي اسان جي اسڪول جو نئون هيڊ ماستر صاحب مقرر ڪيو ويو آهي.“

”سچ پچ!“ ماڻس به حيرانگيءَ وچان پڇندي پڪ ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ ڪيترائي پل ماحول ۾ مانار ڇانئجي وئي. آخر ماڻ کي ٽوڙيندي ماڻ ڪيس سمجهائڻ واري انداز ۾ هدايت ڪرڻ لڳي.

”ڏس! هاڻي ان ڳالهه جي ڪا به اهميت ناهي ان ڪري جو اها هڪ وسريل ۽ پراڻي ڳالهه بڻجي چڪي آهي.“

منجهند جي مانيءَ کان فارغ ٿي هوءَ ڪجهه شاگرديائڻين جون مشق ڪاپيون ڏسڻ لڳي ۽ پوءِ آرام ڪرڻ خاطر پنهنجي پڙهڻ واري ڪمري ۾ هلي آئي....

”بدران“ کي هوءَ جيتوڻيڪ پوري ريت وساري ويٺي هئي پر اها رڳو هن جي سوچ هئي ان ڪري جو ڪير ڪيتري به ڪوشش ڇو نه ڪري، پر مڪمل طور ڪنهن کي به وساري ويهڻ ناممڪن آهي ۽ ”بدران“ ته وسارڻ جوڳو ئي نه هيو. هُو جڏهن هن کي رياضي پڙهائڻ جي لاءِ پهريون ڀيرو سندس گهر آيو هو ته هيءَ ان وقت چوڏهن ورهين جي هئي ۽ ”بدران“ اٺاويهن ورهين جو سهڻو سيبتو ۽ ناهوڪو جوان هو. هن جي پيءُ جيان پرڪشش وجود رکندڙ هو. پوءِ به الائي ڇو پهرين ڏينهن جي پڙهائيءَ بعد هن ماڻ کي ٻڌايو هو.

”امان! استاد جو حُليو واهيات قسم جو آهي. باقي هن جي سمجهائڻ ۽ پڙهائڻ جو انداز بيحد نرالو... زبردست آهي.“

”اسان کي هن جي لباس سان ڪو به مطلب ناهي... ڏيءُ تو لاءِ هن جو پڙهائڻ اهم آهي، تنهن ڪري پنهنجو ڌيان رڳو پڙهائيءَ تي رک.“

بدران هن جي لاءِ بيحد دلچسپ قسم جو انسان ثابت ٿيو. جنهن جي غير معمولي علم ۽ ڄاڻ کان هي لاڀ پرائڻ لڳي ۽ ائين هن جو وقت سٺو گذرڻ لڳو. هيءُ معصوم ۽ سباجهڙي هئي تنهن ڪري بدران جي روش کي هرگز سمجهي ڪا نه سگهي. جيڪو هاڻ هن سان عجيب حرڪتون ڪندي ويجهو ٿيڻ ٿي لڳو هو. هن بدران کي پنهنجي پيءُ جيان ڪري ڏٺو هيو جو هو عمر ۾ هن جي پيءُ کان ڪي سال ننڍو هيو. هو ۽ پوءِ اهو سڀ ڪجهه ٿي گذريو جيڪو هن جي وهم، گمان ۾ به اڳ ڪڏهن موجود نه هئو. ان ڏينهن هن جا پيءُ ماڻ سندس چاچي جي ڪلينڪ تي ويل هئا ۽ هيءُ ٽيوشن جي ڪري گهر ۾

اڪيلي ترسيل هئي، جڏهن سڀ ڪجهه ٿي گذريو ته هن جي وجود تي دهشت طاري ٿي وئي. خوف وچان سندس ڪمزور جسم ڪنبڻ لڳو هو. هن جي اهڙي حالت کي ڏسي بدران سمجهائڻ لڳوس هيس.

”هن ڳالهه جو ذڪر ڪنهن سان پلجي به نه ڪجانءِ ۽ نه ئي توکي ڊڄڻ جي ضرورت آهي... بس! پنهنجي دل تائين رکجانءِ تون رڳو سمجهه واري ٿي ته پوءِ مان تنهنجي رشتي جي تنهنجي ماءُ پيءُ کان گهر ڪندس.“

بدران پنهنجو پوءِ انجام پاڙيو ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو هوءَ جڏهن جوانيءَ جي سرحد تي پهتي ته بدران ساڻس ڪيل انجام مطابق هن جي ٻانهن گهرڻ لاءِ اچي هن جي پيءُ ماءُ وٽ پهتو پر هاڻي وقت هڪ وڏو ڦيرو کائي چڪو هيو ۽ هن جو بالغ ذهن گذري ويل غلطيءَ کي سمجهڻ سان گڏ ان تي پشيمان به هئو بدران لاءِ هن جي دل ۾ نه محبت رهي هئي ۽ نه وري ڪو عزت ڀريو احساس باقي هئو جي ڪجهه هئو به ته رڳو نفرت ئي نفرت هئي. بدران هن جي خوابن واري هڪ آدرشي ۽ مثالي انسان کان ڪوهين ڏور هو ۽ حالتون به هن جي حق ۾ نه هيون. ڇو ته هن جو پيءُ به سال اڳ فوت ٿي چڪو هو ۽ هن جي ماءُ بدران جي ايڏي وڏي خواهش تي حيران هئي، پوءِ به هن ڳالهه کي ڌيءُ جي زندگيءَ جو معاملو سمجهي ڪيس بي اختيار فيصلي جي اجازت ڏيندي چيو هُيس.

”ڌيا مون کي خبر آهي ته تون پنهنجي زندگيءَ ۾ ذاتي زندگيءَ کي گهڻي ترجيح ڏيندي آهين. ان لاءِ فيصلي ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ جو سمورو اختيار به تنهنجي هٿ آهي.“

هوءَ هڪ اهڙي موڙ تي اچي بيٺي هئي جو هن جو ڪي هڪ غلط فيصلو ڪيس اڻ وٽندڙ عمل ۽ ماحول طرف ڌڪي ٿي سگهيو نيٺ هن فيصلو ڪري ورتو... بدران جي قصي کي هميشه لاءِ جواب ”نه“ ۾ ڏئي، پنهنجي پڙهائي مڪمل ڪرڻ لڳي ۽ ڪجهه نه ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي جستجو ۾ جُنبي وئي هن لاءِ ڪيترن ئي سٺن گهراڻن مان رشتا آيا پر هن هر رشتي کان بي فڪر ٿي پاڻ کي تعليم مڪمل ڪرڻ تائين محدود ڪري ڇڏيو ڪيس زندگيءَ جي اصليت کان ڪوهين ڏور ويندو ڏسي هڪ ڀيري ماءُ هن کي فڪرمندي وچان چئي ڏنو هيس.

”توکي ڪنهن به ڳالهه ۾ ڪائي دلچسپي ناهي رهي...!؟“

”امان مون کي چڱي طرح خبر آهي ته حالات ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن تون ڇا ڪري رهي آهين.“ ڌي جو اهڙو رکو جواب ٻڌي ماڻس جي من ۾ آنڌ مانڌ اچا به وڌ مچي آئي هئي. ”پر وقت هٿن مان نڪتو پيو وڃي.“

”جي وقت نڪري وڃي ٿو ته پلي لنگهي وڃي... مان پنهنجي حال ۾ خوش آهيان.“ ۽ پوءِ ڏينهن مٿان ڏينهن چڙهندا ويا ۽ وقت جا گذرندڙ لمحا ڪليل ڪپڙي جيان ويڙهجي ڪپڙي جو ٿان ٻڌبا ويا. پر هوءَ محبت جي خوف ڪري زندگي هراسجي گذاريندي رهي هن هر ممڪن ڪوشش ڪئي ته هن جي زندگي پر عزم ۽ پر اميد ٿي گذري. جنهن خاطر پاڻ کي اهو به سمجهائڻ لڳي ته خوشي رڳو محبت حاصل ڪرڻ يا ماءُ بڻجي رهڻ جو نالو نه آهي. هن کي پنهنجي ڪيل ڪنهن به فيصلي تي پڇتاءُ نه

هيو ته ايندڙ وقت هن لاءِ ڪيئن ۽ ڪهڙو ثابت ٿيندو انهيءَ کان بي خبر هن جي حياتيءَ جي گاڏي سڌري راهه واري جيون جي پٽڙي تي ائين هلي رهي هئي، جيئن ريل پٽڙيءَ تي هلندي آهي.

هڪ پيرو وري حالتون موسم جيان مٽجي ويون هيون. بدران هڪ پيرو ٻيهر هن جي خاموش گذرندڙ زندگيءَ ۾ ماضيءَ جو پڙاڏو ٿي اپري آيو هو پر هاڻ هو هن جو ٽيوٽر نه پر هيڊ ماسٽر هئو جنهن سان روز ملڻ ۽ ڳالهائڻ هن جي اٽڪر مجبوري بڻجي پئي هئي، اهو ساڳيو بدران هيو جنهن هن جي وجود تي ڪڏهن به نه مٽجندڙ داغ لڳايو هو دفن ٿي ويل ماضي هڪ پيرو وري زنده ٿي پيو هيو. هوءَ ڪنهن ڪم سانگي بدران جي آفيس ۾ گهڙي ته ڪيس اڪيلو ڏسي هُن پڇيو هيس.

"ڪيئن آهين تون؟"

"مان!... مان ٺيڪ آهيان." هن ماٺار واري لهجي ۾ رُکو جواب ڏنو.

"ڇا تون....!؟ بدران گهٻرائيندي پاڻ سنڀالي پوءِ اطمينان مان پڇيو.

"منهنجو مطلب آهي ته تون شادي ڪئي آهي يا اڃا تائين...." موٽ ۾ هن بيزارگيءَ جو اظهار ڪندي چيو هُيس "مون توهان کي چيو ته مان ٺيڪ آهيان." ۽ پوءِ تڪڙي آفيس مان نڪري وئي هئي.

هوءَ نهايت ئي خوبصورت ۽ امير گهراڻي جي ڇوڪري هئي. سندس شرافت ۽ اعليٰ ڪردار جي هاڪ هر جاءِ مشهور هئي، پر هينئر هوءَ جڻ مصيبت جي ڄار ۾ بي وس بڻي ائين ڦاٿل هئي جيئن ڪو چالاڪ پکيءَ چالاڪي ڪندي ماريءَ جي ڄار ۾ ڦاسي پوندو آهي، "بدران" هڪ پيرو ٻيهر پنهنجي لالچي نظرن سان هن طرف وڌڻ لڳو هيو. هيءُ ڪانئس سخت نفرت ڪندي هئي، پوءِ به ڪيس هيءُ خيال ستائي رهيو هو ته هوءَ پنهنجين سمورين صلاحيتن سان "بدران" جي طرف ڇڪبي ٿي وئي آخر "بدران" ڪيس چٽي ڏنو هو "مان توسان محبت ڪريان ٿو توکي ضرور حاصل ڪندس، ها مان پنهنجو ڪيل واعدو نڀائڻ لاءِ آيو آهيان."

هن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ جيتري ڪاوڙ اڄ اچي رهي هئي، ايتري اڳ ڪڏهن به ڪانه آئي هئي، پر هن پاڻ تي قابو رکيو هن جي لاءِ شاديءَ جي قرباني ڏيڻ ڪا وڏي ڳالهه نه هئي، پر ڪيس پنهنجي ذات سان آزاد ٿي رهڻ وڌيڪ عزيز هئو اڪيلائي جيڪڏهن عزت نفس ساڻ هجي ته پوءِ اها اڪيلائي ناهي هوندي. هوءَ ڄاڻي رهي هئي ته بدران کي وڌيڪ محبت هن جي دولت سان آهي، ان ڪري هن گهڻو اڳ هڪ مضبوط ۽ اڏول فيصلو ڪندي جواب "نه" ۾ ڏئي، ماءُ آڏو "نه" جا جيڪي "نوڪوٽ" ڏئي ڇڏيا. ان تي اڄ به قائم بيٺي هئي. تڏهن ئي ته هاڻ به هن جو انڪار ٻڌي بدران ڪاوڙ ۾ انتقام واري لهجي ۾ چٽي ڏنو هيس.

"تون هرگز به انڪار نه ٿي ڪري سگهين. ۽ ها! جيڪڏهن تون پنهنجي هوڏ تان نه لٿينءَ ته ان جا توکي اُگرا نتيجا ڀوڳڻا پوندا."

”ها! مان توسان شادي نہ ڪرڻ جي صورت ۾ هر قسم جي حالتن ڪي مُنهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“ هن پهريون ڀيرو آخري ڀيرو پنهنجي وجود جي سموري سگهہ ڪي گڏ ڪري ”بدران“ کي بدتميزي سان جواب ڏنو ۽ سندس آفيس مان هڪ اڏول ارادي سان ٻاهر نڪري آئي هئي.

# محمد منشا ياد

(1938ع ـ 2011ع)



شيخوپوره ضلعي جي هڪ ننڍي ڳوٺ جي زميندار گهراڻي ۾ 5 سيپٽمبر 1938ع تي اک کوليندڙ محمد منشاياد موجوده دؤر ۾ اردو ادب ۾ ڪهاڻي جو هڪ سگهارو نانءُ ڳڻجي ٿو جنهن جي والدين جي اها دلي خواهش رهي ته هو لکي پڙهي هڪ باڪمال اعليٰ آفيسر بڻجي پر هن جو لاڙو اسڪولي زماني کان ئي ادب طرف رهيو. مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول حافظ آباد مان پاس ڪري، هن سن 1957ع ۾ ڊپلوما سول انجنيئرنگ ۾ 1964ع ۾ فاضل اردو ۾ ايف. اي جا امتحان پرائيويٽ طور ڏئي، 1963ع ۾ بي. اي پنجاب يونيورسٽي ۾ ايم. اي اردو حشمت علي ڪاليج راولپنڊي مان ۾ ايم. اي پنجابي ادب ۾ اورينٽل ڪاليج لاهور مان سن 1973ع ۾ پاس ڪئي. انهيءَ دوران مالي حالات ۽ گهريلو مسئلن جي ڪري هو 1958ع ۾ ٽي پي. ڊبليو. ڊي جي بحاليات ۾ سب انجنيئر سن 1960ع ۾ سي. ڊي. اي ۾ سب انجنيئر، 1973ع ۾ اسسٽنٽ انجنيئر، 1980ع ۾ آفيسر تعلقات عام، 1983ع ۾ آفيسر اعليٰ شڪايات بڻيو ۽ اڳتي هلي ترقي ماڻيندي ڊپٽي ڊائريڪٽر طور تي ڪم ڪيو.

منشاياد پنهنجي ننڍپڻ جي زماني کان ئي لوڪ دستانن، پنجابي روايتي قصن، ڪهاڻين جو پڙهندڙ رهيو. انهيءَ دؤر ۾ هن جون ڪچيون پڪيون لکڻيون شاعري ۽ ڪهاڻيون پندرهن وار رسالي ”هدايت“ ۾ شايع ٿيڻ لڳيون. ائين لکندي هن ادب ۾ پنهنجي هڪ ڌار سڃاڻپ پيدا ڪرڻ سان گڏ اڳتي هلي حلقه ادبي تنظيم ۾ حلقه ارباب ذوق اسلام آباد جو باني ميمبر رهيو. ”بزم ڪتاب“ جو سيڪريٽري بڻيو ۽ عملي طور تي ادب جي ڦهلاءُ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ سان گڏ منفرد موضوعن واريون ڪهاڻيون لکڻ سان گڏ ريڊيو ۽ ٽي. وي لاءِ ڪيترائي ڊراما پڻ لکيائين. ادب ۾ هن جي پهرين ڪهاڻي ”داستان گو“ جي عنوان سان 1959ع ۾ شايع ٿي. منشاياد جي ڪهاڻين جو بنيادي محور شهر جي گوڙ گهمسان ۽ مسئلن سان ٿمثمار زندگي ۽ ڳوٺاڻي حقيقي زندگي جو فطري حسن رهيو آهي. هو انسان جي بنيادي آزادي، ترقي پسندي ڪي پنهنجي ڪهاڻين ۾ پرچارڪ ڪندڙ ڪهاڻيڪار پڻ آهي، جيئن هو چوي ٿو: ”ڪهاڻي دلڪش ۽ فطري اظهار سان گڏ تخليقي ڪاوش ۾ موضوع ۾ اهڙو نئون رخ رکندڙ هجي، جنهن ۾ پڙهڻ واري جو پنهنجو تجربو واردات بڻجي.“ مجموعي حيثيت ۾ فن ۾ زندگي ڪي اڳتي وڌائي اردو جي افسانوي ادب ۾ منشاياد جا 6 ڪهاڻي ڪتاب، ٻه ناولٽ ٻه منتخب افسانوي مجموعن ۽ ريڊيو ٽي. وي ڊرامن تي ٻڌل هڪ مجموعو اهم درجو رکن ٿا، جن مان ”ماس ۽ مٽي“، ”خلا

اندر خلا“، ”وقت سمندر“ ”وگدا پاني“ (پنجابي) ۽ ”درخت آدمي“ اهم آهن. نشاياد کي ادب جي نقادن ڪهاڻي جي شهر جو دروازو سڏيو آهي. هتي هن جي هڪ بهترين چونڊ ڪهاڻيءَ ”تماشو“ ڏجي ٿي.

[اردو ڪهاڻي                                        منشاياد]

# تماشو

هُو ٻئي هاڻ اونداهيءَ جو ڊگهوي سفر طئه ڪري جڏهن درياءَ ڪناري پهتا تہ سج اُڀرڻ تي هو. دريا ڪناري وٽ اڏ ڪاڏل ۽ اڏ مئل مڇين جا ڍير ڏسي ننڍي حيرت گاڏر لهجي ۾ وڏي کان پڇيو.

”هي پڪ سان لڌڙن ۽ بلائن جا ڪرتوت آهن.“ موٽ ۾ وڏي تائيد ڪندي وراڻي ڏنس.

”هائو پٽ! اهي ائين ئي ڪن... پهريون گهرج کان وڌ مڇيون مارين پوءِ وري ڪائڻ مهل پاڻ ۾ ائين وڙهي مرن جو سندن شڪار بہ خراب ٿيو وڃي تہ وري خود بہ رت ۾ ريٽيو وڃن.“

”ابول! هڪ رات ۾ ايتريون ساريون مڇيون ماريون اٿن.... ابا هنن جا هر رات ائين پير رهيا تہ پوءِ دريا تہ مڇين کان خالي ٿي پوندو؟

”هائو پٽ! جي لڌڙن جو تعداد وڌندو رهيو تہ پوءِ ائين ٿيڻ ۾ دير ڪانهي... درياءَ ۾ مڇي نہ رهي تہ پوءِ درياءُ ڪهڙو؟“

هو ٻئي هلندي ٻهي رهن ٿا ۽ دريا ڪناري وٽ ئي سامان رکي دريا پر جي ٻئي پاسي نظر ايندڙ ڳوٺ کي تڪڻ لڳن ٿا جتي هنن کي وڃڻو هيو. اُن ڳوٺ جي مسجد جا بلند مينار پري کان ئي ڪين چٽا نظر ٿا اچن پر اوستائين پهچڻ لئہ ڪين نہ ڪا پل نظر اچي ٿي نہ ئي وري ٻيڙي.. تڏهن ويتر پريشان ٿي نظرون دريا اندر ڪپائي تڪڻ لڳن ٿا جيڪو هر پاسي کان جيترو گهرو ٿي نظر آيو اوترو ئي موڪرو هو. ڪجهہ پل ائين تڪيندي نيٺ وڏي چوڻ شروع ڪيو.

”ڏٺي جو ناڻءُ وني لهي ٿا پئون....“

”بابا! جيڪا تنهنجي مرضي.“

”جي ٻڏي وياسين تہ پوءِ؟!“

”پوءِ وري اهڙي پل نہ ڪبي، پٽ جي حاضر دماغي ۽ معصوميت ڏسي وڏو ڪي پل ٿهڪن ۾ ٻڏي ويو ۽ پٽ جي ڳل تي ٿڦڪي هڻندي چيائين.

”پٽ جهمورا! هاڻ تون گهڻو هوشيار ٿي پيو آهين.“

”تنهنجو چيلو جو ٿيو آهيان.“

”دريا ۾ ضرور لهي پئون ها پر مان هاڻ بہ راتوڪي خواب ڪان ڊنل آهيان.“

”ڪهڙو خواب بابا؟!“ پيءُ جي ڊپ ڪي ڏسي پٽ بہ ڊڄي ويو هو.

”ڏاڍو پوائتنو خواب هو پٽ.“ پڙس ايترو چئي ماٺ ٿي ويو.. ڪيترائي پل جڏهن ائين ماٺ جا لنگهي ويا تہ هو پاڻ سنياليندي وري چوڻ لڳو.

”مان ڏٺم تہ هڪ وڏو ميڙ هيو جنهن وچ ۾ مان ڪاريهر نانگ کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ پايو بيٺو آهيان. ٻار تاڙيون وڄائي رهيا هئا ۽ وڏا خوش ٿي پٽ تي وڇايل چادر تي سڪا اڇلي رهيا هئا. تماشو زورن تي هيو جو اوچتو انهيءَ ڪاريهر پنهنجا زهريلا ڏند ڪنڌ ۾ ڪپائي ڏنگي وڌو جنهن کي مون تو جيان وڏي لاڏ ڪوڏ سان پاليو هيم.“

”پوءِ اڳتي ڇا ٿيو ابا.“

”بس ٻچڙا ڇا ٻڌايانءِ.. منهنجي اکين آڏو اونداهہ ڇائنجڻ لڳو جنهن ۾ ماڻهن جا منهن ائين گم ٿيڻ لڳا، جيئن دونهي ۾ هر شئي گم ٿي ويندي آ سندن آواز ڊهجڻ لڳا هئا.... مان محسوس ڪيو هو موت جي اونداهي کوهہ هيٺ تر ڪندو.. ڪرندو ٿي ويس پوءِ جڏهن پاتال ۾ پاڻ کي ڏٺم تہ باقي بچيل وجود جي سموري طاقت کي سموهي انهي اونداهہ ۾ آوازن جا تير اڇلي مدد لئہ پڪارڻ لڳو هوس.“

”هُل اهڙو خواب.. پوءِ ڇا ٿيو پ ابا!“ سندس پٽ جو وات ڪليل ۽ اکيون خوف مان ٽانڊن جيان ٻاڙهيون ٿي ويون هيون.

”پنهنجي ئي رڙين جي آواز تي ڇرڪ پري جيئن جاڳي اٿي وينس ۽ ڏٺو تہ آسمان تان چنڊ غائب هو.. ڪتا زمين تي روئي رهيا هئا ۽ سموري ماحول ۾ ٽڪل ٽڪل ساٽي تي ويل هوا اداسي سان گهلي رهي هئي... پوءِ جيئن نظر ڦيرائي تہ پر ۾ تون سُتل نظر آئين. تڏ ڪارڻ تنهنجو وجود ائين بيٺو ٿيل هيو، جيئن ڪو درد جي شدت کان ٿي پوندو آهي، تڏهن مون تنهنجي وجود کي چادر سان ائين ڍڪي ورتو جيئن ميدان ۾ تماشي وقت تنهنجي ڪنڌ مٿان ڇري ڦيري ذبح ڪرڻ کان اڳ توکي وري زندهہ ڪرڻ لاءِ چادر اوڍيندو هان.... پر الائي ڇو پهريون ڀيرو تو مٿان چادر اوڍڻ وارو انداز مون کي نحوسيت سان ڀريل لڳو هو جنهن ڪري مان باقي رات سمهي نہ سگهيو هان.“

”واهہ بابا واهہ! تون بہ حضرت آهين.... ڀلا انهيءَ خواب مان تو اهو ڪيئن سوچي ورتو تہ پاڻ کي دريا پار نہ ڪرڻ گهرجي.“

”هائو ابا! اڄوڪو ڏينهن اسان لاءِ سنو نہ آهي، پر تون اهو نہ سمجهي سگهندين.“

ننڍو هينئر پيءَ کان وڌ تازو توانو هو.. تيز وکون پريندو درياءَ ڪناري پر ۾ ننڍڙن دڙن ۽ ٽيلن تي ڊوڙي چڙهي ٿي ويو ائين ڪندي اوچتو هن رڙ ڪئي.

”ابا! مون کي پل نظر آئي آ... شايد گهڻو پري بہ نہ آهي... اُو هُو ڏس“ اشد آڱر سان هٽ ڪٽي وري اشارو ڪرڻ لڳو. پل جو ٻڌي پڙس جي پوڙهي وجود ۾ زندگي جي نئين لهر سمائجي وڃي ٿي. هو بہ تيز

وکون کڻي دڙي وٽ بيٺل پٽ تائين پهچي ٿو ۽ خوش ٿيندي ان طرف نهاريندي چوي ٿو جنهن طرف درياءَ جو وهڪرو تيز ٿي وهيو.

”بروبر پل پري ناهي پر پل تائين پهچڻ جو پنڌ اٽانگو ضرور آهي.

”انهيءَ جو خير آهي ابا... هونئن به پاڻ کي هر حال ۾ هاڻ هن رستي تي هلي درياءَ پار ڪري ڳوٺ ۾ پهچڻو آهي.“

پوءِ ٻئي پنهنجو پنهنجو سامان سنڀالي درياءَ وهڪري سان گڏوگڏ اڳتي وڌندا هلڻ لڳن ٿا. هنن کي سچ ۾ رستو اٽانگو نظر اچي ٿو. وڪ به وڪ تي دڙا، ڪڏ... ننڍڙيون نالِيون ڏار ته وري گهاٽي جهنگ جي وڻن جون ڪنڊن سان ڀريل ٽاريون ۽ پير پٿون ڪرڻ واري ڊٻ ڏار موجود هئي پر هو ٻئي هلندا رهن ٿا جن سان گڏ درياءَ جي ٻئي طر ڳوٺ جي مسجد جا مينار پڻ هلندي نظر ٿا اچن.... صبح کان ٻپهري اچي ٿئي ٿي هنن جو سفر جاري رهي ٿو. هو هاڻ ٿڪجي وڃن ٿا ايترو پنڌ پار ڪري اچڻ کان پوءِ به ڪين پل اوترو ئي پري نظر اچي ٿي جيترو پهريون ڏٺي هئائون. تڏهن اچرج واري لهجي ۾ پٽس چوڻ لڳي ٿو.

”پٽ جهمورا! هي ته وڏي عجب ماجرا ڇئبي... ڏس پل اڳتي ئي اڳتي هلندي پئي وڃي.“

”بلڪل ابا ۽ هُو ڳوٺ به... ڳوٺ جي مسجد جا مينار پڻ اسان سان گڏ اڳتي هلندا پيا اچن.“

”هي ڪهڙي رمز آهي جا سمجهه کان ٻاهر لڳي ٿي.“

”وڏي حيرت واري آهي ابا!“

”هونهه... پڪ سان پانيان ٿو ته ڪو اونهو اسرار آهي... اسان روز ماڻهن سان پوڳ چرچو ڪندا آهيون پر اڄ اسان سان ڪو پوڳ پيو ٿئي.“

ائين ڳالهيون ڪندا هو ٻئي هلندا ٿي رهيا. هاڻ ٽپهري ٽيڻ تي هئي، گهڻو پنڌ ڪرڻ ڪري سندن وجود ساڻا ٿي چڪا هئا. گهڙي گهڙي دريا جو گدلو پاڻي پيئڻ ڪري سندن چپ خشڪ ٿي چڪا هئا. ڏنگرين ۽ ڪنڊيدار ٽارين مان گذرندي ڪپڙا ڪيترن ئي هندن تان اڏڙي، ڦاٽي پيا هئا ۽ پير سڄي پٿون ٿي چڪا هئا پوءِ به هنن کي پل ۽ دريا پر وارو ڳوٺ پهريون جيتري پنڌ تي نظر پئي آيا. هلندي.. سهڪندي پٽس وڏا ساهه پريندي نيٺ ساڻائي لهجي ۾ پٽ کي چيو.

”هاڻ ٻيهي رهه پٽ... دريا پار واري ڳوٺ تائين رسڻ شايد اسان جي مقدر ۾ ناهي... ائين خالي هلندا رهياسين ته ڪڏهن به پل وٽ پهچي ڪونه سگهنداسين.“

”هاڻ ڇا ڪجي پوءِ؟!“

”ڪرڻو وري ڇاهي... هل ته پنتي موٽي ٿا هلون.“

”نه ابا... هاڻ پوئتي موٽي ڇا ڪبو؟!... اسان جي منزل ته دريا پار واروِ اهو ڳوٺ آهي... هونئن به واپس ورڻ مڙد ماڻهو جو ڪم ناهي هوندو.“

”تون سچ ٿو چوين... پٽ اسان جون ته عورتون به دريا جي گجگوڙ وارين ڇولين کان ڪين ڊڄن ۽ ڪچن دلن تي چڙهي هي شينهن دريا پار پونديون هن.“

”او اتي اچ جاءِ ني.... ابا واهه جي مڙسن واري ڳالهه ڪئي اٿئي.. هاڻ اچ ته دريا ۾ لهي تري ٿا پئون.“

”اهو پلجي به نه سوچ.. هڪ ته پاڻ سان سامان آهي... ٻيو تون ڪٿي ٿڪجي پئين ته پوءِ؟!“

”منهنجو الڪو نه ڪر ابا... باقي سامان اتي پهچي ٻيو ونڌاسين.“ موٽ ۾ پٽس ڪوبه جواب ڏيڻ بدران سامان هيٺ رکي يڪ ٽِڪ دريا جي پاڻي جي گهرائي جو اندازو ڪندي خود سوچ جي دريا ۾ ٻڏي ويجي ٿو. اوچتو ڪتن جي ڀونڪار جا آواز اپرندي هنن جي ڪنن سان ٽڪرائڻ ٿا لڳن.

”هن جهنگ منجهه هي آواز؟!“

”بروبر آواز اٿئي ابا.“

”چو نه هلي رات انهي آوازن واري آباديءَ ۾ هلي گذاريون پوءِ ساجهر سان ئي تازه ٿي پنهنجي سفر تي نڪري پونداسين.“

”جا تنهنجي مرضي ابا.“

پوءِ آوازن جا پيرا ڪڍندي پٽس اڳ ۾ءِ هُو پنيان پنيان ائين هلڻ لڳو جيئن ڪو ڪڙپيل پيري چور جي پيرن پنيان هوندو آهي. هو وڌندا رهيا ڪين آوازن سان گڏ هاڻ مال جي ڦڙڪڻ جا آواز به ٻڌڻ ۾ تي آيا. دريا هاڻ هنن جي هر وک ساڻ ڪانئن پاسيرو ٿيندي پري ٿيڻ لڳو. هو جيئن ئي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ويجهو ٿيا ته پٽس ٻيرن جي وڻن ڪي ٽڪيندي بيهي رهي ٿو.

”ٻيرن جي وڻن ۾ ٻير... رب خير ڪري.. ڪو اونهو اسرار آهي.“ موٽ ۾ هاڻ ننڍو ماٺ رهندي آسمان ۾ تڪي ٿو ته وڏو وري ڳالهائڻ شروع ڪري ٿو.

”چا پيو ڏسين؟!“

”ابابيل آهن تن کي پيو ڏسان.“

”بيشڪ ابابيل ئي آهن.“

”بس! ويچارا هوندا داڻي پاڻي جي ڳولها ۾.“

”ڪهڙي خبر متان ڪجهه ٻيو به ڳولهيندا هجن.“

”ٻيو مطلب؟!“

”غور سان ڏس جهمورا اهي اصل ابابيل نٿئي پر هاٿين متان ويهي چنگهارڻ ۽ گوشت کائڻ وارا آهن.“

”هي هنڌ نيڪ ناهي... هل ته هتان نڪري هلون.“ هاڻ پهريون پيرو ننڍو ڏنو هو.

”ابا مولا سڻائي ڪندو... ڪجهه ڏنڊو ڪيون... رات گذاري فجر مهل نڪري پونداسين.... تون دل نه لاهه.“

”جا تنهنجي مرضي ابا.“ ننڍي هميشه وانگي عاجزي مان ڪنڌ نوائي وراڻيو.

ڳوٺ ۾ داخل ٿيندي ئي هو ٻئي هڪ ڪليل ميدان تي سامان رکي پنهنجي اردگرد جي ماحول جو جائزو وٺڻ لڳن ٿا. پوءِ ننڍو پٽ تي چادر وڇائي هڪ ڪنڊ کان ٿي ويهي ٿو ۽ وڏو بانسري سان گڏ ڊگڊگي وڄائي تماشي جي شروعات ڪري ٿو ته جهٽ پلڪ اندر ڳوٺ جا ڪوڙ سارا ٻار هنن جي چؤگرد جمع ٿي مڙي وڃن ٿا، جن کي ڏسندي سندن چهرا خوشيءَ مان ٻهڪي پون ٿا ۽ سموري ڏينهن جي ٿڪاوٽ ازخود ختم ٿي وڃي ٿي. بانسري ۽ ڊگڊگي وڄائيندي پٽس جڏهن ٽڪجي پوي ٿو ته بيزاري جي عالم ۾ چوڻ لڳي ٿو.

”هي ڪهڙو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ هڪ به مرد يا عورت اچا تائين ظاهر ناهي ٿيو هنن ٻارن آڏو ته آءٌ وڃي ويو هان.“

”ڪهڙي خبر هن ڳوٺ جي وڏڙن پنهنجن ڪنن ۾ ڪپهه پري ڇڏي هجي، شايد تڏهن ٻوڙا ٿي پيا هن.“

”ڪنن ۾ ڪپهه پر اهي ائين ڇو ڪندا جهمورا؟!“

”اهو ان ڪري جو ڏهن ماڻهو خير جي خبر نه ٻڌندو هجي ته پوءِ سندس دل هر شئي کان بيزار رهڻ لڳندي آهي.“

”واهه جمهورا تون کي سبق خوب ياد آهي.... هاڻ هي ٻڌاءِ ته توکي اِها خبر ڪيئن پئي ته هنن کا خير جي خبر ناهي ٻڌي.“

”اهو ته مان هنن جون هي معصوم شڪليون ڏسي سمجهي ورتو اٿم.“

”تون سچ ۾ هوشيار ٿي ويو آهين جمهورا.“

”تنهنجو چيلو جو ٺهيو هان ابا.“

”ممڪن آهي هنن پنهنجن پيئرن کي شهر نيڪالي ڏئي ڇڏي هجي.“

”ها جمهورا! اسان سچ ۾ غلط هنڌ اچي نڪتا هون.“

”بروبر ابا.“

”هن ڳوٺ جو ڪو به بالغ مرد ۽ عورت نظر ناهي آيو.. شايد اهي سڀ اسان جيان ٻئي هنڌ تماشو ڏيکارڻ ويا هن.“

”ٺيڪ آهي پهريان هنن جي اچڻ جو انتظار ٿا ڪيون.“

”پر ڇا لاءِ؟!“

”ڏسڻو آهي اهي وڏا ناٽڪي هن يا اسين.“

”نه پٽ جمهورا نه... مون کي ته هنن جي ٻارن منجهان ڊپ لڳڻ لڳو آهي... تون ڪجهه غور سان ڏسين ته هي ٻار ڪيڏي نه عجيب و غريب شڪلين وارا هن.“

”اها ڳالهه آهي ته پوءِ اُٿ ته هتان هلون.“

”هلون ٿا پر ترس مونکي پڇڻ ڏي ته هنن جا وڏڙا آخر ڪٿي آهن.“

”اسين پنھنجا پاڻ ئي وڏڙا آھيون.“ پھريون ڀيرو ميڙ مان ھڪ ٻار جو آواز اڀريو.

جنھن تي ٻئي پيءُ ۽ پٽ ڇرڪجي ويڻ تا ۽ پنھنجي حيران گاڏڙ حالت تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪندي ڊپ ۾ وڪوڙيل وجودن کي لڪائڻ جي لئہ مضبوط ٿي بيھن ٿا، تڏھن ھڪ ٻيو پختي عمر وارو جامڙو ٻار ڪڙڪ لھجي ۾ ڳالھائڻ لڳي ٿو.

”بروبر منشي سچ ٿو چوي.. ۽ ھا ٻڌي ڇڏيو تہ جيڪي ماڻھو اسان کي پاڻ کان ننڍڙو ڇئي اسان جي بي عزتي ڪندا آھن تن کي ھن ڳوٺ ۾ ھڪ پل بہ ترسڻ جي اجازت ناھي ملندي.. سو ھاڻ ڀلو انھيءَ ۾ اٿئو تہ تڙ تڪڙ ۾ تماشو ڏيکاري ھلندا ٿيو.“

”مطلب تہ ھت وڏي قد ڪاٺ وارو ڪوبہ ماڻھو ناھي رھندو.“

”اسين رھڻ ڏيون تہ پوءِ نہ... اھڙن قدآورن کي ھٽي پورو ڪري ڇڏيندا آھيون.“ ميڙ مان بيٺي ھڪ ٽئين ٻوني ڪلندي وراڻيو ھو.

”ھي ڳوٺ معنيٰ تہ....“ وڏي ايترو مس چيو تہ سامھون ايندڙ ٽئين ننڍڙي قد واري ھن جي ڳالھہ ڪٽيندي اتان ئي وراڻو ھوس.

”ھا مان ئي ھن ڳوٺ جو وڏڙو بہ آھيان تہ وري چڱو مڙس بہ سمجھہ... پر ھاڻ وڌيڪ نخرو نہ ڪيو ۽ تماشو شروع ڪيو.. جي سنو تماشو ڪندؤ تہ انعام بہ سنو ملندو.. وڌيڪ وقت برباد ڪرڻ فضول آھي.“

”ھن وقت تہ اسين پاڻ تماشو پيا ڏسون.“ جھموري مشڪندي چيو تہ سمورن بيٺلن جي اکين ۾ ڪاوڙ جا ٽانڊا ٻري اٿيا. ھڪڙي وک وڌائي ڪاوڙ ۾ کين ڏمڪايو.

”اڙي وات ڳاڙھا ڇورا! تون وري اسان مٿان ٺوڪون ٿو ڪرين.“

”لڳي ٿو تہ تون ئي سردار جو پٽ آھين.“ جمھوري جي لھجي ۾ اجا بہ شوخي ۽ طنز ڀريل ھئي.

”سردار جو پٽ نہ پر مان پاڻ ئي سردار آھيان... باقي توکي ھي ڀوڳ مھانگو پوندو ڇورا.“

”ھا ھا... اھوئي اسان جو سردار اٿئي... اسان جو وڏڙو بہ اھو تہ چڱو مڙس بہ“ پر جھمورو ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي ڪلندو رھي ٿو تڏھن پٽس ويجھو ايندي آھستي چوڻ لڳيس ٿو.

”ابا ماٺ ڪر... اسان سچ ۾ ھنن بندرن جي ڳوٺ منجھہ اچي ڦاٿا آھيون.“

”پوڙھا وات نہ ھڻ... تڪي جا مداري تو اسان کي بندرو ٿو چوين... تنھنجي ايتري ھمت... سردار جو منھن ڪاوڙ ۾ ٽامڻي ھٽي ٿو وڃي.“ ۽ ھا! ھاڻ آخري ڀيرو ٿو چوانءِ تہ پنھنجي ڇوري جي زبان کي لغام ڏي.“

”پٽ جمھورا ماٺ ٿي.... ھي ڪو اونھو راز آھي، تو ھاڻ ھڪڙو اکر بہ نہ ڪڇجانءِ.“

”ھي تہ سڀ ٻار ھن ۽ تو ڪھڙي راز جي ڳالھہ پيون ڪرين.“

”نہ پٽ نہ... هي سڀ هرگز ٻار نہ اٿئي... ٿورو غور سان تڪين توکي هنن جا منهن جهڙيرڌئي پوڙها ٿي ويل ۽ وار سڀ جا سڀ اڇا نظر ايندئي.... هنن جون عمريون وڏيون هن پر ذهن اڃا ڪچا ٿا لڳن... هي سڀ جا سڀ بيحد خطرناڪ ٿي سگهن ٿا.

”هائو ابا! هي سڀ وڏي تعجب واري رمز لڳي ٿي.“

”ڏٽي کي دعا آهي تہ سڀ خير ڪري.“

انهيءَ دوران ڪجھ وڏيڪ ڄامڙا ٻار مٿن تي ڪتولا... هنڌ... ڪرسيون ۽ موڙا ڪٽي پهچن ٿا جن سيني تي ڏسندي ئي هُو ڪچهري واري انداز ۾ هنن جي چؤگرد ويجهي وڃن ٿا. پوءِ سردار فاتحانہ اندازن ۾ حڪم ڏيندي ٻنهي پيءُ پٽ کي چئي ٿو.

”تماشو شروع ڪيو وڃي.“ ڪي پل هُو ٻئي پٽر جي ٻُتن جيان ماٺ ۾ رهن ٿا. آخر وڏو پريشانيءَ جي حالت ۾ سيني ڏي نهاريندي پٽ تي رکيل پنهنجي ٿيلهي مان هڪ هڪ ڪري سامان ٻاهر ڪڍڻ لڳي ٿو. سڀ کان اول هو ٿي گولا زمين تي رکي پيالن سان ڍڪي پوءِ ڪجھ منتر پڙهي ڦوڪن واري انداز ۾ هڪ هڪ پيالو جيئن کڻڻ ٿو لڳي تہ گولا غائب نظر اچن ٿا. هُو مشڪندي داد جي طلب ڪري ٿو پر موٺ ۾ ڪوبہ تاڙي نٿو وڄائي ۽ ماٺ ۾ رهي ٿو. تڏهن هُو وري پيالا اونڌا رکي منتر پڙهي جيئن پيالا سنوا ڪري ٿو تہ سمورا گولا ڀڃريون واري حالت ۾ نظر ٿا اچن. هن ڀيري بہ هرڪو ماٺ ۾ رهي ٿو.

ٻيو تماشو شروع ڪندي وڏو مداري ڪيسي مان روپئي جو سِڪو ڪڍي جادوئي منترن سان ٻيا بہ ڪيترائي سِڪا ناهيندي مخصوص انداز ۾ چوندو رهي ٿو.

”منهنجا قدردانو.. صاحبو مان جادوگر ناهيان هي سڀ رڳو هٿ جي صفائي جو ڪمال آهي... جي مان سچ ۾ جادوگر هجان ها تہ پوءِ ائين تماشا ڪرڻ بجاءِ گهر ۾ ويهي سوين سڪا جوڙيان ها.“

”ها ڙي ها پوڙها مداري.. اسان سڀ ڄاڻون ٿا تو پنهنجو تماشو جاري رک.“ سردار طنز جو تير وهائيندي چئي ڏنو تہ موٺ بہ اهڙي ڏيندي جمهوري پيءَ جو بچاءُ ڪيو هو.

”جي اهڙي خبر اٿئي تہ پوءِ پاڻ ميدان ۾ اچي تماشو ڪر.“

”مداري! تنهنجو هي ڇورو وڏي نقصان ۾ ويندءِ.“

سردار جي ڪاوڙ کي ٺاريندي هو هٿ ٻڌي جهڪي وڃي ٿو.

”سرڪار! معافي ڏيو... هي ٻار آهي اڃا... هاڻ ائين هرگز نہ ڪندو....“ پوءِ ڪاوڙ واري نهار سان جمهوري کي ماٺ رهڻ جو اشارو ڪندي هُو الائي تہ ڪيترا نوان نوان تماشا ڪري ٿو پر ويٺلن مان نہ ڪنهن جي وات منجهان ”واهہ“ جو لفظ اڪري ٿو ۽ نہ ئي وري هٿ پاڻ ۾ تاڙي لئہ ٽڪرجن ٿا. نيٺ ٿڪجي، هارجي تنگ ٿيندي هُو نئون اعلان ڪري ٿو.

”هاڻ آخر ۾ آءُ جمهوري جي ڪنڌ تي ڇري ڦيري ڪيس ذبح ڪري وري ڀيهر جيئرو ڪرڻ وارو تماشو پيش ٿو ڪريان.“

اهو اعلان ٻڌندي ئي سردار سميت سڀ جا سڀ ڪيتري دير تائين خوشيءَ مان تاڙيون وڄائيندا ڪڏندا رهن ٿا. هي سڀ ڏسي مداري خود بہ خوش ٿيندي حيرت ۾ وڪوڙجي وڃي ٿو ان ڪري جو هو جڏهن بہ اهو تماشو ڏيکارڻ جو اعلان ڪندو هو تہ اڪثر ماڻهو ڪيس ائين ڪرڻ ڪان روڪيندي ناپسندگيءَ جو اظهار ڪندا هئا پر هي سڀ جو سڀ بي انتها خوش ٿي رهيا هئا.

پوءِ هُو جمهوري کي زمين تي سمهاري مٿس اهڙي ريت چادر اوڍڻ لڳي ٿو جيئن هو هميشہ کان ڪندو ٿي آيو. ڳوٿريءَ مان ڇري ڪڍي هن جي تکي ڌار تي هٿ ڦيرڻ لڳو تہ پهريون پيرو هن جي آڱرن منجهہ رڪٽي پرجي وڃي ٿي پر تماشو پورو ڪرڻ جو خيال ايندي ئي هُو پاڻ سنڀالي وري ڳالهائڻ شروع ڪري ٿو.

”منهنجا مهربانو! دنيا ۾ هن طرح سان ڪوبہ پيءُ پٽ جي ڪنڌ تي ائين ڇُري ڦيرڻ جي همت نٿو ڪري سگهي. اِها همت ۽ حوصلو خدا جي پيغمبرن کان سواءِ باقي ڪنهن بشر ۾ ناممڪن آهي پر ڇا ڪجي پاپي پيٽ جي خاطر (پيٽ تي سڄو هٿ رکندي) هي تماشو بہ ڪرڻو پوي ٿو جيڪو نظر جو دوکو آهي ۽ بس.“

”اسان کي خبر آ... اسين سڀ ڄاڻون ٿا.“ هڙئي ويئل هڪ آواز تي ڳالهائڻ لڳن ٿا جن پٺيان شوخيءَ سان پيريل سردار جو آواز اڀري ٿو.

”اڙي مداري اجايو ڳالهين ۾ وقت برباد نہ ڪر... هٿ ۾ جهليل ڇري هلاءِ ۽ تماشو ڪر.“

”ڇري هلاءِ ڇري... مداري جلد ڪر... ڇري هلاءِ.“ موٽ ۾ سمورن جا آواز گڏجي آسمان جي بلندي ۾ گم ٿي وڃن ٿا. رڙين جي تيز آوازن تي هُو وري ڏڪي, هراسجي پوي ٿو ۽ هٿ ۾ جهليل ڇري جيئن جهموري جي ڪنڌ مٿان وهائي ويهي ٿو سڀ جا سڀ ڄامڙا تماشبين خوشيءَ مان ڪڏندي نچندي, سيٽيون وڄائيندي هن طرف سِڪا اڇليندي, جمهوري جي وري جيئرو ٿي اُٿڻ کان اڳ سڀ جو سڀ اٿندا, ويندا رهن ٿا. هُو اهو سڀ ڏسي هڪ هنڌ پنڊ پهڻ ٿي وڃي ٿو. اکيون حيرت مان ڦاٽي وڃنس ٿيون, جڏهن سمورو ميدان تماشبين کان کيس خالي ٿي ويل نظر اچي ٿو تہ پنهنجي وجود کي سامت ۾ آڻيندي پٽ تي پيل پٽ جهموري کي خشڪ ٿي ويل نڙي مان ٻاڙي لهجي ۾ چوي ٿو.

”پٽ جهمورا... منهنجا جگر اُٿ... اُٿ هي سِڪا ميڙ تہ هن ڳوٺ مان نڪري هلون....“

موٽ ۾ ڪوبہ جواب نہ ڏيندي جهمورو جيئن جو تيئن ئي پٽ تي پيل رهي ٿو. هن جو وجود لرزجي وڃي ٿو سٽ ڏئي پٽ مٿان وڌل چادر کي جيئن ئي لاهي ڦٽو ڪري ٿو تہ رت ۾ ٻڏل جمهوري جي سسي سندس ڌڙ کان ڌار ڏسي دماغ چڪرائجي پويس ٿو ۽ ٻولاٽي کائي پاڻ بہ پٽ تي ڪري پوي ٿو پوءِ هن جون دانهون سموري ڳوٺ ۾ گونجندي ڌرتي کان آسمان تائين ويندي بلند فضا ۾ گم ٿي وڃن ٿيون.

# امراؤ طارق

(1932ع- 2012ع)



اردو ڪهاڻي جو ڪينواس به شاعري جيان وسيع آهي، جنهن ۾ ستر واري ڏهاڪي ۾ امراؤ طارق جو نالو پڻ نمايان اهميت رکي ٿو جيڪو بنيادي طور تي نرالن موضوعن وارو ڪهاڻيڪار هئڻ سان گڏ تحقيق، سماجيات ۽ سوشل سائنس ۾ به سگهارو ليکڪ ڳڻيو وڃي ٿو. 15 مارچ 1923ع ۾ فتح پور (هسوا) يو. پي جي هڪ زميندار گهراڻي ۾ جنم وٺندڙ هن ليکڪ جو اصل نالو سيد طارق علي آهي، جنهن جي خاندان ورهاڱي بعد لڏ پلاڻ ڪري پهريائين حيدرآباد دکن، پوءِ ڍاڪا (بنگلاديش) ۽ آخر ۾ سن 1962ع ۾ ڪراچي ۾ اچي مستقل رهائش اختيار ڪئي. جتي هن کي مولوي عبدالحق (باباءِ اردو) جي صحبت ۽ ويجهڙائي ملي، ائين هن مدرسه اسلاميه (مسلم انٽر ڪاليج) فتح پور، حليم مسلم ڪاليج ڪانپور، اردو ڪاليج ڪراچي مان ايم. اي سياست ۾ گولڊ ميڊلسٽ رهي، اتان ئي ايل. ايل. بي ڪري سنڌ پوليس ۾ ڀرتي ٿيو جتي ترقي ڪندي ڊي. آءِ. جي جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو. انجمنِ ترقي پسند اردو جي ڊپٽي سيڪريٽري جي عهدي تي رهي ادب ۾ تحقيق سان گڏ ڪيترين ئي ڪانفرنسون ۽ سيمينار پڻ منعقد ڪرايائين.

امراؤ طارق ادب ۾ لکڻ جي شروعات نثر سان سن 1954ع ۾ ڪئي، پوءِ افسانه نگاري ۾ هن جي سڃاڻپ هڪ ڪهاڻيڪار طور تي ٿي. سندس پهريون ڪهاڻي ڪتاب ”طوائف“ ڇپجڻ تي سن 1979ع ۾ ڪيس ادم جي ادبي ايوارڊ ڏنو ويو. هن جي مشهور ڪتابن ۾ خشڪي په جزيرا (ڪهاڻيون) سن 1986ع ۾، دهنڪ ڪي سباقي مابده رنگ (خاڪا) 1993ع، ڊاڪٽر فرمان فتح پوري: حيات خدمات، 3 جلد، 1994ع، فوجداري قانون جا بنيادي اصول (قانون) 1995ع، معتوب (ناول) 1995ع، خود نوشت تنقيد خود نوش (جيون ڪٿا) 1998ع، ادا جعفري فن ۽ شخصيت 1998ع، تمام شهرني پهني هوئي هين دستاني (ڪهاڻيون) 1998ع ۾ شامل آهن.

امراؤ طارق ڪيترن ئي رسالن جي ادارت سان گڏ ريڊيو پاڪستان عالمي سروس جو پروگرام آپ ڪا خط ملا جو ائن سالن تائين ميزبان ٿي رهيو ۽ پوليس ڊپارٽمينٽ جي پهرئين انگريزي ادبي رسالي ”پوليس مين“ جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي. هن منفرد انداز ۽ اسلوب واري ڪهاڻيڪار جي وفات 8 ڊسمبر 2011ع تي ڪراچي ۾ ٿي. سندس شاهڪار ڪهاڻي ”ويهن سالن کان پوءِ“ جو ترجمو هتي پيش ڪجي ٿو.

[اردو ڪهاڻي] امراؤ طارق]

# ويهن سالن کان پوءِ

مان اڄ ان ساڳئي ايئرپورٽ جي رن وي تي اچي بيٺو آهيان، جتي ويهه سال اڳ هڪ اونداهي رات جي پيٽ ۾ موت جي راڪاس کان لڪندو... ٿڙندو... ٿاپڙندو... رن وي تي بيٺل جهاز ۾ اچي پناهه ورتي هئم... ۽ پوءِ جڏهن جهاز جي وڏن ڦيٿن ۾ چرپر ٿي هئي، تڏهن پنهنجي بچي وڃڻ جو احساس ٿيو هئم... ان وقت خوف جي چادر ويڙهيل جهاز جي اندر ويٺل بيا ماڻهو ائين نظر آيا هئا، جيئن دوڪان ۾ سنواري رکيل بي جان رانديڪا پيا هوندا آهن... اها هڪ قيامت خيز رات هئي، جيڪا ڪنهن تيز طوفان جيان آئي ۽ پاڻ سان سڀ ڪجهه اڏاري کڻي وئي.... انسانيت مري چڪي هئي... ماڻهن جي گهرن ۾ لڳايل باهيون سندن جسم ۾ گردش ڪندڙ رت کي بہ ساڙي رهيون هيون... عورتون اڻ ڏٺل مقام ڏانهن ڪنهيون ويون... الهڙ جوانيون سرِعام ننگيون ڪيون ويون... جن جي ماس کي انسان جانور بڻجي پٽيو هو... ڳڀرو جوانن جي رت جي درياهه ۾ ابهم ٻارڙن جا لاش ترڻ لڳا هئا... آدم جو اولاد انسانيت جا سمورا سبق وساري وحشي بڻجي ويو هو. جن جون آهون ۽ دانهون اکين ۾ تيرن جيان چڀي رهيون هيون.

انهيءَ ڪاري رات ۾ هڪ هزار فٽن جي بلنديءَ تي جهاز ۾ موجوده هر هڪ هراسيل ۽ لٽيل انسانن جي اکين آڏو اهي سڀ منظر ائين گردش ڪري رهيا هئا جيئن سئنيما اندر پردي تي ڪا فلم هلندي هجي... جهاز جي عملي کي پاڻ ۾ آهستي ڳالهه ٻولهه ڪندو ڏسي هر ڪنهن کي اهو ئي ڀؤ ٿيڻ لڳو هو جڻ سندس بابت انڪوائري ٿيندي هجي ڪي پنهنجي وڇڙي ويل پيارن کي ياد ڪري رهيا هئا تہ ڪن کي مارجي ويلن جو ڏک شدت سان تڙپائي رهيو هو. جن کي روئندي ڏسي معصوم ٻار هراسجي چُپ ٿي ويا هئا.

هاڻي اهو چڱيءَ طرح سان ياد نہ اٿم تہ اها سياري جي شروعاتي مُند جي ڪهڙي تاريخ هئي! هونئن بہ مون لاءِ هاڻي تاريخ ۾ ڪجهه ناهي رکيو؟ انهيءَ ڏنپ ڏيندڙ واقعي کان پوءِ تاريخ مون لاءِ بي معنيٰ بڻجي پئي آهي.... مس ڪيڙي مان پنل مور جي ڪنين وارن تلڪن سان لکيل اڄ تائين جي سموري تاريخ من ۾ ڪابہ اٿل پئدا نہ ڪري سگهي آهي! انسان جو جڏهن ويساهه اُٿي وڃي... انسانيت جا سڀ نظريا ڪوڙ جو پنڊار نظر اچن تڏهن بادشاهن جي شاهي لقبن سان نوازيل مورخن جي تاريخ جي ڪابہ اهميت ناهي رهندي.. هونئن بہ اڄ جي دؤر ۾ فلسفي ڳالهيون ۽ آدرشي قصا ڪتابن جي ورقن ۾ قيد ٿي ڪتب خانن جي زينت بڻجي ويا آهن جنهن پاسي وڃڻ لاءِ ڪير بہ تيار ناهي... اڄ ان کان وڌيڪ عبرت اسان کي بس اسٽاپ تي بيٺل جوان جماڻ ڪاليجي ڇوڪريءَ کي ڏسي ٿئي ٿي... جنهن جون

اڪيون خوف کان جهُڪيل... ۽ هٿ ڪتابن ۾ سوگها هوندا آهن ۽ جنهن کي گهر اُسهڻ کان اڳ اهو احساس من ۾ ڪاٽ هڻندو رهندو آهي... ڪٿي ڪو شڪاري رستي ۾ وچايل جار ۾ ڦاسائي ڪيس قيد نہ ڪري وجهي... هاڻي اهو سڀ ڪو آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو تہ اسين واقعي بہ ڪيترا ئي نہ مهذب آهيون!؟ مان انهن ئي خيالن ۾ گم بينو هئس جو هڪدم زال ۽ ڌيءُ جي سڏ تي ڇرڪ ڀري اٿي انهيءَ جاءِ تي بينس جتان ويهہ سال اڳ مون حياتيءَ جا ٻچيل ڏينهن سنيالي اچي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪئي هئي. پنهنجو پاڻ کي ائين هراسيل حالت ۾ رن وي تي بيٺل ڏسي ائين لڳو هو جڻ وقت جو ڦرندڙ ڪانٽو ويهہ سال پٺتي موٽي آيو هجي!....

ايئرپورٽ هلڪڙي اونداهيءَ جي پاڪر ۾ هئي... اجا سج ڪونہ اڀريو هو. اسين پهرين تہ ميزبانن جو انتظار ڪندا رهياسين... ۽ پوءِ جڏهن چڱو وقت گذريو تہ مان زال ۽ ڌيءُ سامان کڻي پهريان اميگريشن ڪائونٽر تان ۽ پوءِ ڪسٽم چيڪ پوسٽ تان فارغ ٿي ڪين وٺي اچي ٻاهر لائونج ۾ ٿي وينس.... ٻاهر فرش کي صاف ڪندي ڀنگي هر هر ٽيڏي اک سان انڪوائري ڪائونٽر تي ويٺل پشم جهڙي دلڪش ڇوڪريءَ کي تڪي رهيو هو جا هٿ ۾ جهليل هڪ رنگين فلمي رسالي جا فوٽو ڏسڻ ۾ مگن ويٺي هئي.... اهو سڀ الائي ڇو منهنجي دل کي ڏاڍو سٺو لڳي رهيو هو تڏهن ئي منهنجي نظر هڪ ٻئي عارضي ٺاهيل ڪائونٽر تي وڃي پئي، جتي ڪجهہ ماڻهو شايد اسان جي اوسيئڙي ۾ ئي بيٺل هئا. اهو ڪائونٽر ڪانفرنس منعقد ڪرائيندڙ تنظيم جي پاران ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙ غير ملڪي دانشورن جي لاءِ ٺاهيو ويو هو. پوءِ مان سامان جي ٽرالي، زال ۽ ڌيءُ وٺ ڇڏي وڃي بيٺل ماڻهن سان مليس ڪين پنهنجو مڪمل تعارف ڪرايم تہ هرهڪ مون سان وڏي اُڪير مان ڀاڪر پائي مليو. انهن مان هڪ ڄڻي اڳتي وڌي اسان جو سامان کڻي آيو ۽ ڪار جي ڊگيءَ ۾ رکيائين... ۽ پوءِ ڪافيءَ جو سَپ ڀريندي منهنجي ڌيءُ اوچتو مون کان سوال ڪيو هو "بابا! توهان ٻڌايو تہ شهر ۾ هتي...!؟"

"ها ڌيءُ! هاڻي اهو طوفان گذري چڪو آهي."

مون هن جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي ورائيو هو. تڏهن انڪوائري ڪائونٽر تي ويٺل ڇوڪري ڳالهہ نہ سمجهندي مون کي چيو هو "سر ڪهڙو طوفان...! هيءُ موسم طوفانن جي نہ پر سير و تفريح جي آهي!"

"ها پٽ! هاڻي واقعي بہ طوفانن جي مُند گذري چڪي آهي." مون ڪيس جواب ڏيندي ڳالهہ کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو... ڀلا هن معصوم کي ڪهڙي خبر تہ هتي ڇا ڇا نہ ٿي گذريو آهي!

اسان جي ڪار هڪ ڊگهي ليڪي واري ايئرپورٽ روڊ کي ڇڏي جڏهن شهر ۾ داخل ٿي تہ مان هر شئي جو جائزو وٺڻ لڳس....

ويهہ سال اڳ جيڪو شهر مون خوف ۾ ڇڏيو هو اهو اڄ مون کي ڏاريو ٿي لڳو جتي مان پنهنجي ننڍپڻ کان وٺي جوانيءَ جا ڏينهن گذاريا هئا... روڊ جي ڀر ۾ بيٺل بجليءَ جي قطار واري ٿنڀن ۾ ڪيراڻ جهڙن بلبن جي روشني مون کي بيحد اداس ۽ ٿڪل نظر آئي هئي... ۽ پوءِ جڏهن صبح جي گهميل هوا گهلڻ لڳي تہ هوا سان گڏ سميل بدبوءِ بہ اسان جي ساهن ۾ سمائجڻ لڳي هئي... هي منهنجو شهر هو

جيڪو اڄ مون لاءِ اوپرو اوپرو هو. شهر ڪيئن اوپرا بڻجي ويندا آهن انهيءَ جو اونهون احساس مون کي اڄ پنهنجي شهر کي ڏسي ٿيو هو.

”هتي ته مڇين جي ڏاڍي بدبوءِ آهي.“ نڪ تي رومال رکندي، منهنجي زال بيزارگيءَ مان وراڻيو هو....“ اِها ڌپ اسان سان هوٽل تائين گڏ هلندي آئي هئي.

اسان ٿنهي کي هڪ فائيو اسٽار هوٽل جي ڪشادي ۽ صاف ستري ڪمري ۾ ترسايو ويو. ناشتي کان فارغ ٿي منهنجي زال ۽ ڌيءُ هوٽل جي بالڪنيءَ ۾ ويهي شهر جي صبح واري زندگيءَ جو منظر ڏسي رهيون هيون. هي هن شهر جو سڀ کان مهانگو هوٽل هو جتي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙ سڀني مهمانن کي ترسايو ويو هو. ڪانفرنس پڻ شام کان هتي ئي شروع ٿيڻي هئي... جنهن لاءِ آئون پنهنجي مقالي کي ڏسي رهيو هئس ته ايتري ۾ فون جي گهنٽي بار بار وڄڻ لڳي... مون اُٿي جيئن ئي رسيوَر کنيو ته هُن پاسي کان ليڊي آپريٽر جو سُريلو آواز گونجيو هو... ”سر توهان جي فون آهي؟“

”منهنجي فون...!“ آئون حيرانگيءَ ۾ وڪوڙجي ويس.

”جي ها سر! ڪا عورت... ڪالهه کان وٺي ڪيترائي ڀيرا اوهان جي لاءِ فون ڪري چڪي آهي.“ آپريٽر جي اها ڳالهه ٻڌي منهنجي حيرانگي وڌي وئي جو هن شهر ۾ ڪنهن عورت سان منهنجي ڪابه سڃاڻپ نه هئي. مون آپريٽر کي فون ملائي ڏيڻ لاءِ چيو.

”هيليو!!“ منهنجي آواز تي هوءَ ڳالهائڻ لڳي هئي، ”تو بابت مون اخبار ۾ خبر پڙهي ته تون ڪانفرنس ۾ اچين پيو. اهي منهنجا ڀاڳ جو توکي وري اکين سان سامهون ڏسندس. تو مون کي سڃاتو الائي نه!“

”فاطمه تون!... آهه“ مون هڪ ٿڌو ساهه ڀريندي چيو هو.

ها! هوءَ منهنجي فاطمه هئي... اهو ئي ڳالهائڻ جو سُريلي آواز وارو منٺڙو لهجو... مان ڀلا هن کي ڪيئن وساري سگهندس.

”تون اڄا تائين مون کي بلڪل به ناهي وساريو!“ هن ڳالهايو هو.

”تون سچ پچ فاطمه آهين؟“ اوچتو منهنجي من ۾ بيقراريءَ جي باهه ڀڙڪي آئي هئي.

”ياد ڪر!... مون توکي چيو هو جي تون وڇڙي به وئين ته به آئون تنهنجي ڳولا ڪري تو تائين پهچي ويندس....“ هڪدم هن جي لهجي ۾ ڏڪڻي اچي وئي هئي. ”جيون جا جيڪي ڏينهن توسان گڏ گهاريا اٿم اهي سڀ اڄ به شاهد آهن ته آئون ئي تنهنجي فاطمه آهيان.“

”فاطمه! تون زنده آهين!؟“

”هائو! فقط اُن ڪري جو اڄا تائين تون به ته زنده آهين!“

”پر پنهنجي سڙي ويل گهر کي ڏسي... مون ته توکي مئل ۽ سڙي ويل سمجهيو هو.“

”تو رڳو سڙندڙ گهر کي ڏٺو هو. مون کي نه.... پر هاڻي جڏهن تون پنهنجو جوان پٽ به ڏسندين ته وڏيڪ حيرانگي ۽ خوشي ٿيندئي!“

”منهنجو جوان پٽ!“ فاطمه جا لفظ پالي جيان اندر ۾ ڪُپي ويا هئا.

”ها! هٿ ۾ پير صفا تو جهڙو آهي... عادتون به تو وانگر ڏاريون اٿائين... توکي ڪهڙي خبر... هو شين کي ائين محسوس ڪري ٿو جيئن تون ڪندو هئين... سندس هلڻ مان لڳندو اٿم ڄڻ تون ايندو هجين... تو سواءِ مون وقت جا ويهه ورهيه هن کي ڏسي گذاريا آهن. جي هيءُ به نه هجي ها ته تنهنجي فاطمه شايد تڏهن ئي مري وڃي ها.“ هن جي لفظن جو درد مان پنهنجي اندر ۾ اوتبي محسوس ڪرڻ لڳو هئم.

”فاطمه! تون ڪٿي آهين!؟... مان توسان ملڻ لاءِ بيچين آهيان؟“

پوءِ هن فون تي مون کي هڪ اسپتال جو ڏس ڏيندي ائڊريس سمجهائي، جتي هوءَ نوڪري ڪندي هئي. مان زال ۽ ڌيءُ سان هڪ پراڻي دوست سان ملڻ جو ڪوڙو بهانو ڪري ٽيڪسيءَ ۾ سوار ٿي اُن اسپتال طرف هليو آيو هئس... رستي ۾ شهر جي حالت ڏسندي منهنجين نظرن اڳيان ويهه سال پراڻا واقعا ٻيهر اُڀري آيا هئا. اهو دؤر ڏاڍو سٺو هو مان فاطمه سان گڏ خوشحال زندگي جيءُ رهيو هئس. تڏهن اوچتو نسلي فساد برپا ٿيا. مان ان وقت آفيس ۾ پنهنجي ڪم ۾ مصروف هئس ۽ فاطمه منهنجي اوسيئڙي ۾ ويٺل هئي جو ڪنهن اچي مون کي اطلاع ڏنو هو ته شهر جي ٿيندڙ فساد ۾ منهنجو گهر به ساڙيو ويو آهي.... مان پاڳلن جيان ڀڄندو، لڪندو جڏهن گهر اڳيان پهتو هئس ته منهنجين نظرن جي آڏو سڙي ويل گهر جي خاڪ جو ڍير باقي بچيو هو... ۽ پوءِ فاطمه جي ڳولا ڪندي اسپتالن، مرده خانن ۾ ٺاڻن جا چڪر ڪاٽي منهنجا پير پٿون ٿي چڪا هئا پر ڪٿان به مون کي فاطمه جو ڪو ڏس پتو ڪونه مليو هو! تڏهن دل ۾ هي خيال ڪري ته شايد گهر ۾ اندر هوندي هوءَ سڙي مري چڪي آهي، پنهنجو پاڻ کي ڪوڙو دلاسو ڏئي رشوتي نوٽن جي سهاري هڪ اونداهي رات ۾ اچي رن وي تي بيٺل جهاز ۾ پناهه ورتي هئيم، جيڪو ڪٽمنڊو کٽي پهتو پوءِ پنهنجي لُٽجي ويل دنيا کي ڀُلائي مون هڪ نئين زندگيءَ جي شروعات ڪئي هئي.

”صاحب اسپتال اچي وئي!“ ڊرائيور جي سخت لهجي واري آواز ئي منهنجي ذهن تي ويٺل ماضيءَ جا سمورا پوپٽ اڏري ويا هئا... هوءَ اسپتال جي مُک وڏي در وٽ منهنجي انتظار ۾ بيٺل هئي. هن جي پر ۾ هڪ حسين قدآور ڳڀرو جوان به بيٺو هو جنهن جي نظرن ۾ مون پاڻ لاءِ اوپرائپ محسوس ڪئي هئي... ۽ پوءِ مون کي اڳتي وڌندو ڏسي فاطمه ٻار جيان ڊوڙي مون سان چقمق جيان چنبڙي روئي پئي هئي... هن جو پريل بُت هڏن جي مُٺ وڃي بچيو هو. سندس چهري جي حسين نقشن تي هاڻي غربت ۽ بي وسيءَ جا نه ڊهندڙ ليڪا باقي بچيا هئا... وٽس ماضيءَ جي يادن کان سواءِ باقي آواز وڃي رهيو هو... فاطمه ميري ساڙهي جي پلئه سان اکين ۾ بيٺل ڳوڙهن کي اگهندي چيو هو ”تون ڪيڏو نه بدلجي ويو آهين!؟“

”سڀ ڪجهہ بدلجي ويو آهي فاطمہ! هاڻي اهو سڀ ناهي رهيو جيڪو اڳ هوندو هو.“ مون ڪي هن سان ملڻ ۽ سندس اهڙي حالت ڏسي دلي صدمو رسيو هو. منهنجي دل ۾ ان وقت، وقت جي لاءِ نفرت پيدا ٿي پئي هئي.

”هي شڪيل آهي!... تنهنجو پٽ!.... تنهنجي امانت!“ پنهنجي پير ۾ بيٺل نوجوان جي ٻانهن ۾ هٿ وجهندي فاطمہ خوشيءَ سان ٻڌائيندي مون طرف وڌڻ لڳي.

”منهنجو پٽ!... شڪيل!.... ش... ڪ... ي... ل!“

مون نانءَ ورجائيندي هن کي پنهنجي سيني سان لڳايو تہ هو بہ ٻارن جيان منهنجي ڀاڪر ۾ روئڻ لڳو هو.

”ڪيئن! آهي نہ تو جهڙو!“ هُن سڏڪا ڀريندي هاڻ خوشيءَ مان ڳالهايو هو.

”مون کي يقين نٿو اچي تہ هڪ ڏينهن... منهنجو بابا ائين مون سان اچي ملندو.“

”ڇو پٽ؟... فاطمہ! تو کي مون بابت اڳ نہ ٻڌايو هو ڇا؟“

منهنجي انهيءَ سوال تي شڪيل جي اکين ۾ فاطمہ لاءِ نفرت ڀرجي آئي هئي. هن منهن ٻئي طرف ڪري خاموشي اختيار ڪئي هئي.

”شڪيل پٽ! تون هاڻي پيءُ کي وٺي گهر هل... آئون ٿوري دير ۾ ڪم ختم ڪري اچان ٿي... پوءِ دل کولي ڳالهيون ڪنداسين.“

رستي سان مان شڪيل کي پهريون هڪ وڏي بازار ۾ وٺي آيس. هن کي جينز... ٽاءِ... نوان وڳا... بوٽ خريدي ڏنا... فاطمہ لاءِ رنگين ساڙهيون ورتم ۽ پوءِ اسان ٻنهي پيءُ پٽ گڏجي هڪ عاليشان هوٽل ۾ ويهي منجهند جي ماني کاڌي.. جڏهن مان فاطمہ جي گهر کي ويجهو ٿيس تہ گندگيءَ جي ڪري منهنجي ساهہ ۾ ڏپ ڀرجي آئي جو هوءَ هڪ ڪچي آباديءَ جي بند گهر ۾ رهندي هئي... اسان ڪان پوءِ فاطمہ بہ گهر پهچي وئي... هڪٻئي سان دل کولي حال احوال ڪياسين.... جڏهن شام ٿيڻ لڳي تہ مون ساڻن ٻئي ڏينهن ملڻ جو واعدو ڪري کين پڪ ڏياري تہ جلد ئي ٻنهي کي پاڻ وٽ گهرائيندس منهنجي وڃڻ جو ٻڌي فاطمہ ۽ شڪيل جي خوشيءَ وارن چهرن تي اداسي ڇانئجي وئي هئي.

ٻئي ڏينهن صبح سان ئي مون پنهنجي زال ۽ ڌيءُ کي تاريخي جاين جو سير ڪرايو. کين بي انتها شاپنگ ڪرائي، هوٽل تي پهچي مان کين چاهڻ جي باوجود شڪيل ۽ فاطمہ بابت ٻڌائي نہ سگهيو هئس... شام جو ڪانفرنس جي پڄاڻي تي... مان فاطمہ ۽ شڪيل جو خيال دل تان لاهي واپسيءَ جي تياريءَ ۾ لڳي ويس... اسان کي مان ۽ عزت سان وڏي قافلي جي صورت ۾ ايئرپورٽ تي آندو ويو جتان هرڪو پنهنجي پنهنجي ملڪ ڏانهن واپس ورٽو هو.

هڪ ڀيرو ٻيهر مان پنهنجي زال ۽ ڌيءُ سان گڏ ماڻهن جي هڪ ڊگهي قطار ۾ بيٺل هئس، جتي ويهہ سال اڳ ٻيهي مون هي ملڪ هميشہ لاءِ ڇڏيو هو جڏهن منهنجو سڀ ڪجهہ لٽجي ويو هو.. جهاز ۾ سفر ڪندي منهنجي زال مون سان جڻ تہ گهڻو ڪجهہ ڳالهائڻ تي چاهيو پر الائي ڇو همٿ نہ ٿي ڪري

سگهي، تڏهن اوچتو ايئر هوسٽس جو مڌر آواز گونجيو هو ”اسين هينئر هڪ هزار فوٽن جي بلنديءَ تي آهيون.... انشاءَالله! ٿوريءَ دير ۾ ايئرپورٽ تي لهنداسين... مسافرن کي گذارش آهي ته پنهنجا حفاظتي بئلٽ ٻڌي ڇڏيو... مهرباني!“

اعلان پورو ٿيندي ئي منهنجي زال پنهنجي بيقراريءَ کي روڪي نه سگهي ۽ منهنجي ساڄي ڪن ۾ سرگوشي ڪندي چيائين.

”(.......)“

”ڇا تون فاطمه ملي هئينءَ؟“ لفظ بندوق جي گوليءَ جيان منهنجي زبان مان نڪتا ۽ پوءِ منهنجو وجود هڪ ڀيرو ٻيهر حيرانگيءَ جي وڻ ويڙهيءَ ۾ وڪوڙجي ويو هو. مان چاهيندي به رڙ ڪري روئي نه سگهيو هيم، ان لاءِ جو منهنجي دنيا هڪ دفعو وري لٽجي چڪي هئي.

# آغا گُل

(1951ع ـ حال حيات)



بلوچستان جي پهاڙن ۽ صحرائن واري سخت گير ڌرتيءَ سان تعلق رکندڙ آغا گُل 19 نومبر 1951ع هرنائي ۾ پيدا ٿيو. هن پرائمري کان ڪاليج تائين جي تعليم مختلف شهرن مان پرائي، ان کان پوءِ اردو انگريزي ۽ سياست سبجيڪٽن ۾ گريجوئيشن ڪري پهريان ليڪچرار بڻيو پوءِ سي. ايس. ايس. جو اعليٰ امتحان ڏئي پاڪستان پوسٽ ۾ مختلف عهدن تي خدمتون سرنجام ڏيندي ايڪيهين گريڊ ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل پوسٽ آف پاڪستان جي حيثيت سان ريٽائر ٿيو. اڄڪلهه بلوچستان جي نمل يونيورسٽي ۾ اهم انتظامي عهدي تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

اردو سان گڏ بلوچي زبان جي ادب ۾ به آغا گل فڪشن جو منفرد تخليقڪار ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آهي. ادب ۾ هن جا ٻارنهن ڪهاڻين جا مجموعا، چار ناول، به تاريخي ۽ ٻي مختلف موضوعن بابت لکيل ڪتاب ادبي سرمايو آهن. جن ۾ هن بلوچستان خطي جي عوام جي بدحالي، بي حسي ۽ محرومي کي بيان ڪرڻ سان گڏ سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتن ۽ ملڪي حالتن کي موضوع بڻايو آهي. هن جا ٽي عدد انگريزي ۾ لکيل ڪتاب به اهميت وارا آهن. آغا گُل جي ادبي خدمتن عيوض سندس مختلف موضوعن تي ڇهه ايم. فل مقالا، به پي. ايڇ. ڊي جا ٿيسز لکيا ويا آهن. آغا گُل جي هڪ شاهڪار ڪهاڻي ”پرٿوي- غوري“ جو ترجمو هت پيش ڪجي ٿو.

[اردو ڪهاڻي  آغا گل]

# پرٿوي-غوري

هُو ٻئي پاهڻن جي اوٽ ۾ وڻن جي ٿُڙن پنيان لڪندي، هڪٻئيءَ مٿان گولين جو مينهُن وسائيندي، برفيلي ميدان ۾ لُڏڙن وانگي ٽيلن پر ليٽڙندي وڙهندي وڙهندي هاڻ پنهنجي پنهنجي مورچن جي حدن کان ٽِڙي، گهڻو هن برفيلي طوفان منجهه پري نڪري چڪا هئا. هر فائر سان غوري دشمن سپاهيءَ کي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو ٿي رهيو ته ساڻس ٻيا به ڪيترائي ساٿي ساڻ آهن، اڪيلو هرگز به

ناهي. جڏهن تہ هن جي دشمن سپاهي پرتويءَ کي وري هن ڳالهہ جي پڪ ٿي چڪي هئي، تہ سندس هڪ گولي دشمن غوريءَ جي جسم کي چيري پار نڪتي آهي ۽ هُو هاڻ هن جي پڪڙ کان پري ناهي، توڙي جو هُن جو وجود بہ گولي چِيري وئي هئي. ائين هڪٻئي مٿان برفيلي طوفان جي برف باري وانگي گوليون هلائيندي، نيٺ آمهون سامهون ٿيندي ٻکئين پئجي، وڙهندي ڪرندي هڪ اونهي تهہ واريءَ کڏ ۾ اچي ڪريا هئا. جنهن ڪري، رهڙن ۽ ڌُڪن جا نشان هنن جي مُنهن تي چِٽا ٿي بيٺا هئا.

اُيا بيٺل پهاڙَ جمي ويل برف جي تَهن سان اچا بہ وڌيڪ بلند نظر ٿي آيا. جن جي چوُطرف زندگيءَ جو ڪوبہ وجود نظر نٿي آيو. سواءِ گهلندڙ سرد هوا جي، جيڪا ماٺ جي زور کي توڙيندي، جڻ تہ پناهہ گاهہ جي ڳولا ۾ ڪڏ هيٺ هر هر لهي ٿي آئي. جتي هُو ٻئي زخمي حالت ۾ اکين ۾ اکيون وجهي، هڪٻئيءَ کي ائين گهوري رهيا هئا، جيئن سرد برف باريءَ واريءَ مند ۾ ٻُک وگهي پاهہ ٻڌجي ويل بگهڙ هڪٻئيءَ سان اکيون ملائي تاڙ ۾ ويهندا آهن ۽ پوءِ سندن ئي ڪو ساٿي اکيون ٻوٽي وجهندو آ، تہ هڙئي پنهنجي اُن ساٿيءَ کي چيري ڦاڙي کائي وجهندا آهن.... هنن ٻنهي جي زخمن مان تمندڙ رت بيهجي وئي هئي، جن جو معمولي تدارڪ ڪندي پٽيون ويڙهيون هئائون. پر، پاڻ ٻئي بي ست ٿجي چڪا هئا. پرتويءَ جون اکيون ڍريون ٿيڻ لڳيون، تہ هڪدم پاڻ سنڀالي دشمن کي جاڳ ۾ هئڻ جو احساس ڏياريندي چوڻ لڳو:

”اجهو منهنجا ساٿي پهچڻ وارا ائي. پوءِ توکي جيل ۾ واڙيو ويندو.... پر تنهنجو بئلٽ ۽ ٻيو سامان پنهنجي اوطاق ۾ سجائيندس، جيئن منهنجي بهادريءَ جي قصي ۾ تون بہ جيئرو رهين.“

غوري، درد وچان ڪِنجهندي، پرتويءَ کي ڪوبہ جواب نہ ڏيندي، هڪ پٿر کي ٽيڪ ڏئي ويٺو رهيو. جنهن جو هڪ هٿ جي.ٿري رائيفل جي ٽريگر تي مضبوطيءَ سان رکيل هو. گولي لڳڻ سبب هُن جي همت جواب ڏيڻ لڳي هئي. پاڻ کي مرندڙ حالت ۾ محسوس ڪندي، سندس اندر وڍجي بہ اڌ ٿيڻ لڳو هو ۽ ساڻائي سندس باقي بچيل سَتَ کي جِئور جيان چوسي ختم ڪري رهي هئي. انهيءَ موقعي جو فائدو وٺندي، پرتويءَ اک ڇنڀ واري ڦڙتيءَ سان پيرن پر پيل رائيفل کڻي پوزيشن سنڀالي ورتي ۽ پوئتي ٿي غوريءَ وانگي ئي پٿر کي ٽيڪ ڏئي سندس مٿان سِڌي ڪئي، تہ هُن مرڻ کان اڳ شهادت جو ڪلمو پڙهڻ شروع ڪيو.

”دل ۾ مٿان ڪا حسرت رهجي وڃئي، هڪ ڀيرو وري پڙهي وٺ.“ دشمن سپاهيءَ جو هيءُ جملو غوريءَ جي وجود تي ڳري ڇپ جيان اچي ڪريو. جنهن کيس وڌيڪ ساڙيندي چيو.

”۽ ها! پنهنجو اکيون بہ ٻوٽي ڇڏ. مان ٽن تائين ڳڻي، پوءِ فائر ڪندوسانءِ.“

”هر سپاهيءَ جي پهرين خواهش اهائي هوندي آهي تہ هُو شهيد ٿي مري.... مان بہ شهيد ٿيندس. تون پيلي هلاءِ گولي، مان موت کان نہ ٿو ڊڄان.“

”هڪ.... ٻه....“ تائين ڳُٽپ ڪندڙ پرٿويءَ جي زبان بيهجي وڃي ٿي. پوءِ هُو جيئن ڦِڪي کِلَ ڪليو ته سندس وات مان رت جي گرڙي وهي نڪتي. جنهن کي زبان ورائي، چپن وٽان صاف ڪندي، غوريءَ کي تَڪي رهيو هو جيڪو اڃا تائين جوش ۾ ورتل هو.

”جي. ٽري ۾ پيل گولين کان علاوه، مون وٽ ٻيون به موجود آهن. پر، تون به اهو ٻُڌي ڇڏ، ته توکي ڪونه ماريندس.... پاڻ سان گڏ قيدي ڪري وٺي ويندس.“

ڪجهه گهڙيون بي ست بڻجي ويل غوري هاڻي جوش جي جذبي سان سرشار ٿي ويو هو. موٽ ۾ پرٿوي ڪيس اڃا تائين شوخ نظر سان گهوري رهيو هو جنهن مٿان غوري دابي واري انداز ۾ جي ٽري اُڀي ڪندي، ڪيترن ئي سوالن جا تير ڪنهن هوشيار تيرباز وانگي گڏ اُڇليندو ٿي ويو.

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟!!.... ڪهڙي يونٽ سان واسطو اٿئي ۽ رينڪ ڪهڙي اٿئي.... پلو انهي ۾ اٿئي، ته منهنجن سوالن جا جلدي جلدي جواب ڏيندو وڃ؟!!“

”تنهنجي لاءِ بس هي ڪوڙ آهي، ته منهنجو نالو پرٿوي راج چوهاڻ اٿئي؟!“ پرٿوي به ساڳي جرئتمند لهجي ۾ وراڻي ڏني، ته ڪيس غوري دابي سان وڏيڪ ڏمڪائيندي چيس، ”ياد ڪر گذريل وقت جي تاريخ کي، جيڪا اڄ به گواهه آهي ته مون توکي ماري مڃايو هو. هاڻ اها تنهنجي ڀُل هوندي، سو ڪا به چالاڪي ڏيکاريئي، ته انجام ماضيءَ کان به وڌيڪ خراب نڪرندئي.“ اِهو ٻُڌي، پرٿويءَ جو گهايل چهرو ٽامڻي هڻي ويو ۽ اکيون ڪاوڙ ۾ ٽانڊن جيان ٻَري اٿيس.

پوءِ هُو ٻئي هڪٻئي تان نظرون هٽائي انهن زخمن کي تڪڻ لڳن ٿا، جن مان رت وري سيمو ڪري وهڻ لڳي هئي. ڪجهه وقت لاءِ ماحول ۾ ماٺار ٿي وڃي ٿي. وقت جا پهر پَلِيءَ پير هلندي پنهنجي منزل ڏي وڌندا رهن ٿا. هُو ٻئي ٿڪجي پيا هئا. سندن وجودن مان سَتُ ڇڏائبو ٿي ويو. پوءِ به ٻنهي جا حوصلا بلند هئا. زمين تي هن برفيلي جهنگ واري ماحول ۾ ڪاريءَ وارا ڪک نظر ٿي آيا ۽ مٿي آسمان تي ڪارا ڪارا ڪڪر ٽولن جي صورت ۾ ڊُوڙون پائي رهيا هئا. جن لهندڙ سج جي باقي روشنائيءَ مٿان به شام جي پاڇن جڻ ڪارو ٿان اوڍي ڇڏيو هو. جڏهن ته وڏا ڏگها وڻ هوا تي جهومندي جڻ هوا جي جُهوٽن سان وڙهي رهيا ها. هُو ٻئي هاڻ پنهنجي سيمو ڪندڙ رت مٿان وري ته رکي پٽيءَ سان قابو ڪري ٻيهر بکايل بگهڙن وارين نظرن سان هڪٻئيءَ کي گهوري رهيا هئا. ان سمي ٻنهي جي حالت ان شخص جيان رحم جوڳي نظر ٿي آئي، جيڪو معذوريءَ ڪارڻ هڪ هنڌ پيل هوندو آهي.... سج جي روشني هاڻ ڪڪرن ۾ رلجي، هنن ٻنهي جي نظرن کان کسڪڻ لڳي هئي. ڪارن ڪڪرن باقي بچل آسمان جي حالت کي عجب رنگ ۾ رنگي وڌو هو.

”پرٿوي! تو وٽ ماچيس هوندو؟!“ غوريءَ جو انداز اڃا به فاتحانه هو. پرٿوي ڏڪندڙ هٿن سان ڪيسي مان ماچيس ڪڍي، غوريءَ طرف اڇليو جڻ ڪيس ڪنهن پٿر هڻي ڪڍيو هجي. غوري به ڏڪندڙ هٿن سان ماچيس ڪٽندي ٻُڌڪيو ”پاڻ کي ڪاٺيون ميڙڻيون پونديون. هن ڪم لاءِ تنهنجي مدد درڪار آهي.“

”غلام ناهيان جو تنهنجو هر حڪم مڃان.“

ڪجهه دير پرتوي ماٺ رهي، پوءِ ڪجهه سوچي، نيٺ رڙهندي، پنهنجي چؤگرد ڪِنڊڙيل ڪاٺيون ميڙي گڏ ڪري، غوريءَ آڏو رکي ٿو جيڪي سموريون پوسل ورتل هُيون. هُو سهڪي رهيو هيو. ڪيس هڪ گولي ٽنگ ۾، ته ٻي وري ڦڦڙن کي چيري آر پار ٿي وئي هئي. ماچيس ۾ ٻارڻ جون تيليون باقي وڃي بچيون هُيون. غوريءَ چار پنج تيليون ٻاري ڪاٺين اندر ڏنيون، جي سڀ پڙڪو ڪائي وسامي ويون. اهو ڏسي، ٻنهي جي مُنهن جا پَنا لهي ويا. پوءِ پرتويءَ عقل منديءَ وچان پُڇڪندي چيو.

”ماچيس مون کي ڏي.“ غوريءَ ماچيس کي هُن طرف اڇليو ته هُن ورديءَ جي پٺئين کيسي مان ٻٽون ڪڍي، ڪجهه ڪڙڪ نوٽ ڪڍيا ۽ ڪڙڪ نوٽن سان باهه ٻاري ڪاٺين اندر ڏني، ته باهه پڙڪو کائي مچي اٿي. پوءِ پرتويءَ ٽوڪ واري نوع ۾ غوريءَ کي نئون حڪم ڏنو.

”تون به پنهنجي کيسي مان نوٽن سان گڏ اِهي آمريڪي ڊالر ڪڍ. جيئرو رهندين ته وري ٻيا ملي پوندئي!“

پرتويءَ جي ٽوڪ جي موٽ ۾ ڪوبه جواب نه ڏيندي، غوريءَ ساڳيءَ ريت ٻٽونءَ مان نوٽن سان گڏ ڪڙڪ ڪاغذن جهڙا پنا ڪڍي، سندس حوالي ڪيا. باهه ۾ ٻرندڙ ڪاٺيون هاڻ چٽ.... ٽڪ جا ٽڪاءُ ڪندي دونهين سان گڏ اپرڻ لڳيون، ته هي ٻئي گرميءَ جو سيڪ وٺڻ لئه ويجهو ٿي ويٺا. غوريءَ کي هڪ ٻيو خيال ڪر موڙي جاڳيو. هُن ورديءَ جي اڳين کيسن مان به بوتلون ڪڍيون ۽ هڪ کولي باهه مٿان ڇٽڪي، ته باهه جا شعلا لَپڪندي وڌڻ لڳا. پوءِ هُو ٻئي ٿورو سُرِي، اچا به باهه جي ويجهو ٿي ويٺا ۽ ائين نظر اچڻ لڳا، ڄڻ پڳ مٽ يار هجن، جن جا پنهنجا وجود هيٺا ٿي ويا هئا. خالي ٻٽون پرتويءَ جي جهوليءَ ۾ پيل هئو، جنهن تي هُن جون نظرون اٽڪي بيٺيون هيون. اهو غوريءَ کي به باهه جي ڏڪندڙ شعلن ۾ چِٽو نظر اچي رهيو هو. هُن پنهنجاپ وچان پڇيس:

”نوٽن جي سڙڻ جو ڏک اٿئي ڇا؟!!“

”نه.“ پرتويءَ جا چپ رت ۾ رنگجي ويا. هن پنهنجيءَ ڳالهه کي طول ڏنو:

”هن ۾ منهنجي ڌيءَ جو فوٽو آهي، جنهن ۾ هُوءَ ماءُ جي هنج ۾ ويٺل آ.“ ۽ پوءِ هُو زال کي اکير مان تڪڻ لڳو ته هيءُ نعرو پنهنجو پاڻ هُن جي چپن تي تري آيو:

”موه سردا.... سيوا پوجا.... يگتي بليدان.“

پرتويءَ کي محسوس ٿيڻ لڳو ته باهه جي پڙڪندڙ شعلن ۾ هُن جي انا ۽ ارڏائي به سڙي وئي آهي ۽ وقت جا گذري ويل هي پل ان مٿان ڄڻ روج ڪري رهيا آهن. هُن وري افسرده لهجي ۾ پُڇڪيو:

”هي ڪيڏي نه عجب جهڙي ڳالهه آهي. جن نوٽن لئه پاڻ وڙهي مري رهيا آهيون، انهن کي انسان ڇاپي، وري پاڻ ئي تَنِ تي وڪامي وڃي ٿو.“

غوريءَ جو ڪٺڪائو رنگ زرد ٿيڻجي ويو هو. سندس نظرون پرتويءَ ۾ کتل هُيون. ”انسان دولت لاءِ نه، پر عقيدي خاطر سر گهوريندو آهي ۽ جن وٽ ڪو عقيدو هوندو آهي، سي اڏول انسان ٿيندا آهن.“

”مان بہ پنهنجي عقيدي خاطر وڙهي رهيو آهيان. ڪشمير منهنجو وطن آهي ۽ مان ان جو محافظ.“ موت ۾ پرٿوي پنهنجي عقيدي جي وضاحت بہ ڪئي. اونداهي رات ۾ واسينگ جيان ريڙهي پائيندڙ موت هنن ٻنهي طرف وڌي رهيو هيو ۽ اکين ۾ روشن اميد جا ڏيئا جهيڻا ٿيڻ لڳا هئا.

”پرٿوي فائر ڪر! ممڪن آهي تہ ڪو آواز ٻُڌي، پنهنجيءَ واهر لاءِ اچي نڪري.“

”بندوق ۾ گولي هجي ها، تہ توکي ڪڏهن جو پورو ڪري وجهان هان.... پر، نہ. شايد ائين بہ نہ ڪيان ها. تون زخمي آهين ۽ زخميءَ مٿان وار ڪرڻ اسان راجپوتن جو وڙ ناهي. سو تون فائر ڪر.“ پرٿويءَ جي هن عجيب جوابَ ڪجهہ دير لئہ غوريءَ کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو.

”اِها ڪهڙي خبر تہ هيءُ منهنجو علائقو آهي يا تنهنجو... پاڻ اڳ ئي هنن غارن کان بہ بچندي، برف ۾ ڀٽڪي هت پهتا آهيون. سو مان ڪيئن فائر ڪريان؟!“

”جي هيءُ منهنجو علائقو نڪتو، تہ اهو وچن ڪيانءِ ٿو تہ تنهنجي حفاظت منهنجي سر هوندي... هونئن بہ ڪجهہ دير ۾ تڏ پنهنجو ڪم پورو ڪرڻ واري آهي، سو تو ۽ مون وارو جهيڙو هاڻ بي مقصد آهي.“

”ٺا“ هڪ زور جي آواز سان ٽانڊي جيان ٻرندڙ گولي فضا کي چيري آسمان ۾ گم ٿي وئي. غوريءَ پيرن ۾ رکيل رائيفل جي گولين وارو پٽو هڪ پاسي ڪري رکيو ۽ چوڻ لڳو:

”جي دشمن اچي ويا، تہ مرندي مرندي ڪجهہ پاڻ سان وٺيو ويندس.“

هڪ ڀيرو وري سرسراهٽ سان هوا وڌي وئي. تڏ جو ديوتا جڻ هماليہ جي چوٽيءَ کان هيٺ لهي آيو هئو. جنهن ڪري، ٻہ سرد جُهوتا هنن ٻنهي جي جسمن کي ڳجهن جيان نوچيندي، ’هنده‘ وانگر جگر کي چباڙڻ لڳي هئي. گُهلندڙ هوا تي ٻرندڙ مچ ۾ ’چٽ، ٺڪ‘ جا آواز ڪندڙ ڪاٺيون پنهنجي ٻرڻ جو فرياد ڪري رهيون هيون.

”منهنجي ڏيءَ کي ٻڌائجانءِ تہ هُن جو پيءُ هڪ دلير سپاهي هو. جنهن دليريءَ سان وڙهندي ديس مٿان جان گهوري ڇڏي ۽ تون انهيءَ جو اکين ڏٺو شاهد آهين.“ باهہ ۾ اکيون اٽڪائي ويٺل پرٿويءَ جو ذهن تڏ ۾ ٻخ تي ويجهڻ ڪري سندس ڏند ڏڪڻ لڳا هئا، پر هُوڏ اجا بہ قائم هئس.

”منهنجي ڌرم ۾ ديش جو مفاد سڀ کان مٿاهون آهي.“

”وطن ۽ سرڪار ۾ فرق ٿيندو آهي.“ هن کي اڻ ڏٺو ڪندي، پرٿويءَ سندس جملي جي تشريح ڪندي پنهنجي ڳالهہ پوري ڪئي: ”تون ديس جو نہ، پر سرڪار جو وفادار آهين.“

”مان اڳ ئي زخمي آهيان. تون ويتر پنهنجن لفظن جي نشترن سان گهايل ٿو ڪرين.“

”پرٿوي ائين نہ آهي.... تون جي مون کي ڳوٺ ۾ ملين ها، تہ تنهنجو آدر ڀاءُ وڏي مهمانوازيءَ سان ڪريان ها. پر، افسوس جو پاڻ جنگ جي ميدان تي مليا آهيون.“

”تو وٽ سگريٽ آهي؟!!“ ڏڪندڙ هٿن سان ڊُکايل سگريٽ پرٿويءَ کي ڏنائين، تہ غوريءَ جا هٿ لرزڻ لڳا.... ٻہ ٽي ڪش ڀريندي، پرٿويءَ وڏيڪ ڪاٺيون باهہ ۾ اُڇليون، تہ باهہ مَچي اٿي. انهيءَ ويل هوا

جو وڏو لشڪر آسمان تان هيٺ ڏوڪي آيو ۽ رُڪجي ويل برف باري بہ هلڪڙي مينهن ڪڻين جيان پوڻ شروع ٿي. مَڇيل باهہ اجهامڻ لڳي ۽ گذرندڙ وقت جو هر پل پهاڙ جيڏو ڳرو بڻبو ٿي ويو. انهيءَ اونداهيءَ گهڙين ۾ هنن ٻنهي جي اکين ۾ جلندڙ جوت بہ وسامڻ لڳي، جن جي وجود ۾ باقي رت هر لمحي فريزر ۾ رکيل شين جيان ڄمندي ٿي وئي.... اوچتو ماٺ جي ماحول ۾ ڪجهہ چرپر جو آواز پري ڪان ويجهو ٿيندا ٿي ويا. جن هنن جو ڏيان ڇڪايو ۽ هُو ٻئي ڏڄي ويا. پوءِ اُهي آواز وحشت واري اونداهيءَ سان گڏ رلندي کين گهڻو ويجهو ٿيندا ويا، جيڪي هاڻ مڏمر نہ، پر خوف زده ٿي ويا هئا ۽ سرد رات جي قيامت واريءَ ٿڌ کان بچڻ لاءِ ڪنهن ٿاڪ سان گڏ پيٽ جي بک مِٽائڻ لاءِ آتا هئا.

”پرٿوي، غور سان ٻُڌ! پاڻ بگهڙن جي گهيري ۾ آهيون. هاڻ وقت جي تقاضا سمجهہ. باهہ کي مَچائي، دل ۾ پاٻوهہ پيدا ڪر. هونئن بہ اونداهي، تنهائي، نفرت ۽ ٿڌ انسان جي روح کي بيچين ڪندي آهي.“

هڪ کوکلو ٽهڪ ڏيندي، موٺ ۾ پرٿويءَ بيوسيءَ مان وراڻي ڏنس.

”تنهنجي چالاڪيءَ کان بچڻ لاءِ هڪ خنجر لڪائي رکيو هئم. سو هاڻ ڪم ايندو ۽ تون بہ ياد رکندين تہ هڪ راجپوت وڙهندي توکي بگهڙن کان بچائي، پاڻ مري ويو هئو ۽ اسان راجپوتن جو ڌرم بہ اهو آهي تہ وڙهندي مارجي وڃون.“

”تون ڳڻتي نہ ڪر. منهنجيءَ بندوق ۾ گوليون ايتريون آهن. جو هڪ بہ نہ بچندو.“

ڪشمير جي ارڏن پهاڙن مٿان برف جا مڻ ڄمي ويا هئا، جيڪي زمين کان پهاڙن تائين اونداهہ جي پاڪر ۾ پريل هئا. باهہ جي پيڪن پٽڪڻ چڙي ڏنو هو. هنن ٻنهي جون حياتيون باهہ سان واڳيل هيون. پرٿويءَ جي آواز ۾ ڪنبٽي پرجي آئي هئي.

”منهنجو سورگ واسي پيءُ انگريزيءَ جو پروفيسر هئو. جنهن گهڻو اڳ هي ٻڌايو هو تہ انسانن جي وجود ۾ بہ بگهڙن جو روحُ اچي ويندو آهي. جن آڏو هارمجي، ٻيو انسان کوڏا کوڙي چڙي ٿو.“

موٺ ۾ غوري جڻ سندس ڳالهہ جي پڪ ۾ ڪنڌ لوڏي چوڻ لڳو.

”مون بہ ائين ئي ٻڌو آهي.... صفت وارن انسانن جو شڪليون بظاهر باقي انسان بگهڙن جهڙا هجن ٿا. لاطيني ٻوليءَ ۾ بگهڙ کي Vulpus چوندا آهن، جنهن مان لفظ Woll نڪتو آ ۽ انهيءَ مان وري Vagina يا Vulua نڪتا آهن.... تون اهو شايد نٿو ڄاڻين، تہ عقيدن جو خون ۽ انسانن جي تفريق ۽ ورهاست ڪرڻ هنن بگهڙن جو ڪم آهي.“

”انسان عقيدي خاطر سر گهوريندو آهي، نہ کي پيسي لئہ. پوءِ جان بچائڻ لاءِ ميڙيل دولت بہ قربان ڪري وجهندو آهي. جيئن پاڻ ڪجهہ دير اڳ نوٽ ساڙيا هئا.“ پرٿويءَ جو آواز اهڙي اونهي کوهہ مان اُپري نڪتو، جيڪو جڻ موت جي ڪاري پاٽيءَ سان پريل هئو.

”اسان ٻنهي جي رت ۾ شامل هاڻ بگهڙ شايد نڪري ويا آهن.“ اوچتو غوريءَ جو پيالي جهڙو جملو پرٿويءَ جي وجود ۾ ٽُنبجي ويو. انهيءَ پل هنن کان پريرو برف سان ڍڪيل وڻن ۾ چرپر ٿي. ٻنهي جي اڻ تڻ وڌي وئي. هُو ٻئي جنهن اونهيءَ ڪڏ ۾ اچي ڪريا هئا، اهو ٽن پاسن کان پهاڙن ڪري بند هئو. هڪ

طرف سوڙهو رستو موجود هو جتان ڪنهن جي حملي جو خدشو موجود هئو... هڪدم ڦڙت ڏيندي، غوريءَ رائيفل وٽن واري پاسي سِڌي ڪئي، جتي چرپر هئي. پر، برف ۾ سرد ٿي ويل هُن جو سمورو جسم هڪ هنڌ ئي باغي بڻيل هو.

”غوريا! مٿان فائر ڪيو اٿئي.... ممڪن آهي اهي منهنجا ساٿي هجن.... توکي ڪوبہ ڇيهو ڪونہ رسندو، مون تي ويساهہ رکُ.“

”جنگي قيدي بڻجي، پنهنجو سر بچاءِ، يا اهو مُور بہ منهنجي غيرت کي نہ ٿو ڄڃائي. ان ڪري تنهنجو هڪڙو بہ ساٿي نہ بچندو.“

ڄمي پٿر ٿي ويل وٽن جي ٽارين ۾ ائين چرپر وڌڻ شروع ٿي، جيئن ڪو بيهوش مريض هوش ۾ اچڻ لڳندو آهي. پوءِ ٽانڊن جيان ٻرندڙ ڪيترين ئي اکيون رات جي اونداهہ ۾ پري کان نظر اچڻ لڳيون، تہ غوري بہ پنهنجي پوزيشن سنڀالڻ لڳو... ڪيترائي بکايل بگهڙ هڪدم خونخوار آواز ڪيندا، هنن طرف وڌڻ لڳا. جيڪي سچ ۾ بہ رڳو بگهڙ هئا، نہ هندو، نہ ڪي مسلمان هئا. جن جا بُک ۾ پاهہ ٿيل وجود طوفاني سرد برفيلي رات ۾ پنهنجي شڪار جي نُوس نُوس ڪندي هنن تائين اچي پهتا هئا.

”غوريا! گولي هلاءِ.“ بگهڙن کي ويجهو ٿيندو ڏسي، پرٿويءَ دهشت وچان رڙ ڪري چيو. موت ۾ غوري ماٺ ٿي رڳو نشانو وٺي بيٺو رهيو. هڪ بگهڙ پرٿويءَ مٿان، تہ ٻين وري هوا ۾ ڪُڏندي غوريءَ مٿان حملو ڪري جيئن هيٺ ڪڏ طرف ڪريا، تہ غوريءَ بہ هڪٻئي پنيان ڪيترائي فائر ڪري وڌا. گولين ۾ بگهڙن جي اُپ ڏاريندڙ دانهون سان رات چڻ دانهون ڪري ڏچي وئي، تہ سموري جنگ جو ماحول خوف جي چادر ۾ ويڙهجي ويو.

”جي ماتا ڪالي“ جو نعرو هڻندي، پر ٿويءَ بہ مضبوطيءَ سان هٿ ۾ جهليل خنجر اوتري ئي طاقت سان ان بگهڙ جي پيٽ ۾ ٽُنبي ڏنو جيتري طاقت سان هُن ٽپو ڏئي مٿس حملو ڪيو هو. پر، خود بہ زخمي هئڻ ڪري بگهڙ جو وزن سهي نہ سگهيو ۽ ان سميت اچي پَٽ تي پيو. ٻئي طرف، پنج بگهڙ رتو رت ٿي هيٺ ڦٿڪي رهيا هئا. باقي بچيل هن دهشت سان پريل زور واري موت تي هراسجي پُٺتي ٿي، وڏا ڪڏ پري، ڪڏ ڪان نڪري، جهنگ اندر اونداهہ ۾ اونداهہ ٿي ويا هئا، تہ هڪ ڀيرو وري ماحول ماٺ جي مُٺِ ۾ قابو ٿي ويو پرٿوي ڪاوڙيل نهار سان غوريءَ کي تڪڻ لڳو جنهن جي موت ۾ هُن هي وضاحت ڪندي ڪيس ٽڏو ڪرڻ لڳو.

”هنن بگهڙن کي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ مون دير سان فائر ڪيا، تہ جيئن گهڻا ماري سگهجن، ڇو جو هنن جي جسم جي کل ۾ وڏي گرمي ٿيندي آهي.“

”تو نيڪ ڪيو. شايد هاڻ اسان واقعي ئي ڪجهہ وقت زنده رهي سگهنداسين.“ معاملي جي نوعيت کي سمجهندي، پرٿويءَ رت ۾ ٻڏل خنجر بگهڙ جي کل سان صاف ڪندي وراڻيو.

پوءِ ٻنهي گڏجي ماريل بگهڙن مان ٻن جي ڪل خنجر سان لاهي پاڻ ڍڪيو ۽ باقي مئل پنهنجي چؤگرد ويڙهي رکيا. ڪجهه وقت، جن بڪايل بگهڙن هنن کي پنهنجي کاڄ بنائڻ تي چاهيو سي هاڻ هنن جي حياتي بچائڻ جو ذريعو بڻجي ويا هئا.... تيز هوائون پهاڙن جي چوٽيءَ مٿان جيئن هيٺ لٿيون، ته ماحول ۾ ٿڌ جو ڀيٽو اضافو ٿي ويو. جنهن جي شدت سان هُو ٻئي بگهڙن جي کل ۾ هوندي به ڪراڙن جيان ڌڪي رهيا ها. جڏهن باهه پوري ريت وسامي چڪي، ته هُو ٻئي ڪنبندي ڌڪندي، ملي هڪ ٿي ويا. ٿڌ پنهنجي شدت سان اچا به تيز وڌي سندن جسمن ۾ سرائيت ڪري وئي ۽ رت ۾ ٻُڏل ڪلون هنن مٿان سوڙ جيان ويڙهجي ويون هيون، ته ٿڌڙي هوا جو دٻاءُ هنن مٿان ڪي قدر گهٽجي ويو.

”غوريا! هيءَ ويڙهه ڪڏهن ختم ٿيندي؟!“ پرٿويءَ جي هن اوچتي سوال تي غوريءَ موٽ ۾ صرف هي وراڻيو.

”منهنجي ۽ تنهنجي؟!!!“

”نه... پرٿوي ۽ غوريءَ جي ويڙهه. جيڪا نه ڄاڻ الائي ڪيترن صدين کان جاري آهي.“

غوري هن جي اکين ۾ نهاريندي پُر اعتماد لهجي ۾ جواب ڏنو ”جڏهن Vulpus اسان جا حاڪم نه رهندا.“

ٻنهي جا ساٿي سندن ڳولا ڪندي، ٻئي ڏينهن جي اجري روشنيءَ ۾ جڏهن هڪ ئي وقت ڪڏ وٽ پهتا، ته اچا جهنڊا فضا ۾ لهرائي، هڪٻئي مٿان اڳوات حملو نه ڪرڻ جي پڪ ڏيڻ لڳا. پوءِ ٻنهي پاسن کان ڪجهه جوان رسا ٻڌي هيٺ ڪڏ ۾ لٿا. جيڪا ٽن طرفن کان مڪمل طور تي بند هئي ۽ وٽن جي چوٿين طرف هڪ سوڙهو گس هو.

.... بگهڙن جي کل ۾ ويڙهيل ڄمي پارو ٿي ويل ٻه انساني وجود پاڻ ۾ مليل ڏسي، ٻنهي پاسن جا جوان حيران رهجي ويا. جيڪي هاڻ پاڻ ۾ ائين ملي چڪا هئا. جيئن لوهه چقمق ساڻ ملي پوندو آهي ۽ هاڻ سندن وجود ڪتجڻ کان سواءِ ڌار ڪرڻ ناممڪن ٿي لڳو... نيٺ ٻنهي کي جڏهن ڪٿي ڌار ڪيو ويو، ته هڪ کي پوري سرڪاري اعزاز سان سلامي ڏئي چتا تي چاڙهي ساڙيو ويو ۽ ٻئي جي وجود کي به ساڳئي اعزاز سان لحد ۾ لاهي، مٽن مٽيءَ هيٺ دفنائي، سندس قبر تي قل پڙهيا ويا.